سال (18) اربع 12 نومبر 2025ع 20 جمادي الاول 1447 هه صفحا 6 - ملهه 30 روپيه شمارو (52)

ABC THE MOST INFLUENTIAL & WIDELY ACCLAIMED SINDHI DAILY OF PAKISTAN
هڪ ئي وقت ڪراچي ۽ حيدرآباد مان شايع ٿيندڙ قديم سنڌي اخبار
THE DAILY IBRAT Hyderabad
روزاني عبرت حيدرآباد
68 Years 1958 - 2025
Regd: NO-2430-B
Hyd: Ph: 2728703-4, 2728571-2, Fax: 2781879, 2784300 - Isld Ph: 2823277
Karachi Ph: 2272030-7 - 4538862-3 - Fax: 2272038-9 - 4543839 - 2639492- Lahore: Ph: 5854047-8
سال (94) اربع 12 نومبر 2025ع 20 جمادي الاول 1447 هه صفحا 6 - ملهه 30 روپيه شمارو (89)
website: www.dailyibrat.com Email: ibrat@yahoo.com, ibratmarketing@yahoo.com

افغان حڪومت ڪالعدم ٽي ٽي پي ۽ ٻين دهشتگرد گروپن خلاف اثرائتي ڪارروائي ڪري: وزيراعظم

تڪرارن لمن جي اهميت ڪي وڌيڪ اجاگر ڪيو آهي، امن ۽ استحڪام، جنادار ترقي جو بنياد آهن، پرامن ۽ مستحڪم افغانستان ئي علائقائي رابطن، ترقي ۽ خوشحالي جي ڪنجي آهي

پاڪستان ثابت ڪيو آهي، ته هو پنهنجي خودمختياري ۽ علائقائي سلامتي جي تحفظ لاءِ هر قيمت ادا ڪرڻ لاءِ تيار آهي، ڪو به ملڪ اڪيلي سر ترقي نٿو ڪري سگهي

1947ع ۾ آزادي کان پوءِ پاڪستان هميشه کان ڳالهين ۽ سفارتڪاري ذريعي امن جو حمايتي رهيو آهي، اسان پختو يقين رکون ٿا ته امن ۽ سلامتي ئي قومي ۽ علائقائي ترقي جو بنياد آهي

امن جو حقيقي قدر ان وقت سڀ کان وڌيڪ محسوس ٿيندو آهي، جڏهن اسان انهن تڪرارن کي منهن ڏيندا آهيون جن جي ڪري اڄ به دنيا ورهايل رهي آهي ۽ امن خراب ٿي رهيو آهي

پاڪ فوج نه رڳو دشمن جي عزمن کي ناڪام بڻايو پر پوري دنيا سامهون اها حقيقت چٽي ڪري ڇڏي ته پاڪستان پنهنجي دفاع، خودمختياري ۽ علائقائي سلامتي کان پوئتي نه هٽندو

پاڪستان هميشه مظلومن جي حق ۾ آواز اٿاريو آهي، پوءِ اهو غزه جو معاملو هجي يا ڪشميرين جو، اهي سموريون قومون جن کي اڄ به بنيادي حقن ۽ آزادين کان محروم رکيو ويو آهي

عالمي محاذ تي پاڪستان عالمي مالياتي ادارن ۽ ترقياتي شراڪتدارن سان گڏجي ماحولياتي سڌارا، ڪلائميٽ ريزيلئنس ۽ سيڙپڪاري کي هٿي وٺائڻ لاءِ سرگرم آهي: اسلام آباد ۾ اسپيڪرز ڪانفرنس کي خطاب

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف امن ۽ استحڪام کي جنادار ترقي جو بنياد قرار ڏيندي چيو آهي ته سڄي دنيا ۾ جاري تڪرارن امن جي اهميت کي وڌيڪ اجاگر ڪيو آهي، پاڪستان ثابت ڪيو آهي ته هو پنهنجي خودمختياري ۽ علائقائي سلامتي جي تحفظ لاءِ هر قيمت ادا ڪرڻ لاءِ تيار آهي، پرامن ۽ مستحڪم افغانستان ئي علائقائي رابطن، ترقي ۽ خوشحالي جي ڪنجي آهي. افغان عارضي حڪومت ٽي ٽي پي ۽ ٻين گروپن خلاف اثرائتي ڪارروائي ڪري، ڪو به ملڪ اڪيلي سر ترقي نٿو ڪري سگهي، پاڪستان جامع معاشي سڌارا ڪري رهيو آهي. انهن خيالن جو اظهار هن گذريل

بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: بين الپارليامانی اسپيڪرز ڪانفرنس ۾ شريڪ مختلف ملڪن جي پارليامينٽ جي نمائندن جو وزيراعظم شهباز شريف ۽ سينيٽ چيئرمين يوسف رضا گيلاني سان گروپ فوٽو

اسلام آباد ۾ جي اليون ڪورٽ ويجهو آپگهاتي ڌماڪو، 12 ڄڻا شهيد، 27 زخمي

موٽر سائيڪل تي سوار آپگهاتي بمبار پوليس جي گاڏي جي ويجهو پهتو ۽ پاڻ کي ڌماڪي سان اڏائي ڇڏيو، ڌماڪي سبب ويجهو بيٺل گاڏين کي باهه وڪوڙي وئي

ڌماڪي بعد سيڪيورٽي فورسز علائقي کي گهيري ورتو، زخمين ۾ وڪيل ۽ اصيل پڻ شامل، زخمين کي پمز اسپتال نيو ويو، ايمرجنسي لاڳو، متاثر علائقي کي سيل ڪيو ويو

آپگهاتي بمبار جا عضوا اڏي عدالت جي اندر وڃي ڪِريا، ڌماڪو آپگهاتي هو ۽ واقعي واري هنڌ تان مبينا آپگهاتي بمبار جي مُنڍي به هٿ آئي آهي: پوليس عملدار

ڪورٽ ٻاهران ڌماڪي ۾ ڀارتي اسپانسرڊ ۽ افغان طالبان جي پراڪسي "فتنه الخوارج" ملوث آهي، منجهند 12 لڳي 39 منٽن تي آپگهاتي حملو ٿيو: وفاقي گهرو وزير جي تصديق

اسان جي جي پهرين ترجيح آپگهاتي بمبار جي سڃاڻپ ڪرڻ آهي، حملي ۾ ملوث ڪردارن کي وائکو ڪيو ويندو ۽ انا حملي ۾ افغانستان ملوث آهي: محسن نقوي جون ميڊيا سان ڳالهيون

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) اسلام آباد جي جي اليون سيڪٽر ۾ ڪورٽ پرسان آپگهاتي ڌماڪي جي نتيجي ۾ 12 ڄڻا شهيد ۽ ڪيترائي زخمي ٿي پيا آهن. اسلام آباد ۾ اڱاري ڏينهن منجهند اٽڪل ساڍي ٻارهين وڳي جي اليون سيڪٽر جي ڪورٽ ويجهو زوردار ڌماڪو ٿيو جنهن جو آواز پري پري تائين ٻڌو ويو. پوليس جو چوڻ آهي ته موٽر سائيڪل تي سوار

بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: مقامي عدالت ٻاهران ٿيل آپگهاتي ڌماڪي کانپوءِ اهلڪار شاهدين گڏ ڪري رهيا آهن ٻئي طرف پوليس الرٽ بيٺل آهي

فتنه الهندستان ۽ فتنه الخوارج جي آخري دهشتگرد جي موت تائين جنگ جاري رکنداسين: وزيراعظم

دهشتگردن جون اهڙيون بزدلاڻيون ڪارروائيون دهشتگردي خلاف اسان جي عزم کي ڪمزور نٿيون ڪري سگهن

ڀارت پاران خطي ۾ امن تباهه ڪرڻ وارو ڪندو چهرو دنيا سامهون بي نقاب ٿي چڪو آهي ۽ ڀارتي رياستي دهشتگردي جو بدترين مثال آهن

وزيراعظم شهباز شريف دهشتگردانه حملي ۾ شهيد ٿيل ماڻهن جي درجن جي بلندي ۽ پوئٽرن جي صبر لاءِ دعا به ڪئي

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد

بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 2

وزيراعظم شهباز شريف پاران سينيٽر عرفان صديقي جي لاڏاڻي تي افسوس جو اظهار

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد

بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 2

بي گناهه ماڻهن جو رت وهائيندڙ ملڪ دشمن آهن: گورنر فيصل ڪريم

ڪي پي ڪي جي گورنر پاران اسلام آباد جي عدالت ٻاهران آپگهاتي ڌماڪي جي مذمت

اسلام آباد (اي پي پي) ڪي پي ڪي جي

بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 2

27 هين آئيني ترميم سينيٽ مان منظور ٿيڻ بعد قومي اسيمبلي ۾ پيش

آئيني ترميمن جي بل ۾ آئيني عدالت جو قيام، پاڻمرادو نوٽيس جي خاتمي جا نڪتا شامل

فيلڊ مارشل جي عهدي کي تاحيات آئيني ۽ صدر مملڪت جو عهدو ڇڏڻ کان پوءِ ڇوٽ شامل

199 تحت هاءِ ڪورٽس ۾ رٽ پٽيشنز تي هلندڙ آرڊرز جون حدون به آئيني عدالت کي منتقل ڪيون ويون

اسلام آباد (اي پي پي) 27هين آئيني ترميم سينيٽ مان منظور ڪيل صورت ۾ قومي اسيمبلي ۾ پيش ڪئي وئي، جڏهن ته قانون ۽ انصاف واري وزير سينيٽر اعظم نذير تارڙ چيو آهي ته سينيٽ مان منظور

بقايا نمبر 40 ڏسو صفحو 2

ٻن ڏينهن واري بين الپارليامانی اسپيڪرز ڪانفرنس اسلام آباد ۾ شروع

افتتاحي اجلاس جي شروعات قرآن پاڪ جي تلاوت سان ٿي، پوءِ قومي ترانو پيش ڪيو ويو

اسان کي عالمي خوشحالي ۽ انصاف لاءِ گڏيل ڪوششون جاري رکڻيون پونديون

اسلام آباد (اي پي پي) ٻن ڏينهن واري بين الپارليامانی اسپيڪرز ڪانفرنس جي شروعات اڱاري ڏينهن اسلام آباد ۾ ٿي

بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: وزيراعظم شهباز شريف ۽ سينيٽ چيئرمين يوسف رضا گيلاني آءِ ايس سي جي سيڪريٽري جنرل ايڪنات ڏاڪل کي شيلڊ ڏئي رهيا آهن

ثبوتن کان سواءِ ڀارت پاڪستان تي الزام لڳائي ڇڏيا

دهلي ۾ ڌماڪي کان پوءِ گودي ميڊيا جي جنونيت سامهون اچي وئي

سوشل ميڊيا تي ڀارت جي الزامن جي سخت مخالفت ڪئي وئي آهي

اسلام آباد (اي پي پي) دهلي ۾ ڌماڪي کان پوءِ گودي ميڊيا جي جنونيت سامهون اچي وئي آهي، ثبوتن کان سواءِ ڀارت

بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 2

اسان حالتِ جنگ ۾ آهيون، اسلام آباد تائين جنگ کي آڻڻ هڪ پيغام آهي: وزير دفاع

پاڪستاني فوج اها جنگ پاڪ-افغان سرحدي علائقن ۾ ۽ بلوچستان جي ڏورانهين علائقن ۾ وڙهي رهي آهي

هيڏي صورتحال ۾ ڪابل جي حڪمرانن کان ڪامياب ڳالهين جي اميد رکڻ اجايو هوندو، هو پاڪستان ۾ دهشتگردي روڪي سگهن ٿا

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) بچاءَ واري وزير خواجا آصف اسلام آباد ڪورٽ ٻاهران ڌماڪي تي ردعمل ڏيندي ۾ چيو آهي ته ڪابل جا حڪمران پاڪستان ۾ دهشتگردي روڪي سگهن ٿا پر اسلام آباد

بقايا نمبر 41 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: چيف جسٽس يحيٰ آفريدي عدالتي ڪارروائي ڊجيٽلائيز ڪرڻ بابت اجلاس جي صدارت ڪري رهيو آهي

ڪراچي: وزير داخلا ضياءُ الحسن لنجار پاران شهدادپور واقعي جو نوٽيس، ايس ايس پي سانگهڙ جاچ جو حڪم

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي وزير داخلا

بقايا نمبر 42 ڏسو صفحو 2

ڪراچي عدالت ۾ اي چالان خلاف مرڪزي مسلم ليگ جي درخواست، ڌرين 25 نومبر تي طلب

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾

بقايا نمبر 43 ڏسو صفحو 2

اعليٰ عدليه جي ججز پاران 27 هين ترميم ۾ آئيني عدالت جي قيام تي اعتراض بلاجواز آهي: نثار کهڙو

پ پ 18 هين ترميم، صوبائي خودمختياري ۽ اين ايف سي ۾ صوبن جي حصي تي سمجهوتو نه ڪندي

آئين ۾ بهتري آڻڻ لاءِ ترميم جي گنجائش موجود هوندي آهي ۽ آئين ۾ بهتريءَ لاءِ ترميمون ٿينديون رهنديون آهن

ان وقت سپريم ڪورٽ ڪٿي هئي جڏهن ملڪ ۾ ٽيڪ اوور ٿي رهيو هو ۽ عدالت مارشلائن کي تحفظ ڏئي رهي هئي

لاڙڪاڻو (بيورو رپورٽ) پاڪستان پيپلز

بقايا نمبر 44 ڏسو صفحو 2

صوبائي محتسب سنڌ ۽ ٽرانسپيرنسي انٽرنيشنل پاڪستان ۾ ايم او يو تي صحيون

جديد طريقيڪار سان عوامي شڪايتن جو فوري ازالو ممڪن بڻايو پيو وڃي: محمد سهيل راجپوت

تعاون سان عوام جو انصاف تي اعتماد وڌيڪ مضبوط ٿيندو: جسٽس آر ضياءَ

ڪراچي (بيورو رپورٽ) صوبائي محتسب سنڌ ۽ ٽرانسپيرنسي انٽرنيشنل پاڪستان جي وچ ۾ عوام کي ٻهتس آزاد ۽ فوري

بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 2

گورنر سنڌ ڪامران ٽيسوري جي روانڊا جي هاءِ ڪمشنر حريريمانا فاتو سان ملاقات

ٻنهي ڌرين جي واپاري واڌ، سيڙپڪاري ۽ باهمي دلچسپيءَ وارن معاملن تي ڳالهيون

پاڪ-روانڊا تعلقات مضبوط ۽ اقتصادي تعاون خطي جي ترقي لاءِ اهم آهن: گورنر سنڌ

ڪراچي (بيورو رپورٽ) گورنر سنڌ ڪامران خان ٽيسوري سان روانڊا جي هاءِ ڪمشنر حريريمانا فاتو گورنر هائوس ۾ ملاقات

بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: پرڏيهي وزير اسحاق ڊار ڇهين مارگلا ڊائلاگ جي افتتاحي تقريب ۾ خطاب ڪري رهيو آهي

ڪراچي جي مختلف علائقن ۾ فائرنگ جي واقعن ۾ ٻه ماڻهو قتل، 6 ڄڻا زخمي

ڪورنگي زمان ٽائون، 100 ڪوارٽرز ويجهو دڪان تي فائرنگ ۾ نور نبي ۽ الياس مارجي ويا

فائرنگ سبب اسماعيل زخمي ٿي پيو، لاش ۽ زخمي کي اسپتال منتقل ڪيو ويو

فائرنگ جي واقعن ۾ ساجد، بشير، صادق، مجيب الرحمان، احتشام زخمي ٿي پيا، اسپتال منتقل

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي مختلف علائقن ۾ فائرنگ جي واقعن ۾ ٻه ماڻهو قتل ٿي ويا ۽ پنج زخمي ٿيا. ڪورنگي زمان ٽائون 100 ڪوارٽرز ويجهو دڪان تي فائرنگ ۾ ٻه ماڻهو قتل ٿي ويا ۽ هڪ

بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 2

دهشتگردن جو مڪمل خاتمو ڪرڻ ضروري آهي: صدر آصف زرداري

صدر مملڪت پاران اسلام آباد آپگهاتي ڌماڪي جي سخت لفظن ۾ مذمت

اسلام آباد (اي پي پي) صدر آصف علي زرداري اسلام آباد ڊسٽرڪٽ جوڊيشل ڪامپليڪس ويجهو آپگهاتي ڌماڪي جي

بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد ۾ آپگهاتي ڌماڪو بزدلاڻي ڪارروائي آهي: سينيٽ چيئرمين

اهڙن بزدلاڻن ۽ ظالماڻن قدمن ۾ ملوث عنصر انسانيت جا دشمن آهن: يوسف رضا گيلاني

قوم پنهنجي انهن شهيدن جي قربانين کي ڪڏهن به فراموش نه ڪندي: جاري ڪيل بيان

اسلام آباد (اي پي پي) سينيٽ چيئرمين سيد يوسف رضا گيلاني اسلام آباد جي سيڪٽر جي اليون ۾ عدالت جي ويجهو

بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 2

دشمن کي ناپاڪ ارادن ۾ ڪامياب ٿيڻ نه ڏينداسين: رانا ثناءُ الله

اسلام آباد ڊسٽرڪٽ جوڊيشل ڪمپليڪس ٻاهران ڌماڪي جي مذمت ڪريون ٿا

حڪومت ۽ اسان جي سيڪيورٽي فورسز دهشتگردي جي مڪمل خاتمي لاءِ پرعزم آهن

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم جي بين الصوبائي رابطن واري صلاحڪار سينيٽر راڻا ثنا الله اسلام آباد ڊسٽرڪٽ جوڊيشل

بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 2

واقعو دهشتگرديءَ جي انتهائي بزدلاڻي ڪارروائي آهي: سپريم ڪورٽ بار

سپريم ڪورٽ بار ايسوسيئيشن پاران اسلام آباد ۾ آپگهاتي ڌماڪي جي مذمت

دشمن ملڪ جي امن کي تباهه ڪرڻ ۽ خوف ڦهلائڻ جي ڪوشش ڪن ٿا: هارون الرشيد

وحشياڻي فعل جي ذميدارن کي فوري طور تي انصاف جي ڪٽهڙي ۾ آندو وڃي

اسلام آباد (اي پي پي) سپريم ڪورٽ آف پاڪستان جي بار ايسوسيئيشن جي صدر هارون الرشيد، سيڪريٽري ملڪ زاهد اسلم

بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: ملائيشين سينيٽ جو نائب صدر داتڪ نور جزلان بن دانسري محمد اسپيڪر اياز صادق سان ملاقات ڪري رهيو آهي

نواز ليگ سينيٽر عرفان صديقي لاڏاڻو ڪري ويو

هو ٻن هفتن کان اسلام آباد جي هڪ خانگي اسپتال ۾ داخل هو

مرحوم کي پارٽي قائد نواز شريف جو ويجهو ساٿي سمجهيو ويندو هو

اسلام آباد (م د) نواز ليگ سينيٽر عرفان صديقي لاڏاڻو ڪري ويو، سينيٽر عرفان صديقي ٻن هفتن کان اسلام آباد جي هڪ

بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 2

ڪراچي جي مختلف علائقن مان الڳ الڳ ٻن شخصن جا لاش هٿ

شرافي ڳوٺ ٿاڻي جي حد لانڍي ۾ 57 سالن جي ساوڻ محمد جو لاش قبرستان مان هٿ آيو

ڊيفنس ٿاڻي جي حد قيوم آباد ۾ 28 سالن جي محمد سلمان جو لاش مليو، اسپتال منتقل

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي مختلف علائقن مان الڳ الڳ 2 لاش هٿ. شرافي ڳوٺ ٿاڻي جي حد لانڍي جي علائقي قيوم

بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ صوبائي وزير خوراڪ جي صدارت هيٺ سنڌ فوڊ اٿارٽي جو اجلاس

ميٽرل سسٽم کي ڊجيٽلائيز، فيلڊ ٽيمن ۽ ليبارٽري سامان کي مضبوط ڪرڻ جي ضرورت آهي: صوبائي وزير

لائسنسنگ جي مرحلن کي آن لائن پورٽل ذريعي مڪمل ڪرڻ سان شفافيت ۽ ڪارڪردگي ۾ بهتري آندي وڃي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) صوبائي وزير خوراڪ مخدوم محبوب الزمان جي صدارت هيٺ سنڌ فوڊ اٿارٽي جو هڪ اهم اجلاس

بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 2

قيدين جي فلاح، اصلاح ۽ انساني وقار جو تحفظ اسان جو بنيادي مشن آهي: علي حسن زرداري

کاڌي جي معيار، ڊائٽ مينيو ۽ صاف پيئڻ واري پاڻي تي مڪمل عملدرآمد يقيني بڻايو وڃي

جيل نوڪران جو گهر آهي، ڪنهن به قيدي سان ناروا سلوڪ نه ڪيو، عهدن جو احترام لڳو رهندو

ڪراچي (رپورٽ : راهب ڳاهو) صوبائي وزير جيل خانه جات ۽ ورڪس اينڊ سروسز علي حسن زرداري جي صدارت هيٺ جيل

بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 2

ڪمشنر ڪراچي ۽ ڊپٽي ڪمشنر ملير جي هدايت تي غير قانوني اڏاوتن خلاف ڪارروائي

اي سي بن قاسم ۽ مختيارڪار جي اڳواڻي ۾ گلشن حديد ۾ آپريشن ڪيو ويو

ڪارروائي دوران ڪي ڊي اي لائن تي ٺهيل اڏاوتن کي هٽائي سرڪاري زمين ڪليئر ڪرائي وئي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪمشنر ڪراچي ۽ ڊپٽي ڪمشنر ملير جي هدايت تي غير قانوني اڏاوتن خلاف ڪارروائي، اسسٽنٽ

بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 2

ابراهيم حيدري ٽائون جي چيئرمين پاران معذور نوجوانن کي آفر آرڊر ڏنا ويا

پ پ اٿي لئي ۽ اڃهي واري نعري تي عمل ڪندي روزگار جا دروازا کولي ڇڏيا آهن: نظير پٽو

معذور اسان جي معاشري جو حصو آهن، نج ميرٽ جي بنياد تي آفر آرڊر ڏنا ويا آهن

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ابراهيم حيدري ٽائون جي چيئرمين نظير احمد پٽو پاران معذور نوجوانن کي آفر آرڊر ڏنا ويا،

بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 2

ڪراچي واٽر اينڊ سيوريج ڪارپوريشن جا نوان انتظامي قدم، شهر کي 4 آپريشنل زونز ۾ ورهايو ويو

هر زون لاءِ الڳ چيف انجنيئر مقرر، فيلڊ ٽيمز جي ڪارڪردگي بهتر بڻائڻ جو عزم

واٽر ڪارپوريشن مطابق نئون ڍانچو عوامي شڪايتن جي تيز تر حل ۽ سروس معيار ۾ واڌ لاءِ اهم قدم

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ميئر ڪراچي ۽ چيئرمين ڪراچي واٽر اينڊ سيوريج ڪارپوريشن بيرسٽر مرتضيٰ وهاب جي

بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 2

سنڌ بئنڪ جي مالي ڪارڪردگي جي منظوري، نفعو 2.542 ارب رپيا ٿي ويو

نيٽ مارڪ اپ آمدني ۾ 25 سيڪڙو واڌ، بئنڪ جي مارڪ اپ آمدني ۾ 79 سيڪڙو واڌ

بئنڪ جي ڪل ايڪوٽي 2.1 ارب وڌي 31.2 ارب رپيا ٿي وئي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ بئنڪ جي بورڊ آف ڊائريڪٽرز جو اجلاس 29 آڪٽوبر 2025 تي ٿيو جنهن ۾ بئنڪ جي نون

بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 2

26 هين ترميم ذريعي عدليه کي اڳ ئي ڪمزور ڪيو ويو آهي: حسنين علي چوهاڻ

27 هين ترميم ذريعي آئين ۽ قانون جي بالادستي کي وڌيڪ ڪمزور ڪيو پيو وڃي

عدليه جي آزادي ۽ سياسي استحڪام کان سواءِ ڪو به ملڪ ترقي نٿو ڪري سگهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) انصاف لائيرز فورم

بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 2

وفاقي گهرو وزير پاران حملي واري هنڌ جو دورو، جامع جاچ رپورٽ پيش ڪرڻ جو حڪم

واقعي جي جامع جاچ ڪري رپورٽ پيش ڪئي وڃي ۽ ذميوارن کي جلد گرفتار ڪيو وڃي: وفاقي گهرو وزير

ڀارتي حمايت يافته ۽ افغان طالبان جي پٺڀرائي هيٺ فتنه الخوارج جي آپگهات ڌماڪي جي شديد مذمت ڪريون ٿا

اسلام آباد (اي پي پي) وفاقي گهرو وزير محسن نقوي اسلام آباد عدالت ٻاهران ڌماڪي واري هنڌ جو دورو ڪندي چيو آهي ته واقعي جي جامع جاچ ڪري رپورٽ پيش ڪئي وڃي ۽ ذميوارن کي جلد گرفتار ڪيو

بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 2

وفاقي وزير انجنيئر امير مقام پاران اسلام آباد ۾ آپگهاتي ڌماڪي جي سخت لفظن ۾ مذمت

اسلام آباد (اي پي پي) وفاقي وزير انجنيئر امير مقام اسلام آباد ڊسٽرڪٽ جوڊيشل

بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 2

دهشتگردي جا اهي بزدلاڻا حملا امن کي خراب ڪرڻ ۽ خوف پکيڙڻ لاءِ ڪيا ويندا آهن: وفاقي وزير جام ڪمال

اسلام آباد (اي پي پي) واپار واري وفاقي

بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: رٿابندي ۽ ترقي وارو وفاقي وزير احسن اقبال پاڪستان بيورو آف اسٽيٽسٽڪس جي ڊيٽا فيسٽ 2025 جو افتتاح ڪري رهيو آهي

مقامي حڪومت کانسواءِ جمهوريت جو تصور اڻپورو آهي: خواجه آصف

قومي سڃاڻپ، وفاق ۽ پاڪستانيت بابت معاملن تي غور ڪرڻ ضروري آهي: دفاع وارو وفاقي وزير

پاڪستان ۾ بارودي آمرن مقامي حڪومتن جو نظام آندو، ضياءُ الحق ۽ جنرل مشرف به بلدياتي نظام ڏنا

سپر پاور جي مفادن لاءِ جيڪو ڪجهه پڙهايو ويو آهي ان جو هن سرزمين ۽ مذهب سان ڪو به تعلق ناهي

اسلام آباد (اي پي پي) دفاع واري وفاقي وزير خواجه محمد آصف چيو آهي ته مقامي حڪومت کانسواءِ جمهوريت جو تصور اڻپورو آهي قومي سڃاڻپ، وفاق ۽ پاڪستانيت بابت معاملن تي غور ڪرڻ

بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: نيب جو وقتي چيئرمين سهيل ناصر برطانيا جي نيشنل ڪرائيم ايجنسي جي ڊائريڪٽر گريم بگر کي شيلڊ ڏيندي

وزير داخله سنڌ ضياءُ الحسن لنجار جي عماني قونصل جنرل سميع الخنجاري سان ملاقات

سنڌ ۽ عمان جي وچ ۾ امن، سيڪيورٽي، سرمايه ڪاري ۽ تجارتي موقعن تي غور

اسان عماني ڪاروباري برادري کي محفوظ ۽ شفاف ماحول فراهم ڪرڻ جا خواهشمند آهيون: ضياءَ لنجار

ڪراچي (بيورو رپورٽ) وزير داخله سنڌ ضياءُ الحسن لنجار پنهنجي آفيس ۾ سلطنت عمان جي قونصل جنرل سميع عبدالله سليم الخنجاري سان اهم ملاقات ڪئي. ملاقات دوران ٻنهي ڌرين ۾ تعلقات کي وڌيڪ

بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 2

ڪراچي نوجوان وڪيلن جو وفد انساني حقن جي ڊائريڪٽوريٽ جو دورو

ايڊووڪيٽ نصيب الله سومرو جي اڳواڻي ۾ وفد شهرين جي حقن جي تحفظ لاءِ تعاون جو عزم ظاهر ڪيو

ڊائريڪٽر آغا فخر حسين پاران نوجوان وڪيلن جي رضاڪارانه ڪوشش ۽ انصاف جي خدمت جي تعريف

ڪراچي (بيورو رپورٽ) نوجوان وڪيلن جي ايسوسيئيشن جي هڪ وفد انساني حقن جي ڊائريڪٽوريٽ جو دورو ڪيو ۽ انساني حقن جي ڪيسن ۾ پنهنجون پيشه ورانه خدمتون پيش ڪرڻ جي آڇ ڪئي. وفد جي

بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 2

دهشتگرديءَ جي خاتمي لاءِ قومي اتحاد ۽ يڪجهتي اٽر آهي: قومي اسيمبلي جو اسپيڪر اياز صادق

اسلام آباد (اي پي پي) قومي اسيمبليءَ جي اسپيڪر سردار اياز صادق اسلام آباد

بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 2

سپريم ڪورٽ پاران ايف سي اهلڪار کي نوڪري مان برطرف ڪرڻ خلاف داخل اپيل منظور، نوڪري تي بحال ڪرڻ جو حڪم

اسلام آباد (اي پي پي) سپريم ڪورٽ فرنٽيئر ڪانسٽيبلري (ايف سي) جي

بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: آءِ جي غلام نبي ميمڻ آفيسرن کي سرٽيفڪيٽ ڏئي رهيو آهي

سيوهڻ ۾ شائيم فيمونقي جي نگراني ۾ غريب عوام لاءِ فيروزا عباسي صحت سينٽر جي افتتاحي تقريب

پهنجي مرحوم پيءَ جي نالي قائم ڪيل سينٽر جو عبرت گروپ جي سربراهه قاضي اسد عابد باقاعده افتتاح ڪيو

تقريب ۾ پير مظهرالحق، قاضي سجاد اڪبر، پير معظم الحق، سيد محمد شاهه لڪياري ۽ ٻين جي شرڪت

آپا مرحوم جي سيوهڻ ۾ صحت مرڪز جي خواهش کي سنڌس ور قاضي ستار عباسي عملي جامو پارايو آهي: قاضي اسد عابد

سيوهڻ (رپورٽ: اعجاز سولنگي) شائين هيومنٽي جي نگراني ۾ سيوهڻ ۾ غريب عوام لاءِ قائم ڪيل فيروزا عباسي صحت سينٽر جي افتتاحي تقريب منعقد، عبرت گروپ جي سربراهه قاضي اسد عابد پاران

بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 2

سيوهڻ: مس فوزيه جونيجو ۽ قاضي اسد عابد فوزيه ستار عباسي صحت مرڪز جو افتتاح ڪري رهيا آهن

قاضي خاندان جو تعلق سيوهڻ سان هجڻ ڪري عوام جي درد کي ڄاڻي ٿو: پير مظهرالحق

سيوهڻ ۾ آپا فيروزه جي نالي سان صحت مرڪز قائم ٿيڻ سان خوشي ٿي آهي

سيوهڻ: تقريب کي اڳوڻي صوبائي وزير مظهرالحق خطاب ڪندي چيو ته سيوهڻ شهر ۾ آپا فيروزه جي نالي سان

بقايا نمبر 38 ڏسو صفحو 2

قاضي اسد عابد ۽ ٻين قلندر لال جي مزار تي حاضري ڀري چادر چاڙهي

سيوهڻ: عبرت گروپ آف پبليڪيشن جي سربراهه ۽ اڳوڻي ايم اين اي قاضي اسد

بقايا نمبر 39 ڏسو صفحو 2

سيوهڻ: عبرت گروپ جو چيئرمين قاضي اسد عابد، قاضي سجاد اڪبر پير مظهرالحق، قاضي مصطفيٰ اسد ۽ ٻيا قلندر لعل شهباز رح جي مزار تي گل چاڙهي رهيا آهن ٻئي طرف ڪين درگاهه پاران چادرون اوڙهايون پيون وڃن

شهدادپور ۾ مبينا پوليس جي تشدد ۾ قتل ٿيل استاد جي وارثن جو لاش رکي احتجاجي ڌرڻو

مقتول جام عزيز جکرو جي وارثن، سول سوسائيٽي پاران لاش روڊ تي رکي ٽائرن کي باهيون ڏئي ڌرڻو

ڌرڻي ۾ گسنتا، پ ٽ الف اڳواڻ، استاد، وڪيل، سياسي سماجي اڳواڻ وڏي انگ ۾ شريڪ ٿيا

استاد جام عزيز کي پوليس تحقيقات بهاني گرفتار ڪري ٿاڻي تي وحشيانو تشدد ڪري ڪيس قتل ڪيو آهي: مظاهرين

شهدادپور (رپورٽ مهدي حسن پنهور) شهدادپور ۾ پيش آيل لڱ ڪانڊاريندڙ واقعي ۾ پوليس اهلڪارن پاران بخاري پاڙي مان گرفتار ڪري مبينه وحشياڻي تشدد ۾ قتل ڪيل پرائمري اسڪول جو

بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 2

شهدادپور: مبينا پوليس تشدد ۾ مارجي ويل استاد جو لاش رکي احتجاج ڪيو پيو وڃي، ٻئي طرف ايس ايس پي مظاهرين سان ڳالهائيندي

ڊي آءِ جي نوابشاهه پاران ايس ايڇ او، وڏي منشي کان سواءِ 4 اهلڪار معطل

شهدادپور: ڊي آءِ جي پوليس شهيد بينظير

بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 2

ايس ايس پي کي وارثن جو گرفتارين ۽ ڪيس داخل ڪرڻ تائين ڌرڻو ختم ڪرڻ کان انڪار

شهدادپور: پوليس جي مبينه وحشيانو

بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 2

سول جج اينڊ جوڊيشل مئجسٽريٽ پاران پوليس کان رپورٽ طلب

انويسٽيگيشن آفيسر انسپيڪٽر ولي محمد پنهور عدالت ۾ رپورٽ پيش ڪئي

سول جج محمد آصف سيال پاران رپورٽ کي ايف آءِ آر ڏانهن منتقل ڪري ڇڏيو

شهدادپور: سول جج اينڊ جوڊيشل مئجسٽريٽ شهدادپور محمد آصف سيال جي عدالت هيڊ ماسٽر جام عزيز جکرو جي

بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 2

شهدادپور پوليس لاش سمس اسپتال جي ايمرجنسي وارڊ ۾ ڇڏي فرار ٿي ويا

شهدادپور: پوليس پاران گهران گرفتار ڪري ٿاڻي ۾ رکي پوليس جي مبينه وحشياڻي تشدد ۾ شهر جي بخاري پاڙي

بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 2

بقايا 1 اسلام آباد/ڌماڪو

آپگهاتي بمبار پوليس جي گاڏي جي ويجهو پهتو ۽ پاڻ کي ڌماڪي سان اڏائي ڇڏيو ڌماڪي سبب ويجهو بيٺل گاڏين کي باهه وڪوڙي وئي جڏهن ته آپگهاتي بمبار جا عضوا اڏي عدالت جي اندر وڃي ڪريا. پوليس موجب، ڌماڪي ۾ ڪن گاڏين کي نقصان پهتو جن مان هڪ پوليس جي

سطح تي منتقل نه ٿيا هن چيو ته پاڪستان ۾ بارودي آمرن مقامي حڪومتن جو نظام آندو ضياءُالحق ۽ جنرل مشرف به بلدياتي نظام ڏنا پر جمهوري دورن ۾ ان حوالي سان اڳيرائي نه ٿي هن چيو ته مقامي حڪومتن ڪانسواءِ وفاق به مضبوط نه ٿيندو اسان سڀ جمهوريت جا نعرا لڳائيندا آهيون پر اسان جو ڪلچر ۽ ڊي اين اي جمهوري ناهي. مقامي حڪومتون پاڪستان ۽ عوام

ملوث جوابدارن کي گرفتار ڪري مٿن ڪيس داخل ڪرڻ ڏانهن اسان جو احتجاج جاري رهندو ايس ايس پي سانگهڙ اڳيان مظاهرين مردن ۽ عورتن نعريبازي ڪئي ٻئي طرف ڏرٽي واري هنڌ فنڪشنل مسلم ليگ اڳواڻ فقير محمد بخش خاصخيلي پ پ جو جهونو اڳواڻ چاچو عبدالرحمان ٿهيم پ پ اڳواڻ ذوالفقار علي زرداري، چيئرمين فروغ عزاڻ فهد خان وساڻ لقمان راجپوت

ڪارپوريشن جي چيف ايگزيڪيوٽو آفيسر احمد علي صديقي ۽ چيف آپريٽنگ آفيسر انجنيئر اسدالله خان هن قدمن کي آپريشنل صلاحيت ۾ واڌ ۽ تيز تر وڌيڪ مؤثر سروس فراهمي لاءِ اهم قدم قرار ڏنو انهن وڌيڪ چيو ته هن تنظيم نو جو مقصد فيلڊ ٽيمز جي وچ ۾ بهتر رابطو پاڻي جي تقسيم ۽ سيوريج جي سار سنڀال کي مؤثر بڻائڻ ۽ عوامي شڪايتن جو بروقت ازالو

سپريم ڪورٽ بار جي صدر سيڪريٽري ڪابينه جي ميمبرن زبير اسلم گهمن ايڊووڪيٽ ۽ ٻين شهيدن جي وارثن سان دلي همدردي ۽ تعزيت جو اظهار ڪندي چيو آهي ته هي واقعو دهشتگرديءَ جي هڪ انتهائي بزدلاڻي ۽ افسوسناڪ ڪارروائي آهي جنهن پوري وڪيل برادري ۽ قوم کي ڏک ۾ وجهي ڇڏيو آهي صدر هارون الرشيد چيو ته گاديءَ واري شهر ۾

ڏنا پيا وڃن ته جيئن هو پنهنجي مڪمل صلاحيتن سان پاڪستان جي معاشي ۽ سماجي تبديلي ۾ حصو وٺي سگهن وزيراعظم چيو ته عالمي محاذ تي پاڪستان عالمي مالياتي ادارن ۽ ترقياتي شراڪتدارن سان گڏجي مالياتي سڌارن ڪلائميٽ ريزيلئنس ۽ سيڙپڪاري کي هٿي وٺائڻ لاءِ سرگرم آهي جيڪو هڪ مضبوط ۽

فوري طور تي لاڳاپيل آفيسر ڏانهن منتقل ڪئي ويندي محمد سهيل راجپوت چيو ته ٽرانسپيرنسي انٽرنيشنل پاڪستان جهڙي معتبر تنظيم سان پائيداري هڪ سٺو قدم آهي ٻنهي ادارن جي وچ ۾ پائيداري سنڌ ۾ سٺي حڪمراني کي فروغ ڏيڻ ۾ هڪ سنگ ميل ثابت ٿيندي

بقايا 35 ملاقات

سيد محمد شاهه عرف موني شاهه لڪياري ۽ سينيئر صحافي نيشنل پريس ڪلب سيوهڻ جي صدر ذوالفقار سولنگي ۽ جنرل سيڪريٽري حسين بخش ڏاهري سان گڏجي سنڌ جي عظيم صوفي بزرگ ۽ اولياءَ الله حضرت قلندر لال شهباز رح جي مزار تي حاضري ڀري چادر چاڙهي ملڪ ۽ سنڌ جي خوشحالي ۽ فيروزا صحت سينٽر جي ڪاميابي لاءِ دعائون گهريون

بقايا 34 صحيحون

انصاف فراهم ڪرڻ بابت مفاهمت جي ياداشت (ايم او يو) تي صحيحون جي تقريب صوبائي محتسب سنڌ جي هيڊ ڪوارٽر ۾ منعقد ڪئي وئي تقريب ۾ ٽرانسپيرنسي انٽرنيشنل پاڪستان جي چيئرمين جسٽس آر ضياءُ پروين ميمبر بورڊ آف ٽرسٽيز پروفيسر ڊاڪٽر عظمى شجاعت، ايگزيڪيوٽو ڊائريڪٽر ڪاشف علي ۽ ڪميونيڪيشن اينڊ پارٽنرشپ مئنيجر سائره بانو تي مشتمل هڪ وفد شرڪت ڪئي ان موقعي تي صوبائي محتسب سنڌ محمد سهيل راجپوت ٽرانسپيرنسي انٽرنيشنل پاڪستان جي وفد کي صوبائي محتسب سنڌ جي هدف، مقصدن ۽ ڪم ڪرڻ جي طريقن بابت تفصيلي بريفنگ ڏني هن چيو ته اهي سرڪاري کاتن سان لاڳاپيل عوامي شڪايتن لاءِ جديد خطن تي بدل شڪايت جي انتظام جي نظام تي ڪم ڪري رهيا آهن جنهن کان بعد شڪايت ڪندڙ پنهنجي شڪايت کي سڌو سنئون عمل ۾ ايندي ڏسي سگهندو جڏهن ته رجسٽرڊ شڪايت پڻ ايندڙ مرحلي لاءِ

بقايا 38 پير مظهرالحق

صحت مرڪز ڪوليو ويو آهي صحت جو شعبو اهم آهي جنهن کي پهرين نظرانداز ڪيو ويو هو پر بعد ۾ سنڌ سرڪار سيوهڻ ۾ سيد عبدالله شاهه انسٽيٽيوٽ ۽ دادو ۾ به وڏي اسپتال ڏاهي انهن ۾ هر ممڪن علاج جي سهولت مهيا ڪري مثال قائم ڪيو آهي جڏهن قاضي فيملي صحت ۽ تعليم جي شعبن کي ڪوڙ وساريو آهي ته قاضي فيملي جو اصلي تعلق سيوهڻ سان آهي ان ڪري هتان جي درد کي هو چڱي ريت ڄاڻن ٿا ۽ وقت به وقت هو مختلف شعبن اندر سيوهڻ لاءِ پنهنجون خدمتون سرانجام ڏيڻ ۾ مصروف عمل آهن آخر ۾ پير مظهرالحق، پير معظم الحق ۽ پير معظم الحق پاران معزز مهمانن کي ديوائين هوٽل تي شاندار ماجهاندو پڻ ڏنو ويو

بقايا 39 چادر چاڙهي

عابد عباسي ڪالهه سيوهڻ پهچي اڳوڻي صوبائي وزير تعليم پير مظهرالحق، قاضي سجاد اڪبر پير منورالحق، پير معظم الحق، درگاهه قلندر شهباز جي سجاده نشين

ته 27 هين ترميم هجي يا 28 هين ترميم هجي پيپلز پارٽي 18 هين ترميم صوبائي خودمختياري ۽ اين ايف سي ۾ صوبن جي حصي تي ڪو به سمجهوتو نه ڪندي اعلى عدليه جي ججز پاران 27 هين ترميم ۾ آئيني عدالت جي قيام تي اعتراض بلاجواز آهي ان وقت سپريم ڪورٽ ڪٿي هئي جڏهن ملڪ ۾ ٽيڪ اور ٿي رهيو هو ۽ عدالت مارشلائن کي تحفظ ڏئي آمرن جي ها ۾ ها ملائي رهي هئي اهڙن خيالن جو اظهار هن لاڙڪاڻو پريس ڪلب ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي ڪيو نثار کهڙو چيو ته 27 هين ترميم ۾ آئيني عدالت وقت جي ضرورت آهي ڇاڪاڻ ته آئيني عدالت ۾ ججز جي برابري جي بنياد تي نمائندگي هوندي ۽ عدالت آئين بابت ماهرا ڏسي سگهندي، جيڪڏهن ڪنهن کي آئيني عدالت بابت اعتراض آهي ته ان بابت دليلن سان ڳالهايو وڃي ته آئيني عدالت ڇو نه هئڻ گهرجي؟ هن چيو ته آئيني عدالت جو قيام ميثاق جمهوريت ۾ پڻ شامل هو

INVITATION TO E-BID

THROUGH SAP ARIBA DISCOVERY

E-Bids are invited through SAP-ARIBA Discovery for the service/material given below under competitive bidding procedure as per Public Procurement Regulatory Authority (PPRA) rules;

SR #	TENDER NUMBER	DESCRIPTION	CLOSING DATE & TIME
1.	OGDCL-SCM-SERVICES-ADMIN-CB-60-3272-301789203-2025	SINGLE LINE DIAGRAM FOR THE ELECTRICAL INSTALLATIONS OF OGDCL HEAD OFFICE	28.11.2025 AT 1030 Hrs
2.	OGDCL-SCM-SERVICES-CB-DO-302279518-2025	INTEGRATED WELL SERVICES	28.11.2025 AT 1030 Hrs
3.	OGDCL-FC-CB-PE AND FD-PUMP-301483882-2025	SPARES FOR NOV PLUNGER PUMP	15.12.2025 AT 1100 Hrs
4.	OGDCL-SCM-FD-CB-DS-301974753-2025	DOWNHOLE TOOLS	15.12.2025 AT 1100 Hrs
5.	OGDCL-SCM-FC-CB-PROJ-JM-302344956-2025	GAS DETECTORS	16.12.2025 AT 1100 Hrs

EXTENSION IN BID CLOSING & OPENING DATE

2. Reference our Tender Notice(s) published in newspapers on **09.10.2025,** it is notified that the bid submission/opening date of the following case is extended as follows:

SR #	TENDER NO.	DESCRIPTION	REVISED CLOSING DATE & TIME
1.	OGDCL-FB-CB-PROD-299194871-2025	AGA-3 COMPLIANT 6 INCH AND 8 INCH METER RUNS WITH SENIOR ORIFICE METER	25.11.2025 AT 1100 Hrs

3. Bidders who have already submitted/sent their proposals (bids) may take them back and re-submit the same before the revised closing date and time mentioned above.
4. All bids will be opened 30 minutes after the bids closing date & time.
5. Tender Notice/ detailed instructions are available on PPRA website at www.ppra.org.pk.
6. Tender documents are available online and bids are also required to be submitted online through e-procurement portal at https://ogdcl.com/sap-ariba-tenders or https://discovery.ariba.com/profile/AN01562899621 for details see "Instruction for Bidders Section" of the tender documents.
7. OGDCL reserves the right to accept or reject any bid and to annul the bidding process and reject all the bids as per Public Procurement Regulatory Authority (PPRA) Rule-33.

General Manager
(Supply Chain Management)
Oil & Gas Development Company Limited
OGDCL Headquarters, Plot 03, F-6/G-6, Jinnah Avenue, Blue Area Islamabad-Pakistan

ogdcl.com

the energy

No.276/24

روزاني عبرت

ايڊيٽوريل

اسلام آباد ڌماڪو، افغانستان جي سرزمين تان اٿيل نئون دهشتگرديءَ جو محاذ
صفحو 4

راڄا زاهد اختر خانزادو
خواب ۾ ڀٽو ۽ بينظير سان ملاقات: آئين جي ڇيڙڇاڙ تي روحن جو احتجاج
صفحو 4

صدر زرداريءَ جو جمهوريت جي استحڪام ۾ ڪردار
محمد خان ابڙو
صفحو 4

فقير حاجن نظاماڻي
شهيد دريا خان نظاماڻي!
صفحو 4

ڊيٽوريم هال ڪنري ۾ تقريب، ايم پي اي نواب تيمور ٽالپر ۽ حيسڪو آفيسرن جي شرڪت

عمرڪوٽ جي چار فيڊرن ۾ لوڊشيڊنگ نه ڪرڻ ۽ ڪنري ۾ ٻه نوان فيڊر ٺاهڻ جو اعلان

ڪنري جي ٻن فيڊرن فيڊر نمبر هڪ ۽ ٻي سميت عمرڪوٽ جا چار فيڊر بجلي جي لوڊشيڊنگ کان فري ڪرڻ جي ايم اي ۽ سائين ڪيو ويو

حيسڪو چيف پاران ڊيوٽي دوران شهيد ٿيندڙ واپڊا ملازمن جي وارثن کي مڪمل سهڪار ۽ مسئلا حل ڪرڻ جي يقين ڏياڻي ڪرائي

تربيت يافته عملو واپڊا جي ريڙهه جي هڏي واري حيثيت رکي ٿو،واپڊا ۾ بهتري ۽ بجلي چوري جي روڪٿام لاءِ هر ممڪن ڪوششون جاري آهن:حيسڪو چيف

عمرڪوٽ (رپورٽ:قاضي يوسف) ايم اين اي صباء يوسف ٽالپر ۽ ايم پي اي نواب تيمور ٽالپر جي ڪاوشن سان حيسڪو چيف حيدرآباد فيض الله ڏاهري پاران عمرڪوٽ جي چار فيڊرن ۾ لوڊشيڊنگ نه ڪرڻ ۽ ڪنري ۾ وڌيڪ ٻه نوان فيڊر ٺاهڻ جو اعلان ڪيو ويو ٿي جنهن ۾ خاص مهمان ايم پي اي نواب تيمور ٽالپر، ايڪسين علي رضا پلي، غلام اڪبر درس ٽائون چيئرمين حاجي شڪيل باجوه، ايس ڊي او غلام عباس ملوڪاڻي سميت وڏي انگ ۾ آفيسرن ۽ معززين شرڪت ڪئي هن موقعي تي حيسڪو چيف فيض الله ڏاهري پاران ڪنري جي ٻن فيڊرن فيڊر نمبر هڪ ۽ ٻي سميت عمرڪوٽ جا چار فيڊر بجلي جي لوڊشيڊنگ کان فري ڪرڻ جي ايم اي يو سائين ڪيو ۽ ڪنري ۾ وڌيڪ ٻه نوان فيڊر قائم ڪرڻ جو اعلان ڪيو حيسڪو چيف پاران ڊيوٽي دوران شهيد ٿيندڙ واپڊا ملازمن جي وارثن کي مڪمل سهڪار ۽ مسئلا حل ڪرڻ جي يقين ڏياڻي ڪرائيندي چيو ته لائين اسٽاف جي حفاظت اسان جي اولين ترجيح آهي انهي لاءِ هر سرڪل، ڊويزن، سب ڊويزن ۾ ماهوار سيفٽي ميٽنگون ڪري عملي کي تربيت ڏيڻ جون هدايتون ڪيون آهن تربيت يافته عملو واپڊا جي ريڙهه جي هڏي واري حيثيت رکي ٿو واپڊا ۾ بهتري ۽ بجلي چوري جي روڪٿام لاءِ هر ممڪن ڪوششون جاري آهن هن لي سي ميرپورخاص امير احمد ميمڻ جي ڪارڪردگي جي واکاڻ ڪئي هن موقعي تي آيل مهمانن کي اجرڪن جا تحفا پيش ڪيا

عمرڪوٽ: چار فيڊرن ۾ لوڊشيڊنگ نه ڪرڻ ۽ ڪنري ۾ ٻه نوان فيڊر ٺاهڻ جو اعلان

عمرڪوٽ ۾ زمين جي مالڪي تان ڪنڀار ۽ ڪولهي برادرين ۾ تڪرار وڌي ويو

ڪولهي برادري پاران مالڪي جي دعوا ڪري احتجاج،ڪنڀار برادري پاران پڻ احتجاج

زمين اسان جي ذاتي ملڪيت آهي،سمورا قانوني دستاويز اسان وٽ موجود آهن:موسي ڪنڀر

ڪولهي برادري جي اڳواڻ چيتن گوئل پاران ڪنڀار برادري تي زمين تي قبضي جا الزام

عمرڪوٽ (ن ع)عمرڪوٽ جي ڳوٺ ويهرو ۾ زمين جي مالڪي تان ڪنڀار ۽ ڪولهي برادرين وچ ۾ تڪرار وڌي ويو ڪولهي برادري پاران مالڪي جي دعوا ڪري احتجاج ڪرڻ بعد ڪنڀار برادري پاران پڻ پريس ڪلب عمرڪوٽ آڏو احتجاج بعد پريس ڪانفرنس ڪندي اڳواڻن حاجي موسي ڪنڀر، حاجي لقمان ڪنڀر، حاجي سجاد ڪنڀر ۽ ٻين ڪولهي برادري طرفان لڳايل الزامن کي بي بنياد ۽ ڪوڙو قرار ڏيندي چيو ته هي 19 ايڪڙ زمين اسان جي ذاتي ملڪيت آهي جنهن جا سمورا قانوني دستاويز اسان وٽ موجود آهن ۽ سياسي بنيادن تي اسان خلاف ڪوڙو پروپيگنڊا ڪيو پيو وڃي حاجي موسي ڪنڀار چيو ته اسان جي زمين تي سرڪاري اسڪول هڪ گهر ۽ مينهن جا واڙا قائم آهن اٿئون عمرو ڪرڻ ويو هٿس ته پليان هٿيار بند ماڻهون زوري زبردستي قبضو ڪرڻ آيا،ڪنڀار برادري جي اڳواڻن مطالبو ڪيو ته اعلي اختيارين هن معاملي جو نوٽيس وٺن ۽ شفاف انڪوائري ڪرائي انصاف مهيا ڪن،واضح رهي ته ڪجهه ڏينهن اڳ ڪولهي برادري جي اڳواڻ چيتن گوئل پريس ڪانفرنس ڪندي ڪنڀار برادري تي زمين تي قبضي جا الزام هنيا هئا، جن کي ڪنڀار برادري مڪمل طور ڪوڙو ۽ من گهڙت قرار ڏنو آهي علائقي ۾ ٻنهي برادرين جي وچ ۾ وڌندڙ ڇڪتاڻ سبب مقامي سماجي حلقن ۾ ڳڻتي ظاهر ڪئي پئي وڃي جڏهن ته علائقي واسين جو چوڻ آهي ته انتظاميه کي معاملي ۾ غيرجانبدار انڪوائري ڪرائي حقائق عوام آڏو آڻڻ گهرجن ته جيئن وهرو ۾ امن ۽ ڀائيچارو بحال رهي

عمرڪوٽ: زمين جي ملڪي تان ڪنڀار ۽ ڪولهي برادرين ۾ تڪرار وڌي ويو

مانجهند: چڳن مؤسن آبادگارن شاگردن واپارين هارين زميندارن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي

ايس يو پي پاران حيدرآباد جلسي لاءِ سن ۽ منظورآباد ۾ ڊار ڊار گڏجاڻيون

چڳن مؤسن آبادگارن شاگردن واپارين هارين زميندارن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي

وطن جي حفاظت لاءِ جي ايم سيد جي روشني ۾ ڪردار ادا ڪرڻو پوندو:زين شاهه

وطن دشمن منصوبن کي ڪامياب ڪرڻ لا 27 هين آئيني ترميم آندي وئي

مانجهند(ن ع)سن ۾ ايس يو پي مرڪزي صدر سيد زين شاهه جي صدارت ۾ تحريڪ تحفظ آئين پاڪستان جي رٿيل حيدرآباد جلسي کي ڪامياب ڪرائڻ لاءِ سن ۽ منظورآباد ۾ ڊار ڊار گڏجاڻيون ٿي گڏريون گڏجاڻين ۾ تعلقي مانجهند سان تعلق رکندڙ ايس يو پي ڪارڪنن راڄن جي چڳن مؤسن آبادگارن شاگردن واپارين هارين زميندارن وڏي انگ ۾شرڪت ڪئي،ان موقعي تي سيد زين شاهه خطاب ڪندي چيو ته پنهنجي وطن جي حفاظت لاءِ سائين جي ايم سيد جي پرامن سياسي جدوجهد جي روشني ۾ ڪردار ادا ڪرڻو پوندو،پيپلز پارٽي جي ڪرپٽ وزيرن ڪامورن لالچ ۽ خوف ۾ ڪڏهن به حق سچ جي رستي تي نه بيهندا اهي ڌارين جي دلالي ڪندي غداري پيا ڪن ڪروڙين عوام جي حق غصب ڪرڻ ۾ پ پ ٽولو شامل آهي مشرف دور کان پوءِ آئيني ڍانچو اٿڻ کان پوءِ وطن دشمن منصوبن کي ڪامياب ڪرڻ لا 27 هين آئيني ترميم آندي پئي وڃي جعلي اليڪشن ذريعي آيل اصف زرداري ۽ وزير اعظم شهباز شريف ذريعي ترميم آڻي وئي آهي جنهن ۾ وزير اعظم ٻاهر ملڪ هئڻ باوجود وڊيو لنڪ ذريعي ڪارو قانون ڪابينا کان پاس ڪرايو ويو آهي 27 هين ترميم ذريعي عدالتن مٿان فيڊرل دستوري ڪورٽون آڻڻ جو منصوبو ٺاهي ان تي ريٽائر جج ۽ ڪوره وڪيل جج مقرر ڪيا ويندا جن جا مدا اسيمبلي جي ميمبرن کان به وڌيڪ هوندا سيد زين شاهه وڌيڪ چيو ته عوام جي بالادستي بدران ناهيل قانون تحت سرڪاري ملڪيتون معدني وسيلا سمنڊ پاڻي تي قبضو ڪيو ويندو ايس يو پي مستقبل مزاحمي سان ماضي جيان سيني سنڌين کي گڏ ڪيو آهي سيد زين شاهه چيو ته ملڪ تي سول مارشل لا 27 هين ترميم خلاف حيدرآباد ۾ تحريڪ تحفظ آئين پاڪستان ۾ شامل ملڪي ليول جي جماعتن طرفان ايس يو پي جي ميزباني ۾ تحريڪ جي شروعات ڪئي پئي وڃي جنهن جي شرڪت جي دعوت ڏيون ٿا عوام کي روڊن تي آڻي منصوبا رد ڪرائينداسون ان موقعي تي مرڪزي نائب صدر سيد منير حيدرشاهه امير علي ٿيٻو خدا بخش ٿيٻو يوسف عمراڻي محمد عمر ابڙو پڻ موجود هئا

خيرپور ۾ ارڙي ۽ ربيلا بيمارين کان بچاءَ جي قومي مهم 17 کان 29 نومبر تائين هلندي

خيرپور (ڊ ن)ضلعي خيرپور ۾ ارڙي ۽ ربيلا بيمارين کان بچاءَ جي قومي مهم 17 نومبر کان 29 نومبر تائين ٿيندي. ان ڏس ۾ آگاهي سيمينار خيرپور ميڊيڪل ڪاليج سول اسپتال خيرپور جي ڪانفرنس هال ۾ ڊپٽي ڪمشنر فياض حسين راهوجو جي صدارت هيٺ ٿيو. سيمينار کي خطاب ڪندي ڊپٽي ڪمشنر فياض حسين راهوجو چيو ته ارڙي ۽ ربيلا بيمارين کان بچاءَ جي قومي مهم آهي جنهن ۾ معاشرتي سطح تي انتظاميه، والدين، آفيسر، ويڪسينيٽر يو سي ايم او ايريا انچارج، فيلڊ ٽيم هر ماڻهو کي پنهنجو فرض ايمانداري سان نڀائڻو آهي سماجي سطح تي ويڪسين ٽيمن سان سهڪار ڪيو وڃي. "هي مهم رڳو صحت جي شعبي تائين محدود ناهي پر اها اسان سڀني جي گڏيل ذميواري آهي. والدين، استادن، سماجي اڳواڻن ۽ ميڊيا کي به گهرجي ته هو هن مهم ۾ ڀرپور ساٿ ڏين. هر ٻار جو ٽيڪو لڳائڻ سان اسان محفوظ ۽ صحتمند سماج جي طرف قدم وڌائي رهيا آهيون." ڊي ايڇ او ڊاڪٽر مسرور الحسن شاهه چيو ته "ضلعي جي سڀني ٽيمون مڪمل تياري سان آهن. اسان جو هدف آهي ته ضلعي خيرپور ۾ 100 سيڪڙو ٻارن کي ٽيڪا لڳايا وڃن. هر مهم دوران والدين کي گهرجي ته هو پنهنجي ٻارن کي ويڪسينيشن سينٽرن تي ڪٺي وڃن ۽ ٽيڪا لڳرائين

سنڌ جي بصارت کان محروم نعت خوان نينگر جي ڪلاڪار ممتاز لاشاري سان ملاقات

صوفي ازم، راڳ جي سکيا، موسيقي ۽ روحاني معاملن بابت ڳالهيون ڪيون ويون

ممتاز لاشاري بمسند جو راڳي آهي،ننڍي لاءِ ڪان سنڌس ڪلام ٻڌندو پيو اچان:زين العابدين چنڙ

حيدرآباد(پ ر)سنڌ جي ايرندڙ معصوم اکين جي جوت ۽ بصارت کان محروم،حمد،وائي،ڪافي مولود،منقبت مناجات ۽ نعت پڙهندڙ نينگر محمد زين العابدين چنڙ پاڪستان جي عظيم ۽ ناليواري ڪلاڪار ممتاز لاشاري سان ملاقات ڪئي آهي قاسم آباد ۾ ممتاز لاشاري جي رهائشگاهه تي ملاقات صوفي ازم، راڳ جي سکيا، موسيقي ۽ روحاني معاملن بابت ڳالهيون ڪيون ويون. ان موقعي تي ننڍڙي نينگر محمد زين العابدين جي والد ظهيرچنڙ ممتاز لاشاري کي سنڌ جي سوکڙي اجرڪ جو تحفوظ پيش ڪيو ان موقعي تي نعت خوان زين العابدين چنڙ چيو ته ممتاز لاشاري منهنجي پسند جو راڳي آهي ننڍي لاءِ کان سنڌس ڪلام ٻڌندو پيو اچان ممتازصاحب جا ڪلام ٻڌي دلي ۽ روحاني سڪون ملندو آهي تمام گهڻي دلي خواهش هئي ته ممتاز لاشاري سان روبرو ملان جڏهن سائين کي ملاقات جي لاءِ گذارش عرض رکيم ته سائين وراڻيو ڏنو ته زين العابدين جڏهن تنهنجي دل ڪري هليا اچو بابا ملاقات لاءِ ٽائيم ڏيڻ تي مان ممتاز لاشاري جو تن دل سان ٿورائتو آهيان زين العابدين وڌيڪ چيو ته ممتاز لاشاري سلي راڳي هئڻ سان گڏ هڪ بهترين انسان دوست ۽ محبت ڀريو ماڻهو پڻ آهي ملاقات ۾ هن اسان کي ڪافي پيار ڏنو اٿين لڳو پئي جڻ روز ملاقات ٿيندي هجي، مان سنڌس شخصيت مان ڪافي متاثر ٿيس ملاقات ۽ ڪچهري کان پوءِ سنڌس سادي ڪري سچي طبيعت ۽ محبت ڀري انداز نياز ۽ نوڙت پڻ سائين جو وڌيڪ ديوانو ڪري ڇڏيو آهي ان موقعي تي سنڌ جي نالي واري راڳي ممتاز لاشاري محمد زين العابدين کان سنڌس آواز ۾ حاجي غلام نبي مهيسر جي حمد پڻ ٻڌي ۽ کي وڏا سبق پڻ زين العابدين کي تحفي طور ڏنا لاشاري چيو ته زين العابدين جا ڪافي نعت ٻڌا آهن هن نينگر جو آواز ڪافي متاثر ڪندڙ آهي سونکي يقين آهي ته زين العابدين گهڻو اڳيان ويندو

حيدرآباد: صوفي ازم، راڳ جي سکيا، موسيقي ۽ روحاني معاملن بابت ڳالهيون ڪيون ويون

ڀٽ شاهه ۾ ڪامريڊ زوار خيرمحمد وساڻ لطيفي جي 8 ورسي ملهائي وئي

نظرياتي جيالي خير محمد وساڻ ايم آر ڊي تحريڪ ۾ ڀرپور ڪردار ادا ڪيو

ورسي تقريب ۾ وارثن، دوستن، صحافين، چاهيندڙ وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي

ڀٽ شاهه(ن ع)متياري ضلعي ۾ ڀٽ شاهه ۽ ڪيبر جي وچ تي نيشنل هاءِ وي ويجهو ڳوٺ اگهم وساڻ ۾ مشهور سياسي سماجي شخصيت پ پ جي نظرياتي جيالي اگهم وساڻ ۾ پ پ جي بنيادي ڪارڪن علائقي سميت پ پ پ کي سڄي زندگي اڳوڻي وزيراعظم شهيد ذوالفقار علي ڀٽو کي ڦاسي دوران هڪ سال قيد ڏهه ڪوڙا ڦٽڪا 1978 ۾ سزا ڪاٽي هميشه پ پ پ کي فعال ڪندڙ ايم آر ڊي تحريڪ ۾ پنهنجي حيثيت مطابق جدوجهد ڪندڙ لطيف سائين جي ڪنجي بردار چيف خليفائي خاندان جي اهم شخصيت ڪامريڊ زوار خيرمحمد وساڻ لطيفي جي فرزند امام ڏنو وساڻ لطيفي پاران اٺين ورسي ملهائي وئي جن ۾ سنڌس وارثن دوستن ضلعي جي صحافين صحافي نورحسن هڪڙو عبدالرزاق سولنگي اختيار علي وساڻ راڻا تسليم راجپوت آصف علي وساڻ ذوالفقار علي وساڻ مرتضا مري بخش وساڻ محمد بچل وساڻ ماسٽر شيرمحمد خاصخيلي عبدالمجيد لاڪو سيد فرقان شاهه جٽيوٽ وساڻ محرم وساڻ رحيم علي بخش وساڻ بادشاهه رند محمد ماڪن سومرو ماسٽر علي شير ڪيريو ساجن لاشاري سميت وساڻ برادري لاڪا برادري سيد برادري خاصخيلي برادري لاشاري برادري سومرا برادري مگنهار برادري ۽ ڳوٺاڻن سميت يوسي فقير نوح هولياڻي جي ڳوٺن مان سنڌس چاهيندڙ دوستن وڏي انگ ۾شرڪت ڪئي

ڀٽ شاهه: ۾ ڪامريڊ زوار خيرمحمد وساڻ لطيفي جي 8 ورسي ملهائي وئي

ڏيپارجا ۾ روهڙي ڪئنال جي پل مڪمل تباهي جو شڪار،عوام پريشاني ۾ مبتلا

هنگورجا رسول آباد محراب پور ڏيپارجا سوئي گئس ۽ وڏي تعداد ۾ ڳوٺاڻا هن پل تان گذرن ٿا پر پل زبون حالت ۾ آهي

پل هنڌان هنڌان ٽٽي پئي،ڪنهن به وقت ڪري سگهي ٿي ڪروڙن نقصان ڪري سگهي ٿي،پيو پاڻي تي دباءُ پئجي سگهي ٿو

پل ڪنڌ جي صورت بااختيار ڪري سگهي ٿي،جلد کان جلد نوٽيس ورتو وڃي ۽ نئين پل تعمير ڪرائي ڏني وڃي:رهواسي

ڏيپارجا (ن ع)ڏيپارجا ۾ روهڙي ڪئنال جي پل مڪمل تباهي جو شڪار عوام پريشاني ۾ مبتلا وڏين گاڏين جو ڪراس بند ڏيپارجا روهڙي ڪئنال واري پل تباهه ٿي وئي ڪنهن نوٽيس نه ورتو پل تعمير ڪرائي ڏني وڃي هتان جي عوام جو پرزور مطالبو ڪيو هن پل کان مرڪزي روڊ گذر ڪري ٿو جيڪو مختلف شهرن سان ملي ٿو جنهن ۾ هنگورجا رسول آباد محراب پور ڏيپارجا سوئي گئس ۽ وڏي تعداد ۾ ڳوٺ هن پل تان گذرن ٿا پل زبون حالت ۾ آهي هنڌان هنڌان ٽٽي پئي آهي ڪنهن به وقت ڪري سگهي ٿي ۽ ڪو وڏو نقصان ڪري سگهي ٿي پيو پاڻي تي دباءُ پئجي سگهي ٿو ۽ ڪنڌ جي صورت بااختيار ڪري سگهي ٿو هتان جي سول سوسائٽي جي ماڻهن اعليٰ اختيارن کان مطالبو ڪيو آهي ته جلد کان جلد نوٽيس ورتو وڃي ۽ نئين پل تعمير ڪرائي ڏني وڃي

ڊي سي آفيس خيرپور ۾ سمال ميڊيم انٽرپرائزز جا چيڪ ڏيڻ جي تقريب

فياض حسين راهوجو جي هٿان 2.2 ڪروڙ جا 5 ۽ هڪ ڪروڙ جو 1 چيڪ ڏنا ويا

عوام کي هن منصوبي بابت جامع ڄاڻ ۽ معلومات ملڻ گهرجي:فياض حسين راهوجو

خيرپور(ڊ ن) ڳوٺ سينگار فائونڊيشن (GSF)پاران گروٿ فار رورل ايڊوانسمينٽ اينڊ سسٽين ايبل پروگريس (GRASP)تحت سمال ميڊيم انٽرپرائزز (SMEs)مان ڪامياب ٿيل ٽنڊن ڪاروبارين کي ميچنگ گرانٽس تحت چوٿين مرحلي ۾ ڊپٽي ڪمشنر فياض حسين راهوجو جي هٿان 2.2 ڪروڙ جا 5 ۽ هڪ ڪروڙ جو 1 چيڪ ڏنا ويا،ٽوٽل 6 ميمبرن ۾ 7 ڪروڙ جا چيڪ ڏنا ويا جڏهن ته چيڪ ڏيڻ جي هڪ شاندار تقريب سڄل سرمست هال ڊي سي آفيس خيرپور ۾ ٿي گذري،تقريب جا مهمان خاص ڊپٽي ڪمشنر خيرپور فياض حسين راهوجو هيا،هي تقريب يورپي يونين پاڪستان پاورٽي ايليويشن فنڊ (PPAF)انٽرنيشنل ٽريڊ سينٽر (ITC)جي گڏيل سهڪار سان هلندڙ منصوبي گراسپ تحت ڏنا ويا ڪامياب ٽنڊن ڪاروبارين کي 2.2 ڪروڙ جا 5 ۽ هڪ ڪروڙ جو 1 چيڪ ڏنا ويا ٽوٽل 6 ميمبرن ۾ 7 ڪروڙ جا چيڪ ڏنا ويا. تقريب کي خطاب ڪندي مهمان خاص ڊپٽي ڪمشنر خيرپور فياض حسين راهوجو چيو گراسپ منصوبو هڪ بهترين منصوبو آهي ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته عوام کي هن منصوبي بابت جامع ڄاڻ ۽ معلومات ملڻ گهرجي ته جيئن وڌ ۾ وڌ ڪاروبار ڪندڙ ماڻهو هن موقعي مان فائدو وٺي ڪاروباري سرگرمين کي وڌائڻ ۽ ڪاروبار ۾ جدت آڻي روزگار جا موقعا پيدا ڪن ته جيئن غربت ۽ بيروزگاري ۾ گهٽتائي آڻي سگهجي هن وڌيڪ چيو ته گراسپ هڪ شاندار منصوبو آهي

خيرپور ميڊيڪل ڪاليج جي وائيس پرنسپال سول اسپتال جي او پي ڊي جو دورو ڪيو

خيرپور (ڊ ن)خيرپور ميڊيڪل ڪاليج جي پرنسپال پروفيسر ڊاڪٽر جاويد احمد ڦليپوٽو جي خاص هدايتن تي وائيس پرنسپل پروفيسر ڊاڪٽر مختيار احمد لاڪو ٽيچنگ سول اسپتال خيرپور جي او پي ڊي جو تفصيلي دورو ڪيو،دوري دوران ڊاڪٽر مختيار احمد لاڪو نه صرف او پي ڊي جو جائزو ورتو پر پاڻ به مريضن جي او پي ڊي سرانجام ڏني ۽ مريضن سان ملاقات ڪندي علاج معالج جي سهولتن بابت به پڇا ڪئي،بعد ۾ وائيس پرنسپل اسپتال جي ٻين شعبن ۾ ڊيوٽي تي موجود ڊاڪٽرن ۽ عملي سان ملاقاتون ڪيون ۽ ڪين هدايتون ڏنيون ته مريضن کي علاج سهولت ۽ وقتائتي خدمتن جي فراهمي ۾ ڪنهن به قسم جي ڪوتاهي نه ڇڏي وڃي،ڊاڪٽر مختيار احمد لاڪو چيو ته ٽيچنگ اسپتال خيرپور ميڊيڪل ڪاليج جو اهم حصو آهي

خيرپور جي جبلن ۾ ٻه سو کان مٿي ڪرش پلانٽ قائم،ڊائنا مائيٽ ڌماڪن ذريعي جبل ڀورڻ شروع

ڪجهه وقت اڳ سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ مقامي وڪيلن جي پٽيشن تي جبلن کي کيرائڻ ۽ ٽوڙڻ تي پابندي هڻي ڇڏي هئي

مائينز ۽ منرل محڪمي سنڌ هاءِ ڪورٽ جي حڪم تي عمل نه ڪرايو،مالڪ جبلن ۾ ڌماڪا ڪري جبلن کي کيرائي رهيا آهن

1973 ۾ ڪيمبرج يونيورسٽي جي معروف آرڪيالاجسٽ پروفيسر آلچن خيرپور آيو هو،جنهن اهي جبل تاريخي ۽ قديمي قرار ڏنا هئا

مقامي اديبن ۽ شاعرن ۽ صحافين پاران قديمي جبلن جي چيرڦاڙ ڪرڻ تي گهري غم ۽ غصي جو اظهار ڪيو ويو

ڪوٽڏيجي ڪيبر(ن ع)ضلعي خيرپور ۾ ڊائنا مائيٽ جي ڌماڪن ذريعي تاريخي ۽ قديمي جبلن کي ڪيرائڻ ۽ ٽوڙڻ جو سلسلو جاري آهي عدالت جي پابندي باوجود خيرپور جي جبلن ۾ ٻه سو کان مٿي ڪرش پلانٽ قائم ڪيا ويا آهن،ڪجهه وقت اڳ سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ مقامي وڪيلن جي پٽيشن تي جبلن کي ڪيرائڻ ۽ ٽوڙڻ تي پابندي هڻي ڇڏي هئي،ليڪن مائينز ۽ منرل محڪمي سنڌ هاءِ ڪورٽ جي حڪم تي عمل نه ڪرايو جنهن سبب ڪري خيرپور جي جبلن تي ٻه سو کان مٿي ڪرش پلانٽ قائم ڪيا ويا آهن جبلن جي سلسلي ۾ ڪرش پلانٽ قائم ڪندڙ بااثر مالڪ بيدردي سان جبلن ۾ ڌماڪا ڪري قيمتي جبلن کي ڪيرائي رهيا آهن،جبلن جي سلسلي ۾ ماهرن جي مطابق 1973 ۾ ڪيمبرج يونيورسٽي جي معروف آرڪيالاجسٽ پروفيسر آلچن خيرپور آيو هو ان خيرپور جي ڪوٽ ڏجي،اين شاهه لونگ فقير ۽ شادي شهيد جي جبلن جو دورو ڪيو هو ۽ جبلن جي پٿرن کي ڪٺي ڪيمبرج يونيورسٽي ۾ ڪٺي ويا،اتي يونيورسٽي جي ليبارٽري ۾ خيرپور جي جبلن جي پٿرن تي تجربو ڪيو،يونيورسٽي جي ٽيسٽنگ ليبارٽري جي تجربن مطابق خيرپور جا جبل لکين سالن جا پراڻا آهن،جبلن ۾ صندو قسم جو سنگ مرمر پٿر ۽ قيمتي هيرا موجود آهن. پروفيسر آلچن پنهنجي تحقيقي رپورٽ ۾ لکيو آهي ته خيرپور جا جبل تاريخي ۽ قديمي آهن هنن جبلن جي حفاظت ڪرڻي پوندي، ياد رهي ته خيرپور جا جبل اروڙ جي جبلن جو تسلسل آهن تاريخ دانن مطابق برهمڻ ۽ راءِ گهراڻن جي حڪومتن جو دارالخلافه هنن جبلن ۾ قائم هيو جڏهن ته اروڙ ۽ راوڙ جا قلعا به هنن جبلن جي سلسلي ۾ هئا، هي جبل سنڌ جي قديم تهذيبن جو مرڪز رهيا آهن ليڪن افسوس جي ڳالهه آهي ته هنن جبلن جو تحفظ ڪرڻ بدران ڊائنا مائيٽ جا ڌماڪا ڪري تاريخي جبلن کي ڪيرايو ۽ ٽوڙيو وڃي ٿو پيو مقامي اديبن ۽ شاعرن ۽ صحافين قديمي جبلن جي چيرڦاڙ ڪرڻ تي گهري غم ۽ غصي جو اظهار ڪيو آهي هنن جبلن کي ڪيرائڻ سلسلو بند ڪرڻ جو مطالبو پڻ ڪيو

خيرپور جي جبلن ۾ ٻه سو کان مٿي ڪرش پلانٽ قائم،ڊائنا مائيٽ ڌماڪن ذريعي جبل ڀورڻ شروع

خيرپور شهر مان واپاري کان روڪ رقم،موبائيل فون ۽ ٻيو سامان ڦر

فيض آباد پل وٽان هٿياربند واپاري کان تي لک ۽ فون ڦر ڪري فرار ٿي ويا

متاثر واپاري اي سيڪشن ٿاڻي تي پهچي ڪري ڦر واقعي جي اين سي داخل ڪرائي

خيرپور (ڊ ر)خيرپور شهر ۾ ڏوهي وارداتن تي ضابطو نه آيو شهري غير محفوظ بڻيل اي سيڪشن ٿاڻي جي حد فيض آباد پل وٽان اڻڄاتل هٿياربند واپاري کان تي لک ۽ موبائل فون ڦر ڪري فرار. فيض آباد پل وٽان موٽرسائيڪل سوار تي هٿياربند هٿيارن جي زور واپاري مبين راجپوت کان تي لک روڪ رقم ۽ موبائل فون ڦر ڪري آساني سان فرار ٿي ويا متاثر واپاري اي سيڪشن ٿاڻي تي پهچي ڪري ڦر واقعي جي اين سي داخل ڪرائي

ڊينگي ۽ مليريا جي خاتمي لاءِ گڏاپ ٽائون ۾ اسپري مهم جاري

بروقت قدم کڻڻ سان مڇرن جي واڌ ۾ نمايان گهٽتائي آئي آهي:طارق عزيز بلوچ

گڏاپ ٽائون جي عوام سان ڪيل واعدا پورا ڪري رهيا آهيون

ڪراچي(بيورو رپورٽ)ٽائون ميونسپل ڪارپوريشن گڏاپ جي چيئرمين طارق عزيز بلوچ،وائس چيئرمين جام محمد جوکيو ۽ ميونسپل ڪمشنر محمد نواز مهر جي خاص هدايت تي ڊينگي ۽ مليريا جي خاتمي لاءِ گڏاپ ٽائون جي سڀني يوسيز ۾ لڳاتار اسپري مهم زور شور سان جاري آهي. علائقي واسين اسپري مهم تي اطمينان جو اظهار ڪندي انتظاميا جو شڪريو ادا ڪيو ۽ چيو ته بروقت قدم کڻڻ سان مڇرن جي واڌ ۾ نمايان گهٽتائي آئي آهي ۽ ماحول ۾ بهتري محسوس ٿي رهي آهي چيئرمين طارق عزيز بلوچ چيو ته اسان گڏاپ ٽائون جي عوام سان ڪيل واعدا پورا ڪري رهيا آهيون،شهرين جي صحت، صفائي ۽ سهولتن لاءِ ڪا به ڪسر نه ڇڏينداسين. ڊينگي ۽ مليريا جي خاتمي لاءِ گڏاپ ٽائون جي سڀني يوسيز ۾ لڳاتار اسپري، فيلڊ انسپيڪشن ۽ عوامي آگاهي مهم جاري آهي. انتظاميا ڏينهن رات فيلڊ ۾ موجود آهي ۽ مان پاڻ مختلف علائقن ۾ ڪارڪردگي جو جائزو وٺي رهيو آهيان. گڏاپ ٽائون جي عوام جو تعاون قابل تعريف آهي، مان سمورن رهاڪن کي اپيل ڪيان ٿو ته گهرن جي صحن، پاڻي جي ٽينڪن ۽ نالين کي صاف رکن، جيئن مڇرن جي واڌ لاءِ ڪا به گنجائش نه رهي. اسان جي ڪوشش آهي ته گڏاپ ٽائون صفائي، نظم و ضبط ۽ صحت عامه جي لحاظ سان هڪ مثالي علائقو بڻجي.ان موقعي تي سپرنٽينڊنٽ انجنيئر (ايم اينڊ اي) نور علي جطال، ڊائريڪٽر پراپرٽي سهيل يار خان، ڊائريڪٽر انفارميشن رضوان صابر، ڊائريڪٽر ايڊورٽائزمينٽ هدايت الله شيخ، لا آفيسر سهيل قاضي، ڊپٽي ڊائريڪٽر (ايڇ آر ايم) سرفراز احمد کتهري، پي ايس ايم سي علي مهر، يي ايس چيئرمين لعل جان بني ۽ ٻيا به موجود هئا

ڪراچي: ٽائون ميونسپل ڪارپوريشن گڏاپ جي چيئرمين طارق عزيز بلوچ ۽ ميونسپل ڪمشنر محمد نواز مهر جي خاص هدايتن تي گڏاپ ٽائون ۾ ڊينگي ۽ مليريا اسپري مهم جاري آهي

ڪوٽڏيجي پرسان روڊ جو ڪم ٺيڪيدار اڌ ۾ ڇڏي غائب ٿي ويو

اڌ کان گاڏين جا ٽائر پنڪچر ٿي پون ٿا ڪير به پڇڻ وارو نه آهي:ڳوٺاڻا

ڪير به پڇڻ وارو نه آهي،جلد روڊ جو رهيل ڪم مڪمل ڪرايو وڃي

ڪوٽڏيجي (ن ع)ڪوٽڏيجي جي پرسان وڏي آبادي وارو ڳوٺ ملهيراڻي سولنگي جو قومي شاهراهه کان ڳوٺ تائين روڊ جو ڪم ٺيڪيدار اڌ ۾ ڇڏي ڪيترن ئي سالن کان غائب ٿي ويو روڊ تي صرف پٿر وڇائڻ سبب ايندڙ ويندڙن کي سخت تڪليف کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي هتان جي رهواسين گلزار سولنگي،محمد نواز،عتيق الرحمان سميت ٻين اخبار وارن سان ڳالهائيندي چيو ته اسان جو ڳوٺ ملهيراڻي سولنگي وڏي آبادي وارو آهي پر راڄ جي جديد دور ۾ به اڄ تائين روڊ مڪمل نه ٿيو ٺيڪيدار اڄ کان ڪجهه سال پهريان پٿر وڇائڻ بعد اڄ ڏينهن تائين واپس نه ٿيو آهي جنهن سبب مصيبت ۾ پئجي ويا آهيون موٽرسائيڪلن،ڪارن جا ٽائر پنڪچر ٿين ٿا سبب شاگرد اسڪولن تائين ۽ آفيسر آفيسن تائين نه ٿا پهچي سگهن هنن چيو ته روڊ جو اڌ ۾ رهيل ڪم جلد مڪمل ڪرايو وڃي نه ته احتجاج ڪيو ويندو

ٽنڊوآدم جي ڪاليجن ۾ ٿيليسيميا جي بيماري کان بچاءَ جا الڳ الڳ سيمينار

عائشه اسلم ٿيليسيميا جي بيماري ۽ ان کان بچاءَ بابت تفصيلي ليڪچر ڏنو

سڪرنڊ (س ر)ريجنل ڊائريڪٽر ڪاليجز شهيد بينظيرآباد پروفيسر محمد سليمان سيال پاران نيو علي ڳوهر گورنمينٽ بوائز ڪاليج ٽنڊوآدم ۽ گورنمينٽ گرلز ڊگري ڪاليج ٽنڊوآدم ۾ ٿيليسيميا پيشنٽس ويلفيئر سوسائٽي نوابشاهه جي سهڪار سان ٻنهين ڪاليجن ۾ ٿيليسيميا جي بيماري کان بچاءَ جا الڳ الڳ سيمينار منعقد ڪرايا جتي پرنسپال پروفيسر ياد حسين ۽ گرلز ڪاليج جي پرنسپال پروفيسر فاطمه سنڌ ملوڪاڻي آيل مهمانن کي الڳ الڳ اجياڻو پيش ڪيو ان موقعي تي مانيٽرنگ اينڊ ايويلوئيشن آفيسر مس عائشه اسلم ٿيليسيميا جي بيماري ۽ ان کان بچاءَ بابت تفصيلي ليڪچر ڏنو جڏهن ته شاگردن ۽ شاگردياڻين نڪاح کان اڳ ٿيليسيميا ٽيسٽ ڪرائڻ جو زور ڏنو. سيمينارن ۾ ٿيليسيميا ڪوآرڊينيٽر آغا راشد جن ڪيو ان موقعي تي ريجنل ڊائريڪٽر محمد سليمان سيال ڳالهائيندي چيو ته ٿيليسيميا ڪيئر سينٽر نوابشاهه سنڌ جو بهترين ادارو آهي جيڪو سنڌ جي مختلف ضلعن مان ايندڙ 26 سئو کان وڌيڪ ٿيليسيميا جي ٻارڙن جي خدمت ڪري رهيو آهي جيڪا انسانيت جي بهترين خدمت آهي هن وڌيڪ چيو ته پنهنجي وس آهر ٿيليسيميا ڪيئر سينٽر نوابشاهه سان سهڪار ڪنداسين جنهن ۾ بلڊ ڊونيشن ڪيمپ به شامل ڪنداسين

سڪرنڊ: عائشه اسلم ٿيليسيميا جي بيماري ۽ ان کان بچاءَ بابت تفصيلي ليڪچر ڏنو

نفسا نفسي واري دور ۾ ڪچهريون ڪرڻ کي غنيمت ڄاڻي سگهجي ٿو:مير جلباڻي

اهڙين گهڙين لاءِ ڪوڙ ماڻهو سڪندا آهن،شڪر ڪن اهي جيڪي محبتي ميلا مچائين ٿا

سڪرنڊ (س ر)موجوده نفسا نفسي واري دور ۾ چند گهڙيون ڪنهن ڪچهريون ڪرڻ، زمانهن جو ساءِ اروڙ ۽ هڪٻئي سان حال ڪرڻ کي غنيمت ڄاڻي سگهجي ٿو اهڙين گهڙين لاءِ ڪوڙ ماڻهو سڪندا آهن جي تقريب دوران ڳالهائيندي ڄاڻي هن چيو ته مان پاڻ کي خوشنصيب ڄاڻندو آهيان جو الله سائين مونکي خلوص وارا دوست عطا ڪيا آهن اهو ئي سبب آهي جو سنڌن مان

خيرپور ناٿن شاهه ۾ دهشت جي علامت بڻيل بدنام ڌوهاري رجب عرف رجو پاڻمرادو پوليس آڏو پيش

رجب عرف رجو ڏکيي عرصي کان پوليس کي ڪيترن ئي سنگين ڏوهن، جن ۾ چوري، ڦر ۽ پوليس مقابلو ۽ ٻيا ڪيترائي سنگين ڪيس شامل آهن:ڊي ايس پي

رجب عرف رجو علائقي ۾ خوف ۽ دهشت جي علامت سمجهيو ويندو هو،پوليس هن تي ڪيترائي ڀيرا ريڊ ڪيو پر هو هٿ نه اچي سگهيو

ڏوهن جي زندگي ڇڏي ۽ پرامن، باعزت زندگي گذارڻ چاهيان ٿو سوچي ڌوهاري پوليس آڏو پيش ٿين ۽ سڪون ۽ عزت واري زندگي گذارين:رجب عرف رجو

خيرپور ناٿن شاهه(ن ع) خيرپور ناٿن شاهه ۾ دهشت جي علامت بڻيل بدنام ڌوهاري رجب عرف رجو ولد قربان چانڊيو ڏوهن جي دنيا کان تنگ اچي پاڻمرادو پوليس آڏو پيش ٿيو آهي .خيرپور ناٿن شاهه ۾ ڊي ايس پي عبدالخالق قريشي ۽ ايس ايڇ او قمرالدين ٿنيو پاران پريس ڪانفرنس ڪندي ٻڌايو ويو ته رجب عرف رجو ڏکيي عرصي کان پوليس کي ڪيترن ئي سنگين ڏوهن جن ۾ چوري، ڦر ۽ پوليس مقابلو ۽ ٻيا ڪيترائي سنگين ڪيس شامل ۾ گهربل هو رجب عرف رجو علائقي ۾ خوف ۽ دهشت جي علامت سمجهيو ويندو هو پوليس هن تي ڪيترائي ڀيرا ريڊ ڪيو، پر هو هٿ نه اچي سگهيو پوليس موجب رجب عرف رجو پيش ٿي چيو ته هاڻي مان هو ڏوهن جي زندگي ڇڏي ۽ پرامن، باعزت زندگي گذارڻ چاهيان ٿو.رجب عرف رجو وڌيڪ چيو ته ايس ايس پي دادو هڪ سٺو آفيسر آهي. مان ٻين سڀني ڌوهارين کي گذارش ڪيان ٿو ته هو به پاڻمرادو پوليس آڏو پيش ٿين ۽ سڪون ۽ عزت واري زندگي گذارين

خيرپور ناٿن شاهه: دهشت جي علامت بڻيل بدنام ڌوهاري رجب عرف رجو پاڻمرادو پوليس آڏو پيش

بلڙي شاهه ڪريم ٽائون ڪميٽي ملازمن جي پگهارن مان ويهه هزار ڪٽوتي خلاف احتجاجي مظاهرو

پگهارن مان ويهه هزارن ٽائين ڪٽوتي ڪرڻ خلاف پريس ڪلب اڳيان ملازمن سماجي اڳواڻ طفيل ملاح جي اڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪيو

اسان کي نوڪرين ڏنيون،جنهن بچن جو گذر سفر ڪري سگهون ٿا پر هتي هر مهيني اسان جو پگهار ڪٽيو ويندو آهي:ملازم

ٽائون تي وڃون ٿا ته جواب ڏنو وڃي ٿو ته آفيسر ناهي، اسان ڪنهن کي چئون،پگهار جاري ڪيا وڃن نه ته بي صورت ۾ اسان تحريڪ هلائينداسين

بلڙي شاهه ڪريم(ن ع)ٽائون ڪميٽي بلڙي شاهه ڪريم جي ملازمن جي پگهارن مان ويهه هزارن ٽائين ڪٽوتي ڪرڻ خلاف پريس ڪلب بلڙي شاهه ڪريم اڳيان ملازمن جو سماجي اڳواڻ طفيل ملاح نياز ملاح نظير ملاح سيد امتياز شاهه خميسو رند دودل مگنهار سومار قمبراڻي جي اڳواڻي ۾ ڪائون انتظاميا خلاف احتجاجي مظاهرو،سخت نعري بازي،جڏهن ته اڳواڻن جو چوڻ هو ته اسان کي نوڪرين ڏنيون،جنهن بچن جو گذر سفر ڪري سگهون ٿا پر هتي هر مهيني اسان جو پگهار ڪٽيو ويندو آهي هر مهيني ته ويهه هزار ڪٽوتي ڪئي وئي آهي اسان جو پگهار ويهه کان پنجويهه هزار آهي جنهن مان ويهه هزار ڪٽوتي ڪئي وئي آهي اسان جي ڪن ملازمن کي مهيني جي تنخواه ملي ناهي ڪنهن کي هزار پنج سئو بچيا آهن اسان ٻچن جو گذر ڪيئن ڪيون اسان ٽائون تي وڃون ٿا ته جواب ڏنو وڃي ٿو ته آفيسر ناهي اسان ڪنهن کي چئون اسان جي وس وارن کي اپيل آهي ته اسان جا پگهار جاري ڪيا وڃن نه ته بي صورت ۾ اسان تحريڪ هلائينداسين

بلڙي شاهه ڪريم: ٽائون ڪميٽي ملازمن جي پگهارن مان ويهه هزار ڪٽوتي خلاف احتجاجي مظاهرو

ٽاٽوبولاخان ۾ ريهيبليٽيشن ڊپارٽمينٽ پاران فري ميڊيڪل علاج ۽ ٽيسٽون ڪيون ويون

ٽاٽوبولاخان (ن ع)سنڌ جي وزيراعلي مراد علي شاهه جي صلاحڪار ايم پي اي گيانچند ايسراڻي جي خاص هدايتن تي ريهيبليٽيشن ڊپارٽمينٽ پاران مفت ميڊيڪل موبائيل اسپتال جي ٻن يونٽن ٽاٽي بولاخان جي يوسي سول جي شير محمد شهڻو استاپ تي فري ميڊيڪل هيلٿ يونٽن علاج ۽ ٽيسٽون ڪيون ويون جڏهن ته 200 مريض او پي ڊي ۔ ليب ٽيسٽون ڪيون ويون الٽراسائونڊ ايڪسري اي سي جي ڪاري سائي مليريا شگر جون ٽيسٽون پڻ ڪيون ويون ڪيمپ جي انعقاد تي شير محمد شهڻو استاپ يوسي سول جي رهواسين وزيرعلي سنڌ جي صلاح ڪار گيانچند ايسراڻي ص جو شڪريو ادا ڪيو هنن چيو ته اسان جي ڳوٺ ۾ مفت موبائيل اسپتال موڪلي آهي جنهن ڪري اسان جي آس پاس جي علائقن جي رهواسين جو علاج ڪيو ويو آهي هن مفت ڪيمپ اسپتال ۾ مهانگيون ٽيسٽون ڪيون ويون

درگاهه شاهه ڀٽائي رح جو قائم مقام سجاده نشين جهول ڀهتو

لطيف فائونڊيشن سانگهڙ جي جنرل سيڪريٽري جي اڳواڻي ۾ شرڪت

سنڌ ۽ پاڪستان جي هر يونيورسٽي ۾ لطيف چيئر جوڙڻ گهرجي:مصطفي شاهه لطيفي

سنجهورو (رپورٽ خادم حسين خاصخيلي) جهول ۾ شاهه عبداللطيف ڀٽائي رح جي قائم مقام سجاده نشين سيد مصطفي حسين شاهه لطيفي ، شاهه لطيف فائونڊيشن ضلعو سانگهڙ جي جنرل سيڪريٽري غلام عباس لسڪاڻي جي اڳواڻي ۾ شرڪت ڪئي انهي موقعي تي هن سان ملاقات ڪندي ڳالهائيندي چيو ته دنيا جي ملڪن ۾ سنڌ ۽ پاڪستان جي شاهه عبداللطيف ڀٽائي رح آهي ، سنڌ ۽ پاڪستان جي هر يونيورسٽي ۾ لطيف چيئر جوڙڻ گهرجي افسوس ڀٽائي جي نالي سان قائم يونيورسٽي ۾ لطيف چيئر فعال ناهي ، هن چيو ته وقت اچي ويو آهي ته شاهه عبداللطيف ڀٽائي رح جن جا مريد عقيدتمند سنڌي طاقت ۽ آئيني قانون جي ذريعي سنڌ جي هر يونيورسٽي ۾ شاهه لطيف چيئر قائم ڪرائڻ لاءِ جدوجهد ڪن هاڻ خاموش ويهڻ بجاءِ سنڌن حقن لاءِ مقرر ڪرائڻ جي ڪوشش ڪبي ، هن چيو ته شاهه عبداللطيف ڀٽائي رح جو سجاده نشين سنڌس سنڌ وڏو پاءِ سيد وقار حسين شاهه لطيفي اسڪندي ڪوثر تي ٻاهرين ملڪ هئڻ ڪري درگاهه جو ڪار رهنوار ڦٽي ويو آهي ۽ شاهه لطيف فائونڊيشن به غير فعال ٿي وئي آهي هاڻ هڪ دفعو ٻيهر شاهه لطيف فائونڊيشن ۽ لطيفي جماعت کي فعال ڪيو ويندو انهي سلسلي ۾ ڊسمبر 2025 کان سنڌ جي هر ننڍي ڳوٺ وڏي شهر ڳوٺ ۾ گڏجاڻيون ڪري تنظيمن کي فعال ڪيو ويندو ، هن وقت مرشد لطيف سرڪار جن جو مريد عقيدتمند ٽوڙي هو پاڻ وڏين ڏکليفن کي منهن ڏئي رهيا آهن ، مرشد لطيف سرڪار جن جي سالگرهه واري پروگرام ۾ اميد آهي ڪافي حد تائين تنظيم سازي ٿي چڪي هوندي سنڌي ٻولي لطيف جي ٻولي آهي ٻولي کي ۽ مرشد لطيف سرڪار جن جي بيتن کي سوشل ميڊيا تي غلط

سنڌ ايڪشن ڪميٽي جي سڏ تي 27 آئيني ترميم خلاف حيدرآباد ۾ احتجاجي مظاهرو

27 آئيني ترميم ذريعي صوبن کي ورهائڻ،وسيلن تي قبضو،عدالتن حملو ۽ ڪرپٽ حڪمرانن کي تحفظ فراهم ڪرڻ آهي:روشن برڙو

چئني صوبن ۾ بيچيني ڦهليل آهي،بلوچستان کي ڀت سان لڳايو ويو آهي،سنڌ جي وحدانيت تي حملي جي تياري ڪئي پئي وڃي

سنڌ جو وسيلن تان حق ڪسيو پيو وڃي،ڪي پي کي عوام جدوجهد ڪري پئي،پنجاب واسي به شناخت قائم رکڻ لاءِ پريشان آهن:ديدار شام

حيدرآباد(اسٽاف رپورٽر) سنڌ ايڪشن ڪميٽي جي سڏ تي 27 آئيني ترميم خلاف ڪالهه حيدرآباد پريس ڪلب سامهون روشن برڙو،ديدار شام،ايڊيووڪيٽ مير مگريو،اسرار چانگ ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو. ان موقعي تي اڳواڻن چيو ته 27 آئيني ترميم ملڪ خلاف سازش آهي 27 آئيني ترميم ذريعي صوبن کي ورهائڻ،وسيلن تي قبضو،عدالتن حملو ۽ ڪرپٽ حڪمرانن کي تحفظ فراهم ڪرڻ آهي. هنن چيو ته 27 آئيني ترميم غيرجمهوري قوتن کي طاقتور بڻائڻ آهي،هنن چيو ته ملڪ جي چئني صوبن ۾ بيچيني ڦهليل آهي،بلوچستان کي ڀت سان لڳايو ويو آهي. سنڌ جي وحدانيت تي حملي جي تياري ڪئي پئي وڃي ۽ سنڌ جي وسيلن تان سنڌين جو حق کسيو پيو وڃي ڪارپوريٽ فارمنگ ذريعي سنڌ جون زمينون ڦريون پيون وڃن. ڪي پي ڪي جي عوام پنهنجي حقن لاءِ جدوجهد ڪري پئي،پنجاب جي عوام به پنهنجي شناخت کي قائم رکڻ لاءِ پريشان آهن. هنن چيو ته 26 آئيني ترميم ذريعي اظهار جي آزادي ۽ انصاف کسيو ويو ۽ هاڻ 27 آئيني ترميم ذريعي ننڍن قومن کان پنهنجي صوبن تان حق کسڻ آهي. هنن چيو ته آمريت جي پيداوار پيپلز پارٽي غير جمهوري ترميمن ۾ پاٿيوار آهي ۽ ان جو خميازو پ پ کي ڀڳتڻو پوندو. هنن چيو ته 27 آئيني ترميم جي خاتمي تائين جدوجهد جاري رهندي

مدرسن کي قومي ڌاري ۾ آڻڻ جي ڳالهه ڪندڙ پاڻ ڪٽيل آهن:راشد سومرو

حڪمران مغربي خوشنودي لاءِ پنهنجي تهذيب،مذهب ۽ نظريات کان ڌار آهن

حڪمران ڪجهه قوتن جي اشارن تي علما کي خريدڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن

علما جا ضمير خريدڻ جو خواب ڏسڻ وارا پاڻ ذلت ۽ رسوائي جو شڪار ٿيندا

سيوهڙو (ن ع)جمعيت علماءِ اسلام سنڌ جي قائد علامه راشد محمود سومرو چيو آهي ته اهي ماڻهو جيڪي مدرسن کي قومي ڌاري ۾ آڻڻ جي ڳالهه ڪن ٿا، اهي دراصل پاڻ قومي ڌاري کان ڪٽيل آهن ڇو ته ديني مدارس ئي اصل قومي ڌاري ۾ آهن جيڪي صدين کان ايمان، اخلاق ۽ خدمت خلق جي واڌاري ۾ مرڪزي ڪردار ادا ڪري رهيا آهن. هن اهڙن خيالن جو هڪ وڏي جلسي کي خطاب ڪندي ڪيا. علامه سومرو چيو ته اڄ جا حڪمران مغربي خوشنودي لاءِ پنهنجي تهذيب، مذهب ۽ نظرياتي بنيادن کان ڌار ٿي رهيا آهن جو اعتماد هميشه علما ۽ ديني ادارن تي قائم رهيو آهي. پنجاب ۾ علما کي 25 هزار رپيا ڏيڻ جي اعلان تي ردعمل ڏيندي علامه سومرو چيو ته حڪمران ڪجهه قوتن جي اشارن تي علما کي خريدڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن. هن واضح ڪيو ته علما دين جا سپاهي ۽ ملت جا رهنما آهن جن کي نه دولت سان خريد ڪري سگهجي ٿو ۽ نه دٻاءُ سان جهڪايو وڃي ٿو. جي يو آءِ اڳواڻ چيو ته چند رپين عيوض علما جا ضمير خريدڻ جو خواب ڏسڻ وارا پاڻ ذلت ۽ رسوائي جو شڪار ٿيندا. علامه راشد محمود سومرو چيو ته جمعيت علماءِ اسلام ماضي وانگر اڄ به دين دشمن منصوبن کي ناڪام

The largest circulated amongst regional dailies of Pakistan
ABC CERTIFIED
متحده عرب امارات ۾ قيمت 2 درهم – سعودي عرب ۾ 2 ريال
روزاني عبرت
ايڊيٽر انچيف ۽ پبلشر: قاضي اسد عابد
هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پلپلز پرنٽرز مان ڇپرائي عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان جاري ڪئي
روزانه عبرت علائقائي اخبارن ۾ باقائده تصديق ٿيل سڀ کان وڌيڪ اشاعت رکندڙ اخبار آهي
Hyd. Ph: 2728703-4, 2728571-2 Fax: 2781879, 2784300 Isld. Ph: 2823277
Khi. Ph: 4538862-3, 2639617 Fax: 4543839-2639492, Lhr. Ph: 7236191
Reach us at www.dailyibrat.com, E-mail: ibratg@yahoo.com, ibrat@hydwol.com.pk

اربع 12 نومبر 2025ع

اسلام آباد ڌماڪو۔ افغانستان جي سرزمين تان اُٿيل نئون دهشتگرديءَ جو محاذ

اسلام آباد جي علائقي جي-11 ڪچهريءَ جي ٻاهران ٿيل خودڪش ڌماڪو ملڪ لاءِ هڪ ٻيو وڏو الميو آهي، جنهن ۾ 12 بيگناهه ماڻهو شهيد ۽ ڪئين زخمي ٿي پيا. هيءَ رڳو دهشتگرديءَ جو واقعو نه پر پاڪستان جي سلامتي ۽ خودمختياريءَ تي سڌو حملو آهي. اهو حملو اُن فتنه پرست سوچ جو تسلسل آهي، جنهن کي رياست بار بار 'فتنه الخوارج' ۽ 'فتنه الهند' قرار ڏئي چڪي آهي ۽ جنهن جي پليان صاف نظر اچي ٿو ته خطي ۾ پاڪستان کي غير مستحڪم ڪرڻ واري سازش جاري آهي. حملو جي-11 ڪچهريءَ جي مرڪزي دروازي تي ٿيو جتي ان وقت وڪيل، شهري ۽ پوليس اهلڪار پنهنجي فرض تي موجود هئا. خودڪش بمبار جو هدف اسلام آباد پوليس جي پيٽرولنگ اسڪواڊ هو پر ڌماڪي جي شدت ايتري هئي جو ڪيترائي راهگير ۽ وڪيل به ان جي ليپيٽ ۾ اچي ويا. اهڙي ڪارروائيءَ جي منصوبابندي ڪنهن اڪيلي دهشتگرد جي ذهن مان نٿي ٿي سگهي. هي هڪ منظم ۽ پرڏيهي مدد سان تيار ڪيل منصوبو آهي، جنهن جو مقصد پاڪستان ۾ خوف، انتشار ۽ بيچيني پيدا ڪرڻ آهي. گهرو وزير محسن نقويءَ جو بيان صورتحال جي سنگينيءَ کي واضح ڪري ٿو. هن تسليم ڪيو ته افغانستان جي سرزمين تي اهڙا دهشتگرد ٽريننگ وٺن ٿا ۽ پوءِ پاڪستان اندر حملا ڪن ٿا. اهو اقرار نئون نه آهي، پر سوال اهو آهي ته جڏهن پاڪستان بار بار افغانستان کي شاهديون ڏئي ٿو ته به اُن ملڪ مان اهڙيون ڪارروايون ڇو جاري آهن؟ افغانستان جي مٽيءَ تان پاڪستاني شهرين جو رت وهائڻ نه رڳو بين الاقوامي قانون جي ڀڃڪڙي آهي، پر انسانيت جي توهين به آهي.

وزيراعظم شهباز شريف جو ردعمل پڻ واضح ۽ سخت هو. هن سڌن لفظن ۾ چيو ته هندستان جي حمايت يافته دهشتگرديءَ جو مقصد پاڪستان کي ڪمزور ڪرڻ آهي، پر قوم جو حوصلو ڪڏهن نه ٽُٽندو. هن جو بيان 'فتنه الهند' ۽ 'فتنه الخوارج' جي خلاف قومي اتحاد جي ضرورت کي اجاگر ڪري ٿو. هاڻي وقت اچي ويو آهي ته سفارتي سطح تي دنيا آڏو هندستان جي انهيءَ ڪردار کي بي نقاب ڪيو وڃي، جيڪو افغان سرزمين ذريعي پاڪستان ۾ دهشتگرديءَ کي هوا ڏئي رهيو آهي. هي حملو ان وقت ٿيو آهي جڏهن پاڪستان سرحدي علائقن ۾ به ساڳين ڌمڪين سان منهن ڏئي رهيو آهي. ڪجهه ڏينهن اڳ وانا ۾ به اهڙي ئي طرز جو خودڪش حملو ٿيو جنهن ۾ معصوم ٻارڙا به مارجي ويا. ٻنهي واقعن جو هڪ ئي مقصد آهي- پاڪستان کي عدم استحڪام ۽ خوف ۾ مبتلا رکڻ. پر تاريخ شاهد آهي ته پاڪستاني قوم دهشتگرديءَ خلاف هر ڀيري متحد ٿي نڪتي آهي ۽ دشمن جي هر سازش کي ناڪام بڻايو آهي. اسلام آباد جهڙي محفوظ سمجهي ويندڙ علائقي ۾ اهڙو حملو سيڪيورٽي جي نظام لاءِ به وڏو سوال آهي. حڪومت ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن کي نه رڳو ذميوارن جي نشاندهي ڪرڻي پوندي پر اهو به ڏسڻو پوندو ته دهشتگرد ڪهڙي رستي سان گاڏيءَ جي هن مرڪز تائين پهتو. فوري تحقيق سان گڏوگڏ هڪ نئين حفاظتي حڪمت عملي ضروري آهي، ڇو ته دهشتگرديءَ جو مقابلو رڳو بندوق سان نه پر ذهني ۽ انٽيليجنس سطح تي به ڪرڻو پوندو.

انساني وقار جي علمبردار- ڊاڪٽر عارفہ سيده زهرا جو وڇوڙو

پاڪستان جي علمي، ادبي ۽ انساني حقن واري دنيا اڄ هڪ وڏي شخصيت کان محروم ٿي وئي آهي. ڊاڪٽر عارفہ سيده زهرا جو لاڏاڻو رڳو هڪ فرد جو وڇوڙو ناهي، پر هڪ اهڙي فڪر، فڪر جي آزادي ۽ علمي اخلاص جي پڄاڻي آهي، جنهن سماج کي بهتر بڻائڻ لاءِ پنهنجي سڄي زندگي وقف ڪري ڇڏي. هوءَ اُن نسل سان واسطو رکندي هئي، جيڪي علم کي عبادت ۽ تعليم کي تبديليءَ جو اوزار سمجهندو هئا. ڊاڪٽر عارفہ سيده زهرا جو علمي سفر بي مثال رهيو. هوءَ نه رڳو لاهور ڪاليج فار وومين يونيورسٽي ۽ گورنمينٽ ڪاليج يونيورسٽيءَ مان اعليٰ تعليم حاصل ڪئي، پر آمريڪا مان پي ايڇ ڊي ڪري عالمي سطح تي به پاڪستان جو نالو روشن ڪيو. سندس فڪر جو مرڪز انساني حق، عورتن جي خودمختياري ۽ سماجي انصاف هئا. هوءَ يقين رکندي هئي ته تعليم ئي اها قوت آهي جيڪا عورت کي بااختيار بڻائي سگهي ٿي ۽ سماج ۾ اصلي تبديلي آڻي سگهي ٿي. ڊاڪٽر عارفہ سيده زهرا کي تمغه امتياز، فاطمه جناح ايوارڊ ۽ ڪيترائي بين الاقوامي اعزاز ان جي علمي ۽ سماجي خدمتن جو اعتراف آهن. هوءَ پنهنجي فڪر، گفتگو ۽ تحريرن ۾ ثقافتي ورثي جي حفاظت لاءِ هڪ روشن آواز هئي. سندس علمي مجلسون ۽ وڊيوز نوجوانن ۾ فڪر، سچائي ۽ سوال ڪرڻ جي همت پيدا ڪنديون هيون. ڊاڪٽر زهرا جو لاڏاڻو هڪ اهڙو خال ڇڏي ويو آهي، جنهن کي علم ۽ انسانيت سان محبت ڪندڙ دليون ئي محسوس ڪري سگهن ٿيون. هوءَ هڪ استاد کان وڌيڪ هڪ فڪر هئي- جيڪا پڙهائيندي به هئي، پر پاڻ به سماج کان سکندي رهي. سندس ياد علم جي تقدس، عورت جي وقار ۽ انسان جي حقن لاءِ هڪ دائمي تحريڪ جي صورت ۾ زنده رهندي.

27هين ترميم، طاقت جي نئين راند ۽ ايندڙ ۾ مهينا!



منير ساقي

ملڪ جي آئين ۾ ترميم ڪرڻ جو نالو اچڻ سان ئي سياسي ماحول ۾ گرمي وڌي ويندي آهي. 26هين ترميم وقت به ڪجهه باخبر حلقا چوندا رهيا ته هاڻ ايندڙ واري 27هين ترميم جي هوندي ۽ هاڻي اها اڳڪٿي سچي ثابت ٿي رهي آهي. ملڪ ڀيهر سياسي هلچل جي گرفت ۾ اچي ويو آهي. اسان وٽ آئيني ترميمون اڪثر ڪنهن خاص مقصد يا وقتي ضرورت تحت ڪيون وينديون آهن. هر ٻن ٽن سالن کان پوءِ نئين ترميم آڻڻ سان عوام ۽ سياسي پارٽين ۾ شڪ ۽ خدشا وڌندا وڃن ٿا. جيڪڏهن واقعي سڌارا مقصد آهن ته آئين جو هڪ جامع جائزو وٺي سڀ خاميون هڪ ئي ڀيري درست ڪيون وڃن. نه ئي وقت بوقت من پسند تبديليون ڪيون وڃن. جيڪي رڳو سياسي تڪرار وڌائين ٿيون. سياسي مبصرن موجب ستاويهين آئيني ترميم سان هڪ ادارو ته وڌيڪ مضبوط ٿيندو پر عدليه وڌيڪ ڪمزور ٿي سگهي ٿي، جنهن جا اثر جمهوري ۽ پارليماني نظام تي پئجي سگهن ٿا. ڪجهه ماهرن جو خيال آهي ته هي رستو آخرڪار صدارتي نظام ڏانهن وٺي وڃي سگهي ٿو. ستاويهين ترميم کان پوءِ هاڻي 28هين ترميم جا پڻ جوبول بڌڻ ۾ اچن پيا. سياسي پنڊتن جو چوڻ آهي ته جيڪڏهن اهو سلسلو آئين ٿي جاري رهيو ته ملڪ ۾ سياسي عدم استحڪام ۾ وڌيڪ تيزي اچي ويندي. جي يو آءِ جو سربراهه مولانا فضل الرحمان ۽ اڳڪٿين جو ماهر پيپلز پارٽيءَ جي سينيٽر اڳواڻ منظور وسان جو چوڻ آهي ته نومبر جو مهينو سياسي لحاظ کان خطرناڪ ثابت ٿيندو اهو بيان سياسي ماحول ۾ وڌيڪ گرمي پيدا ڪري رهيو آهي. ڇو ته 27هين ترميم کان پوءِ اڳ ئي بي يقيني ۽ ڇڪتاڻ جو ماحول موجود آهي. ترميم جي نڪتن ۾ وفاقي آئيني عدالت قائم ڪرڻ ۽ سپريم ڪورٽ کي الڳ ڪرڻ جي تجويز شامل آهي. ظاهري طور تي اهو قدم مثبت لڳي ٿو ڇو ته عدالتن ۾ سالن کان هزارين ڪيس التوا ۾ پيا آهن. جيڪڏهن حڪومت جي نيت صاف آهي ته هي قدم انصاف جي نظام ۾ سڌارو آڻي سگهي ٿو.

اهو نڪتو ته جيڪڏهن هڪ سال اندر ڪيس جو فيصلو نه ٿيو ته اهو پاڻمرادو ختم ٿي ويندو عملي طور تي لاڳو ٿيو ته عدالتي ڪارڪردگيءَ ۾ وڏي تبديلي اچي سگهي ٿي. سالن کان موجود هزارن ڪيسن جي تعداد ۾ ڪيسن مان جان ڇڏائي ويندي. پر قانوني ماهرن جو چوڻ آهي ته ججن جي مقرريءَ جو نئون طريقو شفاف نه هوندو ۽ ان سان عدليه جي آزادي متاثر ٿيندي. ماضيءَ جا ڪجهه عدالتي فيصلا انهن خدشن کي وڌيڪ تقويت ڏين ٿا. حقيقت اها آهي ته عدليه ۾ سڌارن جي ضرورت ته ضرور آهي پر شفافيت ڪانسواءِ هر قدم نقصانڪار ثابت ٿي سگهي ٿو. ترميمن ۾ هٿياربند فوج سان لاڳاپيل ڪجهه شقون به شامل آهن. جن تي وڏين پارٽين اتفاق ڪري ورتو آهي. حڪومت جو مؤقف آهي ته اندروني ۽ ٻاهرين خطرن جي پسمنظر ۾ اهي قدم ضروري هئا. وقت ٻڌائيندو ته اهو فيصلو درست هو يا نه...؟ ٻئي پاسي هن ترميم ملڪ ۾ سياسي ڇڪتاڻ واري صورتحال پيدا ڪري ڇڏي آهي. مسلم ليگ (ن)، پ پ، ايم ڪيو ايم، ق ليگ، آءِ پي پي ۽ ٻيون پارٽيون حمايتيءَ طور ميدان ۾ موجود آهن. جڏهن ته جي يو آءِ (ف) ۽ پي ٽي آءِ مخالف ڌر آئيني ترميم جي مخالفت ڪري رهي آهي. مخالف ڌر هن ترميم خلاف تحريڪ هلائڻ جو اعلان ڪيو آهي. تازو ئي ڏينهن اڳ مولانا فضل الرحمان جي بلاول هائوس ۾ آصف زرداري، بلاول ڀٽو ۽ گهرو وزير محسن نقويءَ سان ملاقات به انهيءَ معاملي تي ٿي. ذريعن موجب اختلافن باوجود ڳالهين جو سلسلو جاري رکڻ تي اتفاق ڪيو ويو آهي. ڪجهه ذريعن جو چوڻ آهي ته حڪومت آخرڪار مولانا فضل الرحمان کي به راضي ڪري ويندي پر ستاويهين ترميم کان

آمريڪا جي فضائن مان

خواب ۾ ڀٽوءَ ۽ بينظير سان ملاقات: آئين جي چيپاٽجڻ تي روحن جو احتجاج

راجا زاهد اختر خانزاده

رات جي خاموشيءَ ۾ هڪ عجيب خال پيدا ٿيو جڻ ته ڪنهن وقت جي پردي کي ٻنهي هٿن سان ڦاڙي، مون کي اهڙي جڳهه تي بيهاري ڇڏيو جتي نه ڏينهن هو نه رات هڪ مڌهم روشني پري کان لرزي آئي ۽ پوءِ اوچتو منهنجي سامهون به سڃاتل پر سالن کان وڃايل چهرا اُڀريا.

هڪ چهري تي اعتماد جي روشني، فولادي مرڪ ذوالفقار علي ڀٽو.

ٻئي پاسي اڇي چادر ۾ ويڙهيل روشن چهرو، وقار ۽ ڏک سان ڀريل نرمي، محترمه بينظير ڀٽو مون پاڻ کي جڻ ته پٿر بڻيل محسوس ڪيو پر اُهي ٻئي بيچين هئا، جڻ ته ڪو گهرو صدمو سندن روحن کي ٻيهر ٽوڙي رهيو هجي.

ڀٽو صاحب پهريون جملو چيو. آواز ۾ ساڳي گرج، پر ان جي پويان ڪو لڪ ڏٺل زخم.

"پٽ، اسان کي جو سڏيو ويو آهي؟ هيءَ ڪهڙو دستاويز آهي، جيڪو اسان جي قبرن ۾ بيچيني وجهي رهيو آهي؟ هيءَ ڪهڙي ترميم آهي، جا اسان جي پارٽيءَ جي نالي تي لکي پئي وڃي؟"

مون جڻ ته ڪنبندڙ لهجي ۾ جواب ڏنو، "سر.. هي ستاويهين آئيني ترميم آهي. اها ترميم، جنهن ۾ عدالتن جي ڍانچي کي متايو ويو آهي، سپريم ڪورٽ جي خودمختياري محدود ڪئي وئي آهي، طاقت هاڻ فقط هڪ شخص جي هٿن ۾ مرڪوز ٿي وئي آهي، ۽ اوهان جي ئي پارٽي هن ترميم جي منظوريءَ لاءِ صف اول ۾ بيٺل آهي."

ڀٽو صاحب آهستي آهستي هلڻ لڳا، جڻ ته هو پنهنجي ناهيل جمهوريت جي نقشي جي ڪنبڻ تي پير رکي رهيا هئا.

"اسان آئين ان لاءِ ناهيو هو ته طاقت عوام وٽ رهي، ادارن جي جاگير نه بڻجي مون ته ڦاهيءَ جي تختي تي بيهي چيو هو ته جيڪڏهن اسان عوام کان اختيار کسيو ته تاريخ اسان کي ڪڏهن معاف نه ڪندي ۽ اڄ..؟"

هو ٿورو روڪي، مون طرف نه ڏسندي به سڀ ڪجهه ڏسي رهيا هئا.

"اڄ رياست ٻيهر ڪنهن هڪ مرڪز جي جوڙاري سميٽي پئي وڃي؟ ڇا اسان سڀ ڪجهه انهيءَ ڏينهن لاءِ ڪيو هو؟"

مون خاموشي اختيار ڪئي

بينظير اڳتي وڌي، هن جي اکين ۾ ساڳيو زخمي شعلو جيڪو سڄي عمر ساڻس رهيو.

"ميثاقِ جمهوريت ۾ اسان اهو طئي ڪيو هو ته طاقت جي ورڇ ٿيندي، مرڪزيت نه هوندي، ادارا پنهنجون حدون سڃاڻيندا عدالت آزاد هوندي، صوبا خودمختيار ۽ پارليامينٽ بالادست.

۽ اڄ؟ سڀ ڪجهه سميٽي هڪ عهدو، هڪ شخص ۽ هڪ دستخط تائين محدود ٿي ويو آهي."

هن جي آواز ۾ لرزش هئي

"مون پنهنجي جان ان لاءِ ڏني ته پارلياماني جمهوريت بچيل رهي ۽ اڄ.. منهنجي ئي گهر جا ماڻهو، منهنجو مڙس، منهنجو پٽ.. انهيءَ ترميم تي دستخط ڪرڻ وڃي رهيا آهن؟"

مون چيو "محترمه، ٿي سگهي ٿو ته هو مجبور هجن حالتون، مصلحت، دٻاءُ.."

بينظير سنجيدگيءَ سان مٺي ڏنو "جيڪڏهن حالتون ئي سڀ طئي ڪن ته ضمير ڪيڏانهن ويو؟

اسان ضياءَ جي آمريت ڏٺي، مشرف جي بندوقن سامهون به نه جهڪياسين. اسان شهادت ڪانئي به چيو ته آئين عوام جي امانت آهي.

۽ اڄ.. ساڳيو آئين تاحيات اختيارن جي نوٽيفڪيشن ۾ تبديل ٿي ويو آهي؟"

ڀٽو صاحب جي اکين ۾ ٿڪاوٽ هئي

"ستاويهين ترميم؟ سينيٽ مان منظور به ٿي وئي آهي؟"

مون سر لوڏيو "جي، 64 ووٽن سان. چيئرمين سينيٽ جي آڏو اپوزيشن احتجاج ڪندي رهي، پر اوهان جي پارٽي، اوهان جا وارث، سڀ بيٺا هئا. هاڻ هي قومي اسيمبليءَ ۾ پيش ٿيڻي آهي.

۽ پوءِ اوهان جي پارٽيءَ جو صدر ان تي دستخط ڪندو ۽ تڏهن هو به تاحيات استثنيٰ جي حلقي ۾ داخل ٿي ويندو."

ڀٽو صاحب اکيون بند ڪيون

"ڇا هي آئين جو روح آهي؟ ڇا هيءَ جمهوريت آهي؟"

بينظير چيو "۽ اسان تي الزام لڳايو ويو ته اسان طاقت کان پٺتي هٽياسين؟

اسان ته طاقت جو رخ عوام ڏانهن موڙڻ جي ڪوشش ڪئي هئي."

مون چيو "محترمه ماڻهو چون ٿا ته آئين عدالت يورپ ۾ به هوندي آهي، سپريم ڪورٽ تي بار وڌي ويو آهي. اصلاحات ضروري آهن.."

بينظير ڀٽو آسمان ڏانهن ڏٺو "جڏهن آئين جي نالي تي طاقت مرڪوز ٿئي، عدالتون ڪنٽرول ٿين سياست رسمي بڻجي وڃي ۽ تاحيات اختيار ڏنا وڃن ته پوءِ اها جمهوريت ناهي."

"هي سڀ اسان خواب ۾ نه ڏٺو هو.

هي سڀ اسان پنهنجي رت سان نه لکيو هو.

جيڪڏهن هاڻ به خاموش رهياسين، ته نه اسين معاف ڪنداسين، نه تاريخ.

رات وري لهي آئي نند ۾ وري ساڳيو خال، ساڳي روشني ۽ هڪ نئون دروازو.

هن دفعي خواب جي منظر ۾ صرف ذوالفقار ۽ بينظير نه هئا.

اُهي به هئا جن جي رت سان رستا ڳاڙها ٿيا،

جن جا سينا گولين سان پروڻ ٿيندا رهيا،

جيڪي بينظير جي ڪارساز قافلي ۾ بي آواز شهيد ٿيا.

۽ پوءِ...

اُهي به چهرا جيڪي ڪنهن مزار جي پويان کان اُڀريا، هڪ جوان، نيرن گهرين نگاهن وارو مير مرتضيٰ ڀٽو، ٻيو، نرم گفتار، سوال ڀريل اکين وارو، شاهنواز ڀٽو

مير پنهنجو ڪنڌ اوچو ڪيو:

"ڇا اسان جو رت ان لاءِ وهايو ويو ته

اڄ پارليامينٽ رڳو هڪ ربڙ اسٽيمپ بڻجي وڃي؟ ڇا مون پنهنجي پيءُ جي جمهوريت لاءِ جان نه ڏني؟

۽ اڄ ڏسو!

اسين سڀ ساڳي ساڳي ٻاهه ۾ جلندڙ بيٺا آهيون"

شاهنواز نرم لهجي ۾ چيو:

"مان نه پاڪستان کان پري قتل ڪيو ويس،

پر پاڪستان نه منهنجي دل ۾ وسيل هو.

۽ اڄ.. جيڪو آئين لکيو پيو وڃي، اهو رُوح کان خالي آهي، صرف طاقت جو نقشو آهي"

ڪارساز جي شهيدن خاموشيءَ ۾ به ڳالهايو. سندن زخمن مان رڙيون ٿي نڪتيون هڪ شهيد آسمان ڏانهن اشارو ڪيو چيو: اسان پنهنجي رت سان اهو آئين لکيو، جيڪو عوام جي هٿن ۾ هجي، نه وري ڪنهن جي قبضي ۾.

روشنيءَ مان هڪ ٻيو چهرو سامهون آيو

اهو جيالو جنهن ڀٽو جي ڦاسيءَ تي خودسوزي ڪئي هئي. بدن سڙي ويو هو

پر سندس جذبو اڃا زنده هو.

هن چيو: "مون پاڻ کي باهه ڏني هئي ته دنيا سمجهي،

ته آئين صرف ڪاغذ نه، بلڪ هڪ حلف آهي هڪ اعتماد آهي ۽ اڄ..

اهو آئين قاتلن ۾ اهڙيءَ ريت لکيو پيو وڃي،

جيئن ڪنهن ڪمپنيءَ جو ميمو هجي تاحيات تحفظ ۽ اختيار، عدالت لاءِ زبان بند، ۽ عوام لاءِ خاموشيءَ جو سبق"

مون وٽ ڪولڻ گهريو،

پر مير مرتضيٰ هٿ کڻي روڪيو:

"نه چئو ته اوهان مجبور آهيو نه چئو ته حالتون اهڙيون آهن اسان سچ ڳالهايو.

۽ ماريا وياسين پر ڪڏهن به ڪوڙ جي قطار ۾ نه بيٺاسين"

بينظير جي اکين مان ڳوڙها وهي پيا.

"مان ڄاڻان ٿي

اوهه سڀ سچ پيا چئو پر سمجهو ته اڄ منهنجو پٽ انهيءَ پارٽيءَ جو چيئرمين آهي جنهن جي قيادت اڳي منهنجي والد ڪئي پوءِ مون سنڀالي ۽ هاڻ اهو ئي جهنڊو هن جي هٿن ۾ آهي. هو اقتدار ۾ آهي ۽ هو ڄاڻي ٿو ته هر قدم جو حساب ٿيندو پر ڇا صرف اقتدار بچائڻ لاءِ

آئين کي قربان ڪرڻ جائز آهي؟"

ڀٽو صاحب وري آسمان ڏانهن ڏٺو:

"ياد رکو!

جيڪڏهن قانون کي طاقت جي تابع ڪيو وڃي، جيڪڏهن عدالتون مرڪزن کي ڏسي فيصلا ڪن جيڪڏهن قوم جي شعور کي خاموش رکيو وڃي، ته ماتم عدالتن ۾ نه ٿيندو تاريخ جي صفحن ۾ ٿيندو ۽ اسين سڀ اها تاريخ آهيون!

جيڪي روئي رهيا آهيون،

پڪاري رهيا آهيون،

گواهي ڏئي رهيا آهيون"

روشني وري ڌنڌ بڻجي وئي ۽ وڃڻ کان اڳ

ڀٽو، بينظير، مرتضيٰ، شاهنواز، ڪارساز جا شهيد، ۽ خودسوزي ڪندڙ جيالي، مون طرف مڙي ڏٺائون، سڀني جي اکين ۾ هڪ ئي پيغام هو:

"جيڪڏهن تون سچ نه لکندين،

ته ڪوڙ تاريخ لکندو،

۽ ياد رک !

جيڪڏهن طاقت هڪ ئي هٿ ۾ هميشه لاءِ اچي وڃي،

۽ جمهوريت صرف فوٽو ۾ بچيل رهي،

ته خواب ٽٽندا ناهن

هو موٽي ايندا آهن

احتجاج بڻجي، سوال بڻجي،

۽ نيٺ انقلاب بڻجي"

صدر زرداريءَ جو جمهوريت جي استحڪام ۾ ڪردار

محمد خان ابڙو

پاڪستان جي سياسي تاريخ ۾ جمهوريت هميشه هڪ جدوجهد جو نالو رهيو آهي. ڪڏهن آمريتن ان کي ميساري ڇڏيو، ته ڪڏهن ذاتي مفادن ان کي ڪمزور ڪيو پر جيڪڏهن انهيءَ ڏکي تاريخ ۾ ڪجهه ماڻهن کي جمهوريت جو اصل معمار چيو وڃي ته انهن ۾ صدر آصف علي زرداري جو نالو سڀ کان اڳ ۾ اچي ٿو. زرداري صاحب جو ڪردار صرف هڪ سياسي اڳواڻ جي حيثيت تائين محدود ناهي، بلڪ اُن کي هڪ اهڙي سئي، سمجهدار ۽ مفاهمتي اڳواڻ طور ياد ڪيو وڃي ٿو جنهن تڪرار بدران ڳالهه ٻولهه، بدلي بدران استحڪام ۽ طاقت بدران آئين کي ترجيح ڏني. 2008ع ۾ جڏهن پاڪستان پيپلز پارٽي حڪومت ۾ آئي، تڏهن ملڪ دهشتگردي، عدالتي بحران ۽ معاشي تباهي ۾ ڦاٿل هو. شهيد محترمه بينظير ڀٽو جي ڏکوئيندڙ شهادت ڪانپوءِ سڄو ملڪ ڏک ۽ صدمي ۾ هو. پر ان وقت آصف علي زرداريءَ ملڪ کي ورهاڱي ۽ انتشار مان ڪڍي، جمهوريت جي واٽ تي واپس آندو. هن پنهنجي قول تي عمل ڪندي جڏهن چيو هو ته 'پاڪستان کپي'، ته اهو رڳو جذباتي نعرو نه هو بلڪ هڪ پختي سياسي سوچ ۽ سوجهه ٻوجهه جو ثبوت هو. آصف علي زرداري جي قيادت ۾ 18هين آئيني ترميم منظور ٿي، جنهن ملڪ جي سياسي ڍانچي ۾ هڪ تاريخي تبديلي آندي. اُن ترميم سان صدر جا گهڻا اختيار واپس پارليامينٽ کي ڏنا ويا، صوبن کي پاڻمرادو اختيار ۽ آزادي ملي ۽ آمريتن جي دور ۾ لڳل سياسي زخم تي مرهم پٽي ويو. هي فيصلو آصف علي زرداري جي سياسي ڏاهپ ۽ بصيرت جو وڏو ثبوت هو ڇو ته هن پنهنجي هٿان ئي پنهنجا اختيار گهٽايا، پر جمهوريت کي وڌيڪ مضبوط ۽ بااختيار بڻايو. اهو ئي قدم هو جنهن پاڪستان ۾ پهريون ڀيرو اها روايت وڌي ته هڪ چونڊيل جمهوري حڪومت پنهنجي آئيني مدي کي مڪمل ڪري ۽ پوءِ باقاعدي طرح ٻي جمهوري حڪومت کي اقتدار منتقل ڪري. اهو لمحو ملڪ جي جمهوريت لاءِ پهريون حقيقي استحڪام وارو قدم هو جنهن سان پاڪستان جي سياسي نظام ۾ تسلسل جو احساس پيدا ٿيو زرداري صاحب جي مخالفن اُن کي 'مفاهمت جو بادشاهه' چيو پر حقيقت ۾ اها مفاهمت ئي پاڪستان جي جمهوريت جي مستقبل جي بنياد بڻجي وئي. هن سياست کي دشمني ۽ انتقام بدران ڳالهه ٻولهه ۽ سمجهه جو ميدان بڻايو پيپلز پارٽي جي قيادت هميشه اهو موقف رکيو ته اختلافِ راءِ جمهوريت جو حُسن آهي ۽ جيڪڏهن سڀ سياسي قوتون آئين جي بالادستي تي متفق ٿي وڃن ته پوءِ ملڪ جي ترقيءَ کي ڪير به روڪي نٿو سگهي. زرداري جي دور ۾ پارليامينٽ تاريخي قانون سازي ڪئي، عدليه کي آزادي حاصل ٿي، ميڊيا کي نئين وسعت ملي ۽ صوبائي حڪومتن کي فيصلا ڪرڻ ۾ وڌيڪ بااختيار بڻايو ويو اهي سڀ قدم انهيءَ سوچ جي عڪاسي ڪن ٿا، جيڪا زرداري هميشه پيش ڪئي ته جمهوريت جو تسلسل شخصيتن جي طاقت تي نه، پر ادارن جي مضبوط ٿيڻ تي دارومدار رکي ٿو هاڻي جڏهن نومبر 2025ع ۾ پاڪستان هڪ نئين سياسي دور ۾ داخل ٿي رهيو آهي ته اهو مناسب وقت آهي ته ملڪ ٻيهر انهيءَ سياسي سوجهه ٻوجهه، مفاهمت ۽ جمهوريت جي روايت کي اڳتي وڌائي، جيڪا آصف علي زرداري جي دور ۾ هڪ نئين شروعات طور اڀري هئي. صدر آصف علي زرداري ٻيهر هڪ ڀيرو ملڪ ۾ آئيني استحڪام ۽ وفاقي هم آهنگيءَ جي ضمانت ڏيندڙ اڳواڻ طور سامهون آيو آهي. ملڪ ۾ 27هين آئيني ترميم بابت جاري بحث ٻيهر سياسي فضا کي حساس ۽ گنڀير بڻائي ڇڏيو آهي. حڪومت اعلان ڪيو آهي ته هيءَ ترميم جلد پارليامينٽ ۾ پيش ڪئي ويندي، جنهن تحت ڪجهه وفاقي ۽ صوبائي اختيارن، نيشنل فنانس ڪميشن (NFC) ايوارڊ ۽ آرٽيڪل 243 سان لاڳاپيل معاملن تي نظرثانيءَ جي تجويز ڏني وئي آهي. هن مجوزه ترميم بابت جتي ڪجهه حلقن خدشا ظاهر ڪيا آهن ته شايد هي ترميم 18هين ترميم سان صوبن کي ملندڙ اختيارن کي گهٽائي سگهي ٿي، اتي پيپلز پارٽي هڪ متوازن ۽ اصولي موقف اختيار ڪيو آهي. سينيٽ جي اڳوڻي چيئرمين رضا رباني واضح ڪيو آهي ته جيڪڏهن صوبائي خودمختياريءَ کي نقصان پهچايو ويو ته پيپلز پارٽي ان جي سخت مخالفت ڪندي. پر ساڳئي وقت صدر آصف علي زرداري ۽ پارٽي قيادت اهو به چيو آهي ته جيڪڏهن هن ترميم جو مقصد آئيني ادارن جي وچ ۾ بهتر توازن پيدا ڪرڻ ۽ وفاقي نظام کي وڌيڪ مضبوط ڪرڻ آهي ته پوءِ اها ڳالهه بحث، صلاح مشوري ۽ مفاهمت سان طئي ٿي سگهي ٿي. اهو ئي انداز سياست آهي جيڪو پيپلز پارٽي کي ٻين سياسي پارٽين کان الڳ ۽ ممتاز بڻائي ٿو يعني اصولن سان گڏ ڳالهه ٻولهه ۽ اختلافِ راءِ ۾ به شراڪت. زرداري صاحب جو هي رويو ڏيکاري ٿو ته هُو تصادم بدران ڳالهه، تڪرار بدران اتفاق ۽ طاقت بدران آئين جي بالادستيءَ تي يقين رکي ٿو.

زرداري صاحب جو فلسفو اهو آهي ته 'آئين ڪو جامد (سُڪو ۽ بيحرڪ) ڪتاب نه آهي، بلڪ هڪ زنده دستاويز آهي، جيڪا ماڻهن جي ضرورتن ۽ وقت جي حالتن مطابق ترقي ڪندي ۽ بدلجندي رهي ٿي.' هن جو خيال آهي ته جيڪڏهن ڪا به آئيني ترميم جمهوريت جي ڍانچي کي وڌيڪ بهتر بڻائي ۽ وفاق کي مضبوط ڪري ٿي ته ان کي رڳو سياسي ضد ۽ تعصب جي نظر نه ڪرڻ گهرجي. 2025ع جي سياسي حالتن ۾ آصف علي زرداري جو ڪردار هڪ بردبار، سنجيده ثالث ۽ قومي مفاهمت جي علامت طور ڏٺو پيو وڃي. هو ڄاڻي ٿو ته سياسي انتشار، ذاتي مفادن جا ٽڪراءَ ۽ ادارن وچ ۾ ڇڪتاڻ ملڪ لاءِ زهر قاتل آهن. انهيءَ سبب هُو بار بار اهو پيغام ڏيندو آهي ته سياست جو مقصد اقتدارُ حاصل ڪرڻ نه، پر عوام جي خدمت ۽ نظام جي تسلسل کي برقرار رکڻ آهي. پيپلز پارٽي جو موجوده ڪردار به ساڳي سوچ جو تسلسل آهي. سنڌ ۾ حڪومت هلائڻ جي تجربي کان وٺي وفاق ۾ پارليامينٽ جي ڪردار تائين، پارٽي هميشه آئين، جمهوريت ۽ وفاقي هم آهنگيءَ کي اوليت ڏني آهي. آصف علي زرداري جي قيادت ۾ اها ڳالهه بلڪل صاف ظاهر آهي ته پيپلز پارٽي ڪنهن به اهڙي ترميم جي مخالفت نه ڪندي، جيڪا قومي اتحاد، ادارن جي توازن ۽ عوامي ڀلائيءَ لاءِ هجي. پر گڏوگڏ، پارٽي ڪنهن به اهڙي تبديلي کي قبول نه ڪندي، جيڪا صوبن جي حقن کي لتاڙي يا جمهوريت جي بنيادي اصولن کي ڪمزور ڪري. زرداري صاحب جي سياست جو مرڪز هميشه اهو رهيو آهي ته طاقت جو سرچشمو عوام آهي ۽ جمهوريت تڏهن ئي مضبوط ٿيندي، جڏهن فيصلا ذاتي مفادن بدران قومي مفاد ۾ ڪيا ويندا. پاڪستان اڄ جنهن سياسي چوراهي تي بيٺو آهي، اتي آصف علي زرداري جي پاليسي صبر، مفاهمت ۽ آئيني تسلسل ئي اهو رستو آهي، جيڪو ملڪ کي انتشار، ڇڪتاڻ ۽ ڏڦيڙ مان ڪڍي استحڪام ۽ سڪون جي راهه تي آڻي سگهي ٿو. زرداري صاحب ڪيترائي ڀيرا اهو چيو آهي ته: 'جمهوريت جو وڻ رت، قرباني ۽ وقت گهري ٿو جيڪڏهن اسان هر دفعي ان کي پاڙ کان پٽينداسين ته اهو ڪڏهن به مضبوط ۽ چانئو وارو نه ٿيندو،' اڄ جڏهن ملڪ هڪ ڀيرو ٻيهر سياسي ۽ معاشي بحران کي منهن ڏئي رهيو آهي ته هي جملا اڳي کان به وڌيڪ معنيٰ خيز ۽ سچا لڳن ٿا. پاڪستان کي اهڙن ئي بُردبار ۽ سمجهدار اڳواڻن جي ضرورت آهي. جيڪي طاقت جي نه پر نظام جي وفاداريءَ سان ڪم ڪن ۽ جيڪي اقتدار بدران ادارن کي مضبوط بڻائڻ کي پنهنجي ذميواري سمجهن. آصف علي زرداريءَ پنهنجي عملي سياست سان اهو فلسفو ثابت ڪيو، پنهنجي اختيارن تان هٿ کڻي، مخالفن کي گڏ ويهاري ۽ پارليامينٽ کي فيصلن جو اصل مرڪز بڻايو. اهو ئي جمهوريت جو اصل حُسن آهي، جتي طاقت نه پر عملداري ۽ قانون جي بالادستي کي مڃتا ملي ٿي. جمهوريت جي ڪاميابي رڳو اقتدار جي تسلسل ۾ نه پر آئينِي برداشت، همدردي ۽ ادارن جي احترام ۾ آهي. صدر زرداري جي سياست هن حقيقت کي پاڪستاني قوم جي شعور جو حصو بڻائي ڇڏيو آهي ته جمهوريت جو استحڪام، مفاهمت ۽ اتحاد ۾ ئي آهي، نه ڪي ورهاست ۽ انتقام ۾. جڏهن به تاريخ پاڪستان جي جمهوريت جي سفر جو ذڪر ڪندي ته آصف علي زرداري جو نالو انهن اڳواڻن ۾ سُنهري اکرن سان لکيو ويندو، جن طاقت بدران آئين کي، سياست بدران استحڪام کي ۽ اختلاف بدران اتحاد کي ترجيح ڏني.

عبرت پوسٽ (اداري جو خط جي متن سان متفق هجڻ ضروري ناهي)

ريڊيو پاڪستان حيدرآباد جو پروگرام، سُڳنڌ..

مان 40 سالن کان ريڊيو پاڪستان جي مختلف ريڊيو اسٽيشن تان نشر ٿيندڙ پروگرام مسلسل ٻڌندو پيو اچان پروگرامن بابت راءِ ڏيڻ لاءِ خط لکي پروگرامن ۾ شامل ٿيندو رهيس ريڊيو جا پروگرام ٻڌڻ ۽ خط لکي پروگرامن ۾ شامل ٿيڻ جو سلسلو اڄ ڏينهن تائين جيئن جو تيئن جاري آهي هڪ سينئر ريڊيو لسنر جي حيثيت ۾ ايترو ضرور چوندس ته ماضيءَ ۾ سنڌ جي سڀني ريڊيو اسٽيشن تان نشر ٿيندڙ پروگرامن مان ريڊيو پاڪستان حيدرآباد تان نشر ٿيندڙ پروگرام پسند ڪيا ويندا هئا. ٽيلنٽ براڊ ڪاسٽر ۽ پڙهيل لکيل علمي ۽ ادبي شخصيتون پروگرامن جا ڪمپيئر هوندا هئا.

ريڊيو پاڪستان حيدرآباد تان نشر ٿيندڙ پروگرامن مان به پروگرام مقبوليت جي بلندين تائين پهتل هئا، جنهن ۾ هڪ سنڌي پروگرام "سُڳنڌ"، ٻيو اردو پروگرام "مُهڪار" هو ٻئي پروگرام ريڊيو پاڪستان حيدرآباد تان نشر ٿيندڙ سڀني پروگرامن جا سرواڻ هوندا هئا. پروگرام "سُڳنڌ" تمام گهڻو مقبول پروگرام هو ماضيءَ ۾ پروگرام جي مقبوليت جو خاص سبب پروفيشنل ذهين پروڊيوسر ۽ ڏاهيارين علمي ادبي شخصيتون هونديون هيون افسوس سان لکڻو ٿو پوي ته روزانو منجهند جي اهم وقت تي نشر ٿيندڙ ماضيءَ ۾ مقبول ترين پروگرام سڳنڌ اڄڻان پيشڪار ۽ سنڌي ٻوليءَ کي بگاڙيندڙ نااهل ڪمپيئرن جي هٿان روزانو ڦٿڪي ڦٿڪي مري رهيو آهي هفتي ۾ 7 ڏينهن نشر ٿيندڙ پروگرام سڳنڌ فقط ٻه ڏينهن سومر تي اسان جي ڀيڻ پروين قلباڻي ۽ ڇنڇر جي ڏينهن تي علي عمران سمون ڪجهه بهتر پروگرام ڪندا آهن ۽ باقي پورا 5 ئي ڏينهن ڪمپيئر پروگرام جو ٻيڙو ٻيا ٻوڙين پروگرام جي ڪمپيئرن وٽ ٻڌندڙن لاءِ ڪوبه معياري مواد ناهي فقط نالن جي پرمار ۽ غير معياري شاعريءَ تي رڪارڊ ڪيل ڪيٽي ڪلام نشر ڪري پروگرام جو وقت وڃائي هليا وڃن ٿا. مون ڪيترائي ڀيرا فون تي رابطو ڪري ريڊيو پاڪستان جي پروگرام مئنيجر محمد حسين کي ريڊيو جي پروگرامن کي بچائڻ لاءِ پنهنجي راءِ کان آگاهه ڪيو آهي اهڙو ناڪاري عمل ريڊيو پاڪستان حيدرآباد جي تباهيءَ جو سبب ۽ لکين ريڊيو لسنرن سان ناانصافي آهي ريڊيو لسنرن جي راءِ کي اهميت ڏئي ريڊيو تي پنهنجا فرائض سرانجام ڏيندڙ براڊ ڪاسٽرن پروڊيوسر خالد حسين چانڊيو، پروڊيوسر عابد سولنگي پروڊيوسر طلب حسين مغل ۽ ٻين مان پروگرام کي ڪنهن هڪ جي حوالي ڪيو وڃي ۽ ريڊيو لسنرن جي راءِ کي اهميت نه ڏني وئي ريڊيو پروگرامن سان اسان لسنر بي پناهه محبت ڪريون ٿا. **(ريڊئوسمون، جاتي)**

شهيد دريا خان نظاماڻي!



فقير حاجن نظاماڻي

رئيس شهيد دريا خان نظاماڻي ولد رئيس ڪرم خان نظاماڻي ولد رئيس حسن خان نظاماڻي.

سورهيه مرين سوپ کي، دل جا وهم وسار
هڻ ڀالا، وڙهه پاڪرين، آڏي ڍال مَ ڍار
مٿي تيغ تراز، مار نه متارو ٿئين. (شاهه لطيف)

ڪتاب "جنگ نامه" ۾ ڊاڪٽر بلوچ لکي ٿو ته، "ٽالپرن اميرن سنڌ ۾ حڪومت جي نظام کي پختي ڪرڻ بعد ڪابل جي ڪاڻ نه ٿي ڪيي، انهيءَ ڪري سن 1249هه ۾ افغانن طرفان سنڌ جي اترين سرحد تي زور پيو ۽ اميرن جي حاڪم نواب عالم خان مري شڪارپور جي بدران اچي سکر ۾ پنهنجو محاذ پختو ڪيو. افغانن جي هدايت الله اچي گوسڙجيءَ ۾ پنهنجو اڏو جمايو ۽ وڃهه وٺي اڳرائي ڪري، نواب عالم خان مريءَ تي حملو ڪيائين ۽ نواب عالم خان شهيد ٿي ويو. نواب عالم خان مريءَ جو پُٽ جهان مري هڪ وڏو بهادر ۽ باهمت جوان هو جنهن هدايت الله تي چڙهائي ڪئي ۽ هدايت الله مارجي ويو. انهيءَ تي ڪابل طرفان سمندر خان فوج ساڻ ڪري اچي شڪارپور پهتو نواب عالم خان مريءَ جي بيگناهه قتل تي سنڌ ۾ ڪافي سورش ٿي ۽ ويتر سمندر خان چڙهي آيو ته سنڌ جي اميرن سندس مقابلي لاءِ فوج تيار ڪئي. مير رستم خان طرفان محبت خان مري، ڏڳاڻو خان مري، جلال خان مري، فضل خان مري ۽ نظاماڻين، جلباڻين باگراڻين جا دستا روانا ٿيا."

اڄي اڄ امين ڪرڙي خيمان ڪوڙيا،
پيچي پيڙا نه ٿيا، مهند نه مين
ڏنو سِر سڏين مرتضيٰ ميدان ۾. (شاهه لطيف)

شهيد دريا خان نظاماڻيءَ جي باري ۾ انسائيڪلوپيڊيا سنڌيانا ۾ هيٺينءَ ريت تعارف لکيل آهي.

دريا خان نظاماڻي: ڪرڙيءَ جي جنگ جي نامور شهيد دريا خان ولد ڪرم خان نظاماڻيءَ جو تعلق موجوده ڳوٺ ڪرم خان نظاماڻي، تعلقي هالا، ضلعي مٽياريءَ سان هو. سندس وڏا ڪلهوڙن جي دؤر ۾ سماجي، سياسي، اخلاقي ۽ جاگيرداري حيثيت سان مقبول ۽ مضبوط هئا. کيس مير مراد علي خان مختارڪار مقرر ڪيو هو. دريا خان نظاماڻي باشعور، باعلم، بهادر، عقلمند ۽ ڪيترين ئي صلاحيتن جو مالڪ هو فوجي لشڪر جو سپهه سالار هو هن پنهنجي

ان کان علاوه ڪتاب 'تاريخ تازه نواءِ معارڪ' ۾ منشي عطا محمد شڪارپوري ڄاڻائي ٿو ته: "دريا خان نظاماڻي حيدآباد ۾ ٽالپر حڪمرانن جو خاص ملازم هو. ڪرڙيءَ جي جنگ ۾ غلام مرتضيٰ شاهه ڦهيريءَ جي مارجي وڃڻ کان پوءِ دريا خان نظاماڻي ميدان ۾ آيو هن اڃڻ سان ئي سمندر خان پٺاڻ جي پاٽتي کي هڪ ئي ڌڪ سان پورو ڪري ڇڏيو دريا خان نظاماڻيءَ جي مرڻ کان پوءِ ميرن کي شڪست جو يقين ٿي ويو."

ڪرڙي ڪاٽي رت، پٽ نه وڃهي وات ۾،
پڙ ۾ پهلوانن جي، ويئي پرڪي پٽ،
جٽي نيٺ نِسٽ، نيڻهن نه لائي ٽن سينا (شاهه لطيف)

ڪتاب (خليفي نبي بخش "قاسم" جي شاعري) ۾ دريا خان نظاماڻيءَ بابت هن ريت لکيل آهي ته "دريا خان نظاماڻي سنڌ جي خاطر شهادت ماڻي ۽ سنڌ ڌرتيءَ جي ٽج جو ٽورو لاٿو. اهڙن عظيم سپهه سالارن جا لازوال ڪارناما تاريخ جي سنهري لفظن ۾ رقم ٿيل آهن. هُن ساٿيهه خاطر زندگي قربان ڪري ثابت ڪيو ته سنڌي سورهيه پنهنجي وطن جي حقيقي آزاديءَ خاطر ديس جي دشمن سان جنگ جوٽڻ جي وڏي همت رکن ٿا. منجهن سِر ڏيڻَي سوپ ماڻڻ جو ٻل ۽ جذبو موجود آهي. هي روات رُڪ وهندي راند ۾ هڪڙو قدم پوئتي نه هٽيو هيءَ شهسوار غاصبن جي صفن ۾ ڏارو وجهي، ترار هلائيندو وڌندو رهيو. وڏي دليريءَ سان مقابلو ڪيائين. ڪنهن مصلحت کان ڪم وٺندي شجاعي لشڪر ۾ ترار سان لاٻارو وجهي ڇڏيائين." سندس قيادت ۾ نظاماڻين جي لشڪر جي موجودگي، مهارت ۽ بهادريءَ سان وڙهڻ واري منظر کي آنڌل فقير ملڃي هنن سُنهري الفاظن ۾ ياد ڪيو آهي ته:

هيڏهون، مري، نظاماڻي، مورچي ۾ غازي گهوٽ گجن
آرڻ جي اوطاقن ۾ اڳ ۾ ڪاهيو ڪوڏ پون
(آنڌل فقير ملڃي)

سنڌ جو هيءَ جوڌو ڪرڙيءَ جي ميدان تي مسلسل وڙهندي، آخر پاڻ به ساٿين سميت اربع جي ڏينهن 1834ع ۾ دم ڏئي حوالي ڪري ويو. شهادت کان پوءِ کيس تعلقي هالا، ڳوٺ اڄن شاهه جي ڏاکڻي طرف، هڪ قبرستان ۾ دفن ڪيو ويو هن قبرستان کي

جي هنيڙي منجهه هُرن، سي مل مهانگا سپرين (شاهه لطيف)

ڪرڙيءَ جي جنگ جنهن تي نج سنڌي ڪيڏارو لکيل آهي، جنهن جو موجد خليفو نبي بخش قاسم آهي، جنهن سنڌين جي هن عظيم قربانيءَ کي شاعريءَ جو روپ ڏئي سنڌ جي هنن بهادرن جا قصا راقم ڪري، هميشه جي امر ڪري ڇڏيو سنڌ جي لاءِ هنن سورهين سِر ڏنا، شجاع پٺاڻ کي پوئتي هٽڻ تي مجبور ڪيو. هن معرڪي يا جنگ جا ڪي ٻيا مشهور ڪردار جن پنهنجي مٽيءَ کي ملهايو، تن ۾ شهيد عالم خان مري، شهيد شير محمد خان ٻڙدي، شهيد جهان خان مري، محبت خان مري، شهيد گل حسن خان مري، ڏڳاڻو خان مري، شهيد فضل محمد مري، جلال خان مري، ابراهيم خان مري، ڪرم خان مري، شهيد مزار خان مري، سيد محمد ڪاظم شاهه، سيد مرتضيٰ شاهه، شهيد چاڪر خان جسڪاڻي، شهيد دريا خان جسڪاڻي، هاشم خاصخيلي ۽ ان کان علاوه سنڌ جا سورهيه گمنام سپاهي جن ۾ چانڊيا، رند، چانگ ۽ ٻيا به ڪوڙ شهيد ٿيا.

سيد مرتضيٰ شاهه ۽ مرين جي باري ۾ هيءُ بيت ڪرڙيءَ جي ڪيڏاري جا خليفي صاحب جيا آهن. ان کان علاوه آنڌل فقير ماڇيءَ به ڪرڙيءَ جي سورمن کي خوب ساراهيو آهي.

سو مر مرڪي مين مل جنهين جو مرتضيٰ
دٻائي دشمن کي، ڪنڌ ۾ ڪوڙي ڪين
هادي همه گين هٽي ڪَنڌ هٿن سان
۽
مري ذات مڙي جي، تنهن ڪوءِ ڍجي ڪئين
ظاهربت بشرجو، سيني اندر شينهن
ٽئي جاڙهي جينهن، ڪلنگيون جن ڪپار ۾.

شهيد دريا خان نظاماڻي هڪ بهادر سپاهي هئڻ سان گڏوگڏ عقلمند انسان ۽ راڄن جو راڻو پڻ

ڪنهن جي قسم جي شاهدي نه ملي سگهي آهي ته لطيف سائينءَ جي درگاهه تي ڪهڙي هنڌ مدفون آهن.

سورهيه سياڻو ڪون ڏنوسون ڪڏهين

رئيس دريا خان نظاماڻيءَ بابت تمام گهڻيون روايت ملن ٿيون. جن مان هڪ روايت مشهور اٿس ته هميشه پاڻ سان گڏ ننگي تلوار هٿ ۾ رکندو هو. چوندو هو ته دشمن ۽ موت جو ڪو به ڀروسو ناهي، ڪهڙي اچي ويل وڃن. هن بهادري بانڪي انسان سردار جي جوڻ ٻيون روايتون ڪوڙ مشهور انهن مان ڪجهه پڻ مشهور آهن. جن ۾ هڪ روايت ڪرڙيءَ جي جنگ جو واقعو آهي ته جنهن مهل جنگ وڙهي رهيو هو ته ميرن جا سپاهي جنگ ۾ شڪست ڏسي واپس موٽي رهيا هئا. پر هيءَ جوان نه مُڙيو، پنهنجي وطن خاطر سِر جو سودو ڪري مالڪ حقيقيءَ وٽ سُرخرو وڃي ٿيو. ڪرڙيءَ جي جنگ ۾ جڏهن رئيس دريا خان نظاماڻي وڙهي رهيو هو ته توپن جو سامهون سِر ڪٽي وڙهي رهيو هو وڙهندي وڙهندي وڃي شجاع پٺاڻ جي سپاهن جي اندر انهن جي مورچن ۾ ڪاهي، انهن جي سرن کي لاٻاري جيان لُٽي ڇڏيائين. رئيس دريا خان نظاماڻي شجاع پٺاڻ جي گهوڙي جي اسٽيبل تائين پهچي ويو، سمندر پٺاڻ کي ماري مُڃ ڪيائين. هڪ سنڌس سپاهه جو ساٿي خاصخيلي قوم جو سندس ڳوٺ جو سورهيه ساڻ هو جيڪو ويجهو دوست پڻ هئس. هڪ پاسو اهو سنڀالي رهيو هو. دريا خان نظاماڻي جنگي سپاهين جي ٽن پاسن کي منهن ڏئي رهيو هو. اوچتو وڏي هڪل ڪري خاصخيليءَ چيو ته "رئيس هاڻي مونکي مُعاف ڪجوا هاڻي پاڻ قيامت ۾ ملنداسين." رئيس دريا خان نظاماڻي چيس ته "چو گهبرايو اٿئي" ان تي هُو جوابن وراڻيو ته رئيس هڪ تنگ دشمنن ڪٽي ڇڏي آهي، هاڻي آئون نه وڙهي سگهندس. جوابن رئيس چيس ته ننڍي عمر ۾ پاڻ ٽاپون راند هڪ تنگ سان ڪندا هئاسون. هڪ تنگ سان جنگ وڙهه گهبراءِ نه. ايتري ۾ شهيد دريا خان نظاماڻيءَ جا ڪپڙا گهوڙن جي لڳل ڪاٽ ۽ ڪلن ۾ وڃڙي پيا. رئيس دريا خان نظاماڻي پڻ شهادت جو جام نوش ڪيو. هي روايتو نظاماڻي قوم جي ماڻهوءَ وٽ سينا به سينا هلنديون اچن. اها ڳالهه اسان پنهنجي وڏڙن کان ٻڌي هئي، جيڪا ٻين هنڌن تي به مشهور

“CLASSIFIED ADVERTISMENT”

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج نمبر II حيدرآباد
فيملي سوٽ نمبر 2009 سال 2025

مسمات صادقه ڌيءُ محمد رمضان ذات مدثر رهندڙ غفور شاهه ڪالوني چينل موري حيدرآباد....پلينٽف...خلاف: مدثر پٽ غلام مصطفيٰ رهندڙ آنڌاڻي پاڙو ويجهو گورنمينٽ هاءِ اسڪول تعلقو قمبر ضلعو شهدادڪوٽ....ڊفينڊنٽ

نالي مٿين ڊفينڊنٽ ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ ۽ ريٽرن آف ڊاوري آرٽيڪلز لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 14-11-2025 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فيملي جج-II حيدرآباد

ڪورٽ نوٽيس

سول/فيملي جج اينڊ جي.ايم I/MTMC ميرپورخاص
فيملي سوٽ نمبر 102 سال 2025

شريمتي ڪمون ڌيءُ ڏاڙهون هندو بالغ رهندڙ Chandawarah سيال ڪالوني ضلعو ميرپورخاص سيل نمبر 03112330207....پلينٽف...خلاف: رام لال پٽ پونجا عرف هيملو هندو بالغ ذات Chandawarah رهندڙ سيال ڪالوني ضلعو ميرپورخاص....ڊفينڊنٽ

نالي مٿين ڊفينڊنٽ ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف سوٽ فار رڪوري آف ڊاوري آرٽيڪلز، مينٽيننس اينڊ ميڊيڪل ايڪسپينسز لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 26-11-2025 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول اينڊ فيملي جج اينڊ جي.ايم-I ميرپورخاص

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول/فيملي جج-I هالا
سول سوٽ نمبر 04 سال 2025

محمد زاهد پٽ محمد اسلم ذات ميمڻ رهندڙ محلا واپڊا اسڪارپ ڪالوني هالا نيو تعلقو هالا ضلعو مٽياري....پلينٽف...خلاف: (1) ڪلٽيوو سيڊس ڪارپوريشن (پرائيويٽ لميٽيڊ) ايڊريس: قصر سلطان مارڪي منثات روڊ صادق آباد ضلعو رحيم يار خان (2) سوني زرعي مارڪيٽ شهدادپور چوڪ هالا نيو (سوهير احمد) (3) توڪل شهدادپور چوڪ هالا نيو (شهاب الدين) (4) تنوير ڪميشن شاپ پيل موري هالا (تنوير)(5) يامين پيسٽسائيڊ الله والا چوڪ (مستخين) سيريل نمبر2 کان 5 سڀ ڪميشن ايجنٽ آف ڪلٽيوو سيڊس/ ڊفينڊنٽ نمبر01 (6) دي مئنيجر ميزان بينڪ لميٽيڊ اولڊ نيشنل هاءِ وي هالا نيو ضلعو مٽياري...ڊفينڊنٽ

نالي مٿين ڊفينڊنٽ ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف سوٽ فار ڊڪليئريشن ڪينسيليشن آف چيڪس، پرمننٽ اينڊ مينڊيٽري انجنڪشن لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 13-11-2025 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول جج اينڊ فيملي جج-I هالا

ڪورٽ نوٽيس

سول/ فيملي جج اينڊ جي.ايم ميرپورخاص
(روبرو جناب مريم صبا)

شريمتي لونگا ڌيءُ ويرجي زال مدن هندو بالغ ذات ڪولهي رهندڙ ڳوٺ عبدالله آباد ويجهو 78 موري ميرپورخاص...پلينٽف...خلاف: مدن پٽ ڊيرو هندو بالغ ذات ڪولهي رهندڙ ڳوٺ ياڳت ڳوٺ ويجهو ڪوٽ غلام محمد ضلعو ميرپورخاص...ڊفينڊنٽ

نالي مٿين ڊفينڊنٽ ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف سوٽ فار ٽرمينيٽ سنڌ هندو ميرج ايڪٽ 2018 تحت جڊيشل سيپريشن اينڊ رڪوري آف ڊاوري آرٽيڪلز اينڊ مينٽيننس لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 24-11-2025 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول اينڊ فيملي جج اينڊ جي.ايم ميرپورخاص

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ جج حيدرآباد
(روبرو جناب عطا حسين ميتلو)
سڪسيشن ايپليڪيشن نمبر196 سال 2025

رضوان عرف جاويد احمد پٽ الهه جڙيو مسلم بالغ ذات ابڙو رهندڙ هائوس نمبر B-116 محلا هيپي هومز فيز-3 سٽي قاسم آباد ضلعو حيدرآباد....ايپليڪينٽ...خلاف: (1) چيف آپريٽنگ آفيسر سمارٽ ڪيپيٽل سٽي آفيس ايٽ سلور اسڪوائر پلازه پلاٽ نمبر 15، F-11 مرڪز اسلام آباد (2) آپريشن مئنيجر بليو ورلڊ سٽي آفيس ايٽ ڪير آرڪيڊ مين GT روڊ ساون ڪيمپ ويجهو پريا ٽائون فيز-7 اينٽرنيس گيٽ اسلام آباد (3) جنرل پبلڪ ايٽ لارج....آپونينٽس

نالي مٿين ڊفينڊنٽ ڏانهن:

جيئن ته مٿين ايپليڪينٽ سڪسيشن درخواست زير قلم 372 سڪسيشن ايڪٽ تحت درخواست داخل ڪئي آهي سڪسيشن سرٽيفڪيٽ حاصل ڪرڻ لاءِ جيڪي پراپرٽي ڇڏي آهي فوتي وفات جي تاريخ 2024-06-16 وفات جو هند حيدرآباد پراپرٽي ۾ پلاٽ نمبر 42 اسٽريٽ نمبر 02 سيڪٽر سي ايگزيڪيوٽو بلاڪ ايراضي 175 اسڪوائر يارڊ ميمبر شپ نمبر FDHI-10982-RO7M رقم -/2460500 روپيا ۽ پلاٽ نمبر فارم نمبر AW861Y38 اسڪير بلو ورلڊ سٽي عوامي بلاڪ ايراضي 4.5 مرلا تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 15-11-2025 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

ٿرڊ ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ ڪورٽ حيدرآباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول/فيملي جج-I هالا
فيملي ايگزيڪيوشن نمبر5 سال 2025

مسمات غلام زهرا ڌيءُ زوار علي ذات لغاري رهندڙ ڳوٺ سعيد خان لغاري ديهه پير بلاولي هالا مٽياري (2) مجاهد علي (3) تهران علي (4) جامزادي سڀ مائٽر معرفت سندس نيڪسٽ فرينڊ مئر...پلينٽف/ ڊڪري هولڊر...خلاف: (1) امجد علي پٽ مختيار علي بالغ مسلم ذات لغاري رهندڙ ڳوٺ سعيد خان لغاري ديهه پير بلاولي هالا مٽياري....ڊفينڊنٽ

نالي مٿين ڊفينڊنٽ ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف ايگزيڪيوشن ايپليڪيشن لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 13-11-2025 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول جج اينڊ فيملي جج-I هالا

ڪورٽ نوٽيس

سول، فيملي جج اينڊ جي.ايم سڪرنڊ
(روبرو ارشاد علي خاصخيلي)
فيملي سوٽ نمبر 145 سال 2025

مسمات اميران ڌيءُ ذوالفقار رند رهندڙ ڳوٺ نيو بلو تعلقو سڪرنڊ ...پلينٽف...خلاف: محمد زبير پٽ عالم رند رهندڙ ڳوٺ نيو بلو تعلقو سڪرنڊ ....ڊفينڊنٽ

نالي مٿين ڊفينڊنٽ ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 21-11-2025 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول اينڊ فيملي جج/ جي.ايم-II سڪرنڊ

عام اطلاع

هر خاص ۽ عام کي اطلاع ٿو ڏجي ته عرضدار نالي شاهه علي ولد محمد خان اسان کي درخواست ڏني آهي ته هيٺ ذڪر ڪيل فوتين جي سنڌن حصي موجب زرعي زمين سروي نمبر173، 176 ديهه ٻارجاڻي ٽپو ٽي.ڪانٽري تعلقو حيدرآباد ۾ آهي جن جا فوتي کاتا سنڌن جائز وارثن ۾ ڪري ڏنا وڃن. فوتي محمد خان ولد ڪبڙ خان جيڪو تاريخ 19-10-2008 تي فوت ٿي ويو جنهن جا وارث: شاهه علي (پٽ)، امداد علي (پٽ)، مشتاق علي (پٽ)، آفتاب علي (پٽ)، مسمات ناهيد چلگري (ڌيءُ)، مسمات هدايتان (ڌيءُ)، مسمات مختيار بانو (بيواهه)، فوتي اڪبر خان ولد ڪبڙ خان جيڪو تاريخ 10-02-2010 تي فوت ٿي ويو آهي جنهن جا وارث: افتخار (پٽ)، مسمات مهرالنساءُ (ڌيءُ)، مسمات ببيل (بيواهه). فوتي شاهه بيگ ولد ڪبڙ خان جيڪو تاريخ 11-1999-12 تي فوت ٿي ويو جنهن جا وارث: رياض علي (پٽ)، مهتاب علي (پٽ)، مسمات شبيران (ڌيءُ)، مسمات فريده (ڌيءُ)، مسمات ظهيره (ڌيءُ)، مسمات زينب (بيواهه). جن جي نالي تي فوتي کاتو تبديل ڪرڻ لاءِ درخواست ڏني آهي جيڪڏهن مٿين وارثن ڪانسواءِ فوتين جو ٻيو ڪوبه جائزوارث هجڻ جي دعوي ڪري ٿو يا ڪيس فوتي کاتو تبديل ڪرڻ تي ڪو اعتراض هجي ته هن اشاعت شايع ٿيڻ جي (07) ڏينهن جي اندر سمورن دستاويزي ثبوتن سان گڏ هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس واقع آفيس ايڊريس: جڪرا ڦاٽڪ ميرپورخاص روڊ حيدرآباد ۾ روبرو پيش ڪري.معياد گذرڻ بعد فوتي کاتا تبديل ڪيا ويندا ۽ ڪوبه اعتراض يا دعويٰ قابل قبول نه هوندو

مختيارڪار تعلقو حيدرآباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج-II ٽنڊوالهيار
فيملي سوٽ نمبر.... سال 2025

شريمتي Honee عرف سوني ڌيءُ نيلو زال ڪانو بالغ هندو ذات ڪچي ڪولهي رهندڙ ڳوٺ ڏنو ڪالرو ويجهو ڪامارو شريف تعلقو جهنڊو مري ضلعو ٽنڊوالهيار...پلينٽف....خلاف: ڪانو پٽ لکو ڪچي ڪولهي بالغ هندو ذات ڪچي ڪولهي رهندڙ پاڪ سنگهار تعلقو ٽنڊوالهيار ضلعو ٽنڊوالهيار...ڊفينڊنٽ

نالي مٿين ڊفينڊنٽ ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف سوٽ فار ٽرمينيشن آف دي ميرج/ جڊيشل سيپريشن رڪوري آف ڊاوري آرٽيڪلز اينڊ مينٽيننس لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 14-11-2025 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فيملي جج-II ٽنڊوالهيار

عام اطلاع

جيئن ته اسان جي آفيس ۾ نالي خير محمد ولد زڪريا پرهياڙ درخواست ڏني آهي ته سندس پاءُ نالي مير محمد ولد زڪريا پرهياڙ جيڪو فوت ٿي ويل آهي فوتي کي ديهه جهڳڙي ٽپو پڏو تعلقي بدين ۾ سروي نمبر 594_423_32_610_611 ۽ ٻين مان ۽ ديهه مورهڏي ۾ سروي نمبر 16 مان ايراضي حصي موجب رڪارڊ موجب آهي جنهن جو فوتي کاتو جائز وارثن ۾ بدلايو وڃي جنهن جي فوتي کاتي لاءِ جلسي عام ڳوٺ سومار پرهياڙ تعلقا بدين ۾ ڪيو ويو آهي اتهي سلسلي ۾ جلسي عام ڪري ٻن شاهدن کان بيان ورتا ويا آهن جنهن مان ظاهر ٿيو ته فوتي جا جائز وارث هيٺيان آهن تفصيل فوتي مير محمد ولد زڪريا پرهياڙ جي جائز وارثن جو نالا وارثن جا 1 خير محمد پاءُ فوتي جو 2 امير محمد پاءُ فوتي جو 3 رمضان پاءُ فوتي جو 4 محمد جمن پاءُ فوتي جو 5 عبدالڪريم پاءُ فوتي جو 6 نور محمد پا فوتي جو 7 مسمات فاطمه ڀيڻ فوتي جي 8 مسمات نوران ڀيڻ فوتي جي 9 مسمات حميده ڀيڻ فوتي جي 10 مسمات راڄباڻي ماءُ فوتي جي جائز وارث ڇڏيا آهن تنهنڪري هر عام ۽ خاص کي اطلاع ٿو ڪجي ته مٿين ڄاڻايل فوتي جي وارثن بابت اگر ڪنهن به ماڻهو کي ڪنهن به قسم جو اعتراض هجي ته هن اشتهار جي ڇپجڻ جي ستن ڏينهن اندر پنهنجو اعتراض ثبوتن سميت اسانجي آفيس ۾ ۾ پيش ڪري ٻي صورت ۾ معياد گذرڻ بعد فوتي کاتو جائز وارثن جي حق ۾ ڪيو ويندو پوءِ ڪوبه اعتراض ٻڌڻ ۾ نه ايندو

بحڪم مختيارڪار روينيو تعلقو بدين

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج شهيد بينظير آباد
فيملي سوٽ نمبر 515 سال 2025

مسمات ڪومل ڌيءُ امتياز ميمڻ رهندڙ صادق ڪالوني نوابشاهه ....پلينٽف...خلاف: عطا محمد پٽ شاهنواز ميمڻ رهندڙ ٽنڊو جام سيڪنڊ ايگريڪلچر يونيورسٽي ٽنڊو جام سيڪنڊ ايڊريس: ويجهو واپڊا ڪالوني خالد اسٽيشنري پريا تعلقو پريا ضلعو نوشهروفيروز سيل نمبر: 0300-3225730...ڊفينڊنٽ

نالي مٿين ڊفينڊنٽ ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف سوٽ فار مينٽيننس اينڊ ريٽرن آف جهيز آرٽيڪلز اينڊ رڪوري آف حق مهر لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 14-11-2025 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فيملي ڪورٽ شهيد بينظير آباد

عام اطلاع

سيني لاڳاپيل ماڻهن کي آگاهه ڏيڻ لاءِ آهي ته لڪي اسٽار ٽريڊنگ پنهنجي شراب جي دڪان کي ڪلفٽن، ڪراچي-II، بلاڪ-FL-I، سي بريز بلڊنگ A-12 دڪان کي دڪان نمبر ناصر ڳوٺ سرجاني ضلعي اولهه ڪراچي تائين ڪولڻ لاءِ R-48 کان دڪان نمبر درخواست ڏني آهي تنهنڪري، جيڪڏهن علائقي جي ڪنهن به رهواسي کي ڪو اعتراض آهي ته هو پندرنهن (15) ڏينهن اندر هيٺ ڏنل آفيسرن وٽ پنهنجو اعتراض داخل ڪري سگهي ٿو (1) ڊائريڪٽر جنرل (ايڪسائيز اينڊ ٽيڪسيشن) ايڪسائيز نارڪوٽڪس ڪنٽرول سنڌ ڪراچي ڊي-46 بلاڪ-1 ڪلفٽن ڪراچي (2) ڊائريڪٽر (ايڪسائيز اينڊ ٽيڪسيشن) (ايڪسائيز) ڪراچي بلاڪ نمبر 4 بيرڪ نمبر 11 سنڌ سيڪريٽريٽ، ڪورٽ روڊ صدر ڪراچي (3) ايڪسائيز اينڊ ٽيڪسيشن آفيسر (ايڪسائيز) ڊسٽرڪٽ ويسٽ ڪراچي، بنگلو نمبر/ فليٽ نمبر A-01 پلاٽ نمبر FL-1 بلاڪ-3 ڪلفٽن ويجهو سائوٿ سٽي اسپتال ڪراچي پندرهن (15) ڏينهن ڪانپوءِ ڪنهن جو به اعتراض قبول نه ڪيو ويندو

ايڪسائيز ۽ ٽيڪسيشن
نارڪوٽڪس ڪنٽرول ڊپارٽمينٽ

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول/فيملي جج نمبر V حيدرآباد
فيملي سوٽ نمبر 1129 سال 2025

شريمتي جيوان ڌيءُ سونو بالغ هندو ذات ڪولهي رهندڙ ڳوٺ هري ڪيمپ هوسڙي ويجهو ڳوٺ منجهون خان چانگ تعلقو ۽ ضلعو حيدرآباد...پلينٽف...خلاف: ملو پٽ نارو بالغ هندو ذات ڪولهي رهندڙ ڳوٺ غلام شاهه اچو لغاري تعلقو ٽنڊو باگو ضلعو بدين...ڊفينڊنٽ

نالي مٿين ڊفينڊنٽ ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف سوٽ ٽرمينيشن آف ميرج يو/ايس 9 آر ڊبليو سيڪشن 12 آف هندو ميرج ايڪٽ 2017 اميندڊ ايڪٽ 2018 لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 15-11-2025 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

5th سول/فيملي جج حيدرآباد

عام اطلاع

مان عالم زادي ضلع بدين تعلقو ٽنڊو باگو شهر پنگريو جي رهواسڻ آهيان. سي اين آئي سي نمبر 4110462632254، منهنجي ملڪيت ضلع بدين ٽپو لوراڻي شريف ديهه لٺو ۾ (102-31) ايڪڙ زمين آهي، جيڪا منهنجي ڀيرين مڙس ڪيپٽن اڪبر علي شاهه مونکي ڏني هئي، جنهن جو رڪارڊ بدين ريونيو آفيس ۾ منهنجي نالي داخل آهي، انٽري نمبر 60 تاريخ 22/5/1997 فارم VII ۾ داخل آهي مان هن زمين کي وسيع الله ميمڻ کي جنوري 2025 ۾ وڪرو ڪئي آهي، جنهن تحت ايگريمينٽ ڪيا ويا آهن، مون ادائگي ورتي آهي ۽ مون اهري وسيع الله ميمڻ کي جنرل پاور آف اٽارني ڏني آهي، هاڻ مونکي هن زمين جو سيل سرٽيفڪيٽ جاري ڪرائڻو آهي.جيڪڏهن منهنجي ذات يا منهنجي رڪارڊ سان ڪنهن کي ڪا تڪليف آهي يا ڪو اعتراض آهي، ته هو 7 ڏينهن اندر بدين ريونيو مختيارڪار آفيس اچي جواب پيش ڪن. نه ته پو آءُ سيل سرٽيفڪيٽ جاري ڪرائي وسيع الله ميمڻ کي منتقل ڪري سگهان

عالم زادي

ڪاغذن جي گمشدگي

اڻون نالي مولا بخش ولد حاجي ملاح ويٺل ڳوٺ حاجي محمد بخش چانڊيو بدين ساڪ سان چوان ٿو ته مون سي ڊي موٽر سائيڪل بليڪ ڪلر 2023-24 انجڻ نمبر PO 35665 چيچس نمبر HA 923552 هونڊا ڪمپني کان خريد ڪيو آهي جنهن جو سيل سرٽيفڪيٽ وڃائجي ويو آهي ڪافي ڳولا باوجود ملي نه سگهيو آهي قسم نامي جي آڌار تحت سيل سرٽيفڪيٽ ٻيو ناهي ڏنو وڃي ۽ هي بيان رڪارڊ تي رکيو وڃي ته جيئن وقت سر ڪم اچي سگهي

مولا بخش ولد حاجي ملاح
ويٺل ڳوٺ حاجي محمد بخش چانڊيو بدين
شناختي ڪارڊ نمبر: 4110129616475

بقايا 1 | 2ڄڻا اجل

تي فوت ٿي ويا اطلاع ملڻ تي پوليس پهچي لاش تعلقي اسپتال ٽنڊوآدم آندو جتان ضروري ڪارروائي بعد لاش وارثن حوالي ڪيا ويا فوتي عبدالغني ٽنڊوآدم جي ڳوٺ جو رهندڙ آهي جڏهن ته مهيندر عمر ڪوٽ جو رهندڙ آهي ٽنڊوآدم پوليس موجب حادثي واري جاءِ اوڏيرو لال جي حد آهي حادثي بعد بس ڊرائيور فرار ٿي ويو پوليس بس کي تحويل ۾ وٺي ڇڏيو آهي

بقايا 2 | احتجاجي مظاهرو

خلاف سخت نعريبازي ڪئي وئي .احتجاج ڪندڙن ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته ڪجهه ڏينهن پهريان پيپلزپارٽي شهيد ڀٽو جي اڳواڻ يونس بروهي جي پريتم آباد ۾ گهر اڳيان ٻن موٽر سائيڪلن تي چار ڦورو هٿيارن جي زور تي سنڌس معصوم ٻلن کان ٻڪر ڦري فرار ٿي ويا هتا جنهن جي اطلاع ڏيڻ يونس بروهي پريتم آباد پڪٽ تي پهتو ته اتي هڪ سپاهي موجود هو جنهن چيو انچارج ڪنهن ڪم سان ويو آهي اچي ۽ ڏسون ٿا.پوليس جي سستي ۽ نااهلي سبب ڦورو آسانيءَ سان فرار ٿي ويا.پريتم آباد پڪٽ جو عملو ڊيوٽي ڪرڻ بجا پنهنجي ذاتي ڪمن ۾ رڌل هوندو آهي

هي سمورو علائقو ڦورن ۽ چورن جي رحم ڪرم تي ڇڏيل آهي پريتم آباد پوليس پڪٽ جو عملو پڪٽ تي موجود ئي ناهي هوندو ڦورو بنا ڪنهن خوف جي وارداتون ڪري آسانيءَ سان فرار ٿي وڃن ٿا پوليس جي رٽ ئي ناهي رهي.هنن مطالبو ڪيو ته پيپلز پارٽي شهيد ڀٽو جي اڳواڻ يونس بروهي جو ڦر ٿيل چوپايو مال واپس نه ڪيو ويو ته جمڙائو ڪينال وٽ سانگهڙ نواب شاهه روڊ بلاڪ ڪري احتجاج ڪري ڌرڻو هنيو ويندو

بقايا 3 | لاش هٿ

محمود طور تي ڊاڪٽر موجب لاش تي ڪوبه زخم جو نشان نه هو فوتي جو لاش ڪجهه ڪلاڪ پراڻو آهي

بقايا 4 | گهر ۾ ڪهرام

ٽيڪنيڪل ايجوڪيشن ۽ ووڪيشنل ٽريننگ اٿارٽي سنڌ ۾ ليڪچرار طور ڪم ڪندڙ نوجوان نديم هڪڙو خيرپور کان سکر وڃي رهيو هو ته رستي تي حادثو پيش آيو پوليس ٽرالر سميت ڊرائيور کي پنهنجي تحويل ۾ وٺي ڇڏيو آهي لاش خيرپور اسپتال مان ضروري ڪارروائي بعد لاش گهر پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو آخري اطلاعن تائين واقعي جو ڪيس داخل نه ٿي سگهيو هو

بقايا 5 | احتجاج

اسلام ڪوٽ آڏو سائينو سنڌ ريسورسز ڪمپني جي زيادتين خلاف احتجاجي مظاهرو ڪري نعريبازي ڪئي.احتجاج ڪندڙن جو چوڻ هو ته بلاڪ ون جي مائيننگ سبب متاثر ٿيا اهيون.ڪوئلي جو ڪم ڪندڙ سائينو سنڌ ڪمپني اسان متاثرين سان ناانصافيون ڪري رهي آهي.اسان سان جيڪي به واعدا ڪيا ويا هئا انهن مان ڪنهن هڪ تي عمل ناهي ڪيو ويو.ڪمپني اسان جا مسئلا حل ڪرڻ بدران روزاني نوان مسئلا پيدا ڪري اسان کي تنگ ڪري رهي آهي.اسين ڏانهون ڪري ٿڪجي پيا آهيون پر ڪير ڏانهن ڪوڪ ٻڌڻ وارو ناهي.اسان مطالبو آهي ته نوٽيس وٺي اسان سان انصاف ڪيو ڪري مسئلا حل ڪيا وڃن

بقايا 6 | احتجاجي مظاهرو

ڪامريڊ عباس باجڪاڻي ، سلطان نندواڻي جي اڳواڻي ۾ ڪارڪنن پارڻ گهنٽاگهر چوڪ کان پريس ڪلب تائين احتجاجي ريلي ڪڍي وئي ، ريلي ۾ شريڪ ڪارڪن ستاويهن آئيني ترميم نامنظور ، ترميم ذريعي عدليا جا اختيار ڪسڻ نامنظور جا نعرا هڻندا رهيا جڏهن ته اڳواڻن ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته ڪجهه شخصن کي طاقتور بڻائڻ عدليا جا اختيار ڪسڻ لاءِ ستاويهن آئيني ترميم سينيٽ منظور ڪرائي وئي جنهن سان عوام جي حق تلفي ٿي آهي هنن چيو ته آئين سان کيل چيڙ ڇاڙ ملڪ لاءِ هاجيڪار ثابت ٿيندي

بقايا 7 | احتجاجي ريلي

جنيد جلباڻي ۽ ٻين چيو ته 27هين آئيني ترميم سنڌ دشمن سازش آهي جيڪا صوبن جي خودمختياري ۽ وسيلن تي ڌاڙو آهي هنن چيو ته پاڪستان جا حڪمران سنڌ سان سدائين زيادتيون ڪيون آهن . پاڻي جي ورڇ کان وٺي وسيلن جي مالڪي تائين سنڌ کي حقن کان محروم رکيو ويو آهي هنن مطالبو ڪيو ته وفاق سنڌ جي وحدت ۽ وسيلن ۾ مداخلت بند ڪري ٻي صورت ۾ سجي سنڌ ۾ احتجاجن جو سلسلو وڌايو ويندو

بقايا 8 | نئڊ ستل

سائيبريا کان آيل پکين ڏگوش آڙي چيخلو لاڪوجاني نيرگي ٻيڻ ساهه ڪونج ۽ هنج جهڙا انمول پرڏيهي مهمان پکي هن وقت بيدرد شڪارين جي هٿن ۾ نه رڳو بيوسي جو مظاهرو ڪري رهيا آهن پر وائلڊ لائيف کاتو پنهنجي خاموشي ۽ نااهلي سبب سڌو سنئون هن ماحولياتي ڏوهه ۾ برابر جو شريڪ ٿي چڪو آهي. شڪارين پکين جي هن قتل عام لاءِ جيڪي طريقا استعمال ڪري رهيا آهن سي انتهائي گندا ۽ غير انساني آهن اهي پنهنجي هٿيارن جي طاقت جو سرعام مظاهرو ڪندي پکين جي وڏي شڪار لاءِ جديد هٿيار ۽ رڇ (ڏنگا) استعمال ڪري رهيا آهن ان سان گڏ ئي فندا ڪوڙڪيون ۽ کهوڪا لڳائي انهن ٻي زبان پکين خاص ڪري باز جي نسل کي شڪار ڪري رهيا آهن سوال هي آهي ته ڇا وائلڊ لائيف کاتي کي ان قتل عام جي طريقي جي خبر ناهي؟ جيڪڏهن خبر آهي ته ان جي انتظاميا کهڙي ڪارروائي ڪري رهي آهي؟ حقيقت اها آهي ته انهن جي بي حسي ۽ غفلت جي ڪري شڪاري آساني سان پنهنجو سامان ڪٺي ميدان تي اچن ٿا ۽ وڏي تعداد ۾ پکين جو شڪار ڪري مهانگي اگهه ۾ وڪرو ڪن ٿا جنهن تي ڪو به ڪنٽرول ناهي زنگ لڳل قانون ۽ عملدارن جي ملي ڀڳت سان سنڌ وائلڊ لائيف کاتي جو وجود ئي جهنگلي جيوت کي بچائڻ لاءِ آهي پر هن وقت اهو محسوس ٿئي ٿو ته کاتو شڪارين جي نجي حمايتي قوت بڻجي چڪو آهي مقامي ماڻهن نالو نه ٻڌائڻ جي شرط تي صحافين سان ڳالهيون ڪندي ۽ واضح الزام هڻندي ٻڌايو ته ڪيترن ئي علائقن ۾ کاتي جي عملدارن جي شڪارين سان سڌيا ملي ڀڳت آهي هن طرح لڳي ٿو ته پڪوڙ بدران عملدار پاڻ ئي شڪار جي رستي جي صفائي ڪري رهيا آهن جيڪڏهن وائلڊ لائيف کاتو پنهنجي مٿين عملدارن کي فوري طور تي ميدان تي موڪلي ٿو ته ڇا هي قتل عام روڪي سگهي ٿو هرگز نه! هن وڏي سطح جي تباهي جو مطلب صاف آهي ته ناڪامي هيٺين سطح تي نه پر مٿين سطح جي انتظاميا جي آهي جيڪڏهن ان انمول ماحولياتي ورثي کي فوري طور تي نه بچايو ويو ته ايندڙ نسلون اسان کان پڇنديون ته اسان اهي خوبصورت پکي ڪٿي گم ڪري ڇڏيا! فوري طور تي سنڌ جي اعليٰ اختيارين کي گهرجي ته هن مسئلي جو جڊيشل نوٽيس وٺي نااهل عملدارن کي برطرف ڪيو وڃي

بقايا 9 | مطالبو

2012ع دوران ضلعي لاڙڪاڻو اندر شهيد محترمه بينظير ڀٽو جي نالي سان آر او واٽر پلانٽ لڳائي اسان کي آپريٽر طور نوڪرين جا ڪچا آرڊر ڏنا هئا، جنهن کان پوءِ اسان 91 آپريٽرا ڄ ڏينهن تائين ايمانداري سان پنهنجيون ڊيوٽيون سرانجام ڏيندا رهيا آهيون پر افسوس جو هن وقت تائين اسان کي پڪو ناهي ڪيو ويو هنن چيو ته سنڌ حڪومت ۽ پبلڪ هيلٿ کاتي جي نوٽيفڪيشن موجب اسان جي پگهار 40 هزار روپيا آهي پر ان جي باوجود اسان کي صرف 32 هزار روپيا پگهار ڏني پئي وڃي هنن مطالبو ڪيو ته معاملي جو نوٽيس وٺي اسان کي کاتي ۾ پڪا آرڊر جاري ڪرڻ سان گڏ پگهارن ۾ واڌ ڪندي رهيل پگهارون جاري ڪري انصاف ڪيو وڃي

بقايا 10 | پيادل جلوس، ڌرڻو

ايس يو پي جي سنڌ آبادگار يونائيٽيڊ فورم جي مرڪزي صدر سيد بشير شاهه ، جيئي سنڌ محاذ جي مرڪزي اڳواڻ پنهل جمالي ، ايس يو پي جي ضلعي صدر عمران لغاري ، جسقم (بشيرقريشي گروپ) جي پيو ذوالفقار پرڳڙي ، جسقم (نياز ڪالاڻي گروپ) جي گلشير ڪولاچي ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ 27هين آئيني ترميم جي خلاف اسٽيشن روڊ کان احتجاجي جلوس ڪڍي پيادل مارچ ڪري قليلي روڊ تي ڌرڻو هنيو ويو ، ان موقعي تي اڳواڻن چيو ته 27هين آئيني ترميم ملڪ لاءِ ڪارو قانون آهي جنهن قانون مارشل لا جي ياد ڪي تازو ڪري ڇڏيو آهي هن ترميم ذريعي صوبن کان خودمختياري جو حق کسڻ جي شروعات ڪئي وئي آهي جنهن ۾ صوبن جي فطري پيداوارين اقتصادي معاشي وسيلن جي وفاق جي نالي ۾ ڦرلٽ ڪئي ويندي ، حڪمران ڪريشن جا بادشاهه بڻجي ويندا پر ڪين قانوني طور تحفظ حاصل هوندو ، عدالتن جي انصاف جي تقاضائن کي پورو ڪرڻ ۾ رڪاوٽون پيدا ڪيون وينديون ، جيڪا صورتحال عوام کي مايوسي جو شڪار بڻائيندي ، عوام پاڻ کي پنهنجي ئي ملڪ ۾ اندر ٻي سهارو سمجهڻ تي مجبور ٿي ويندو ، جنهن جي ڪري حڪمرانن کي اسيمبلين جي اندر قانوني تقاضائن تحت ڪيل ترميم کي واپس وٺي عوامي مفادن تحت قانون پاس ڪرڻ گهرجي ، 27هين آئيني ترميم کي سنڌ سميت پوري ملڪ جي عوام ڪنهن به صورت ۾ قبول نه ڪندي ، عوام دشمن ڪيل آئيني ترميمون ختم ڪري سنڌ ۽ پاڪستان جي عوام سان ٻي چيني ختم ڪئي وڃي ٻي صورت ۾ احتجاج جاري رهندو ، هنن چيو ته سرڪاري اڳواڻن معاڻ داخل ڪيس فوري طور ختم ڪيا وڃن ٻي صورت ۾ سجي سنڌ اندر احتجاج جو سلسلو جاري رهندو

ٽنڊوآدم لڳ ڪار ۽ بس جو آمهون سامهون ٽڪر، پيرسن سميت 2 ڄڻا اجل جو شڪار

قيصر گهوٽ بس اسٽاپ وٽ حادثي ۾ 33 ورهين جو مهيندر ۽ 70 ورهين جو عبدالغني فوت ٿي ويا

اطلاع تي پوليس پهچي ويئي لاش ڪٺائي تعلقي اسپتال مان ضروري ڪارروائي بعد وارثن حوالي ڪيا

ٽنڊوآدم (ن ع) ٽنڊوآدم ويجهو قيصر گهوٽ بس اسٽاپ لڳ تيز رفتار بس ۽ ڪار ۾ آمهون سامهون ٽڪر ٿيڻ جي نتيجي ۾ ڪار ۾ سوار 2 ڄڻا 70 سالن جو عبدالغني ۽ 33 سالن جو مهيندر ٿڌي
بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوآدم: روڊ حادثي ۾ فوت ٿيل عبدالغني ۽ مهيندر جا لاش اسپتال ۾ رکيل آهن

شاهپورچاڪر ۾ پ پ شهيد ڀٽو ڌڙي پاران پوليس جي زيادتين خلاف احتجاجي مظاهرو

ڪارڪنن سلامت بروهي، شاهد ميمڻ، يونس، طالب، ناصر ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو

اڳواڻ يونس بروهي جو ڦر ڦيل چرپايو مال واپس ڪرائي امن امان بحال ڪرايو وڃي: مظاهرين

شاهپورچاڪر(ن ع) ڪنڊڙو پوليس ۽ پريتم آباد پوليس پڪٽ جي مبينه زيادتين خلاف پيپلزپارٽي شهيد ڀٽو پاران ضلعي صدر سلامت بروهي، جنرل سيڪريٽري شاهد ميمڻ ، يونس بروهي، طالب عمراڻي، ناصر شر جي اڳواڻي ۾ عمراڻي چوڪ کان پريس ڪلب تائين ريلي ڪڍي ڪنڊڙو پوليس
بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 5

شڪارپور: شيخ اياز يونيورسٽي ۾ منعقد تقريب ۾ شريڪ مهمانن جو ورتل گروپ فوٽو

سن پرسان اڻڄاتل پيرسن جو لاش هٿ

مانجهند (ن- ع) سن پرسان واٽر ون انڊس هاءِ وي تي موٽر وي پوليس کي اڻڄاتل پيرسن لاش جو هٿ آيو لاش کي تعلقه اسپتال مانجهند منتقل ڪيو ويو جتي لاش جي سڃاڻپ راولپنڊي واسي اظهر
بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 5

بدين ۾ ساحلي پٽي تي پرڏيهي پکين جو شڪار تيزي سان جاري، وائلڊ لائف کاتو ننڊ ستل

روس ۽ سائبيريا کان آيل مهمان پکين جو شڪار جديد هٿيارن ۽ غيرانساني طريقن سان ڪيو پيو وڃي

وائلڊ لائيف کاتي جي غفلت ۽ مبينا ملي ڀڳت سبب شڪارين کي ڪنٽرول کان ٻاهر آزادي ملي

فوري طور تي سنڌ جي اعليٰ اختيارين هن مسئلي جو جاڊيشل نوٽيس وٺي نااهل عملدارن کي برطرف ڪيو وڃي:علائقي واسي

بدين (ڊ ر) بدين جي ساحلي پٽي تي بين الاقوامي مهمان پکين جي نسل ڪشي وائلڊ لائيف کاتو شڪارين جو سهولتڪار بڻجي ويو سڄي دنيا ۾ وائلڊ لائيف جي تحفظ لاءِ ڪيل واعدا ۽ قانون بدين جي ساحلي پٽي تي اچي دفن ٿي ويا آهن سياري جي مند شروع ٿيڻ سان روس ۽
بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 5

آر او پلانٽ آپريٽرن پاران پڪا آرڊر جاري ڪرڻ جو مطالبو

نوٽيفڪيشن موجب پگهار 40 هزار پر ملي صرف 32 هزار ٿو: آپريٽر

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي ۾ سنڌ آر او واٽر پلانٽ ايسوسيئيشن ضلعي جي عهديدارن صدر عقيل احمد ڪوريجو جنرل سيڪريٽري خالد مغيري، انفارميشن سيڪريٽري عبدالله ميرجت ۽ ٻين لاڙڪاڻو پريس ڪلب ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي چيو آهي ته سنڌ حڪومت پاران سال
بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 5

ٽنڊو محمد خان ۾ سنڌ ايڪشن ڪميٽي جو 27هين آئيني ترميم خلاف پيادل جلوس، ڌرڻو

ايس يو پي، جسم، جسقم، سنڌ آبادگار يونائيٽيڊ فورم پاران ريلي ڪڍي قليلي روڊ ڌرڻو هنيو ويو

27هين آئيني ترميم ملڪ لاءِ ڪارو قانون آهي جنهن قانون مارشل لا جي ياد کي تازو ڪري ڇڏيو آهي:اڳواڻ

27 سنڌ سميت پوري ملڪ جي عوام ڪنهن به صورت ۾ قبول نه ڪندي، عوام دشمن ڪيل آئيني ترميمون ختم ڪيون وڃن

ٽنڊو محمد خان(ڊ ر) ٽنڊو محمد خان ۾ سنڌ ايڪشن ڪميٽي طرفان 27هين آئيني ترميم جي خلاف احتجاجي پيادل جلوس، مظاهرو، ڌرڻو، خبر موجب ٽنڊو محمد خان ۾ سنڌ ايڪشن ڪميٽي جي ڪارڪنن
بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 5

عمرڪوٽ لڳ پرائمري اسڪول ٽيچر جو گهر مان ڦاهو کاڌل لاش هٿ

ڳوٺ ڪامل ڪلر ۾ 28 سالن جي ٽمينه ڪلر جو ڦاهو کاڌل لاش هٿ آيو

اطلاع تي پوليس پهچي لاش ڪٺائي اسپتال پهچايو، ڪارروائي بعد وارثن حوالي

تحقيقات جاري آهي، پوسٽ مارٽم رپورٽ اچڻ بعد وڌيڪ ڪارروائي ڪبي: پوليس

عمرڪوٽ (ڊ ، ر) عمرڪوٽ ضلعي جي بودرفارم ٿاڻي جي ڳوٺ ڪامل ڪلر مان 28 سالن جي سرڪاري پرائمري اسڪول ٽيچر ٽمينه ڏاڻ زاهد ڪلر جو گهر مان ڦاهو کاڌل لاش هٿ آيو آهي اطلاع تي بودر فارم ٿاڻي جي پوليس واقعي واري هنڌ پهچي، لاش کي پنهنجي تحويل ۾ وٺي
بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 5

عمرڪوٽ: فوت ٿيل عورت جو لاش سندس گهر ۾ پيل آهي

ٽنڊومحمدخان: قومي ڪارڪنن تي ڪوڙا ڪيس داخل ڪرڻ خلاف سنڌ ايڪشن ڪميٽي پاران احتجاج ڪيو پيو وڃي

ڳڙهي ياسين تي ٽيندڙ ٽنڊي چونڊ ۾ جي يو آءِ جي اميدوارن جا فارم بحال

شڪارپور (ڊ ر) شڪارپور ضلعي جي پي ايس 9 ڳڙهي ياسين تي 14 ڊسمبر تي ٿيندڙ ٽنڊي چونڊ لاءِ جي يو آءِ جي اميدوارن ضلعي امير مولانا عبدا□ مهر مولانا پير سيد رشد□ شاهه امروٽي، مولانا محمد طيب ميڪو، مولانا عبدالڪريم کيهر جا نامزدگي فارم آر او آفيس ڳڙهي
بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 5

نوشهروفيروز ۾ 27هين آئيني ترميم ۽ سنڌ مخالف منصوبن خلاف احتجاجي ريلي

سنڌ ايڪشن ڪاميٽي ۽ قومي ڌرين جي اڳواڻن نياز ڪالاڻي، پنهل ساريو، مجيب ماڇي ۽ ٻين احتجاج ڪيو

27هين ترميم ذريعي سنڌ کي يونٽن ۾ ورهائڻ جي ڪوشش مڪمل طور تي ناقابل قبول آهي: اڳواڻ

سنڌي قوم پنهنجي ڌرتيءَ جي حفاظت ڪرڻ ڄاڻي ٿي، ۽ ڪوبه سنڌ دشمن فيصلو قبول نه ڪيو ويندو

نوشهرو فيروز(رپورٽ:شاهد علي چنه) سنڌ ايڪشن ڪاميٽي ۽ قومي ڌرين پاران ملڪ ۾ تجويز ڪيل 27هين آئيني ترميم ۽ سنڌ صوبي کي يونٽن ۾ ورهائڻ جي منصوبي خلاف الله واري چونڪ کان پريس
بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 5

2012کان واپڊا کي نجڪاري ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي: عبداللطيف نظاماڻي

بجلي ورهائيندڙ ڪمپنين جي نجڪاري ڪنهن به حالت ۾ اجازت نه ڏني ويندي

ملازمن جي شديد ڪوٽ جي باوجود واجبات ۽ فائدن جي ادائيگي ۾ ڪٽوتي ڪئي پئي وڃي

سکر (بيورو رپورٽ) آل پاڪستان واپڊا هائيڊرو اليڪٽرڪ ورڪرز يونين سي بي اي جي مرڪزي صدر عبداللطيف نظاماڻي چيو آهي ته بجلي ورهائيندڙ ڪمپنين جي نجڪاري ڪنهن به حالت ۾ اجازت نه ڏني ويندي، پلي اسان کي ان لاءِ ڪا به قرباني ڇو نه ڏيڻي پوي، واپڊا ۾ هڪ لک کان
بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 5

راولپنڊي: پاڪستاني ڪرڪيٽر سينچري مڪمل ڪرڻ تي خوشي جو اظهار ڪري رهيو آهي

لاڙڪاڻي ۾ سنڌ ايڪشن ڪاميٽي مرڪزي سڏ تي 27 هين آئيني ترميم خلاف ريلي

مختلف تنظيمن جي ڪارڪنن ڊاڪٽر مظهر مغل، خادم گهانگهرو، منظور شيخ ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو

27هين آئيني ترميم سنڌ، عدالتي نظام ۽ صوبائي خودمختياري جي خلاف آهي سخت لفظن ۾ مذمت ڪيون ٿا: اڳواڻ

پ پ بلاول ڀٽو کي وزيراعظم بڻجڻ لاءِ سنڌ ورهائڻ جي سوديبازي ڪئي ۽ ترميم جي حمايت

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) سنڌ جي ٻين شهرن جيان لاڙڪاڻي ۾ به سنڌ ايڪشن ڪاميٽي ضلعي طرفان مرڪزي سڏ تي 27 هين آئيني ترميم خلاف ريلي ڪڍي پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو جتي هن هٿن ۾ مختلف تنظيمن جا جهنڊا کڻي سخت نعريبازي ڪئي وئي ان
بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 5

خيرپور ۾ ذوالفقار گلال کي ايڊيشنل ڊائريڪٽر سوشل ويلفيئر مقرر ڪيو ويو، نوٽيفڪيشن جاري

خيرپور(ڊ ر)چيف سيڪريٽري سنڌ آصف حيدر شاهه هڪ نوٽيفڪيشن جاري ڪندي 19گريڊ جي سوشل ويلفيئر کاتي جي آفيسر ذوالفقار گلال کي نوشهرو فيروز مان بدلي ڪري خيرپور ۾ ايڊيشنل ڊائريڪٽر سوشل ويلفيئر مقرر ڪيو آهي
بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 5

راڻيپور (گمبٽ) ۾ ٽيڪيدار روڊ جي ڪم ۾ غيرمعياري ميٽيريل جي استعمال خلاف احتجاج

ڳوٺ نور محمد جاڳيراڻي واسين وحيد علي، الهداد، مٺل ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو

ٺيڪيدار روڊ جي تعمير ۾ ناقص ميٽيريل استعمال ڪري رهيو آهي، انصاف ڪيو وڃي

راڻيپور(ن ع) راڻيپور پرسان ضلعي خيرپور ميرس جي ڳوٺ نور محمد جاڳيراڻي جي ڳوٺاڻن جو ٺيڪيدار جي خلاف احتجاجي مظاهرو ڪري نعري بازي پڻ ڪئي ٺيڪيدار رات جي پيٽ ۾ اوناهي جو ناجائز فائدو وٺي ڳوٺ نور محمد جاڳيراڻي ڪان بڪن جاڳيراڻي طرف ويندڙ
بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 5

خيرپور ۾ عشر ۽ زڪوات ڪاميٽي پاران غريب مستحقن ۾ نياڻي جي شادي لاءِ مالي مدد جي چيڪ تقسيم ڪيا ويا

خيرپور(ڊ ر) خيرپور ۾ عشر ۽ زڪوات ڪاميٽي پاران غريب مستحق ماڻهن ۽ غريب خاندانن سان تعلق رکندڙ نياڻين جي شادي لاءِ مالي مدد جا چيڪ اسسٽنٽ ڪمشنر آفيس خيرپور ۾ ورهايا ويا. ان موقعي تي اسسٽنٽ ڪمشنر ارسلان حيدر
بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 5

اسلام آباد: وزيراعظم بين البارلياماني اسپيڪرس ڪانفرنس کي خطاب ڪري رهيو آهي

لاڙڪاڻي ۾ پيرسن جو پٽ جا قاتل گرفتار ڪرڻ جو مطالبو

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي ۾ تعلقي باقراڻي جي ڳوٺ اسحاق ڪوٺهارو جي رهواسي پيرسن صوفي فقير طرفان 18 سال
بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 5

اسلام آباد ۾ دهشتگردي واقعي جي مذمت ڪيون ٿا: قادر مگسي

دهشتگردي ڏکڻي عرصي کان ملڪ جو اهم ترين مسئلو بڻيل آهي

حڪمرانن کي گهرجي ته هو دهشتگردي جي خاتمي لاءِ سنجيده ۽ موثر قدم کڻن

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) سنڌ ترقي پسند پارٽي جي چيئرمين ڊاڪٽر قادر مگسي اسلام آباد ۾ ٿيندڙ دهشتگردي جي افسوسناڪ واقعي جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪئي آهي جنهن ۾ بيگناهه جانيون ضايع ٿيون ڊاڪٽر قادر مگسي چيو ته پارٽي دهشتگردي جي واقعي ۾ زندگيون
بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 5

اسلام آباد: وفاقي وزير مصدق ملڪ تقريب ۾ ڳالهائي رهيو آهي

ڊي ريگيوليشن سان هارين کي ڪمند جي بهترين قيمت ڏني سگهجي ٿي:شوگر ملز ايسوسيئيشن

گذريل سال حڪومتي عدم مداخلت سبب هارين کي ڪمند جو بهترين ريٽ مليو

ڊي ريگيوليشن کان اڳ شوگر سيڪٽر بين الاقوامي مارڪيٽ ۾ مقابلي جي قابل نه آهي

ڪراچي (رپورٽ: راهب گاهو) پاڪستان شوگر ملز ايسوسيئيشن پنهنجي جاري اعلاميه ۾ مطالبو ڪيو آهي ته شوگر سيڪٽر جي ڊي- ريگيوليشن پاليسي کي فوري بنيادن تي منظور ڪيو وڃي ايسوسيئيشن جو چوڻ آهي ته ڊي- ريگيوليشن سان هارين کي ڪمند جي
بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 5

لاڙڪاڻي ۾ تعليم کاتي جي اڳوٽي ضلعي آفيسر نواب علي ڪوڪر جي ياد ۾ تعزيتي ميڙاڪو ڪوٺايو ويو

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي ۾ ڊسٽرڪٽ ايجوڪيشن آفيسر پرائمري انيس الرحمان جلباڻي طرفان تعليم کاتي جي اڳوٽي ضلعي آفيسر مرحوم نواب علي ڪوڪر جي ياد ۾ ڊي اي او آفيس ۾ تعزيتي ميڙاڪو ڪوٺايو ويو جنهن ۾ ڊي اي او سيڪنڊري عبدالرشيد چانڊيو سي آءِ او ياسر سولنگي ڊپٽي ڊي اي او سيد
بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 5

اسلام آباد ۾ خودڪش حملي ۾ انساني زندگين جي نقصان تي افسوس آهي:سردار عبدالرحيم

دهشتگردي ملڪ جي امن ۽ استحڪام کي ڪمزور ڪرڻ ۽ عوام ۾ خوف ڦهلائڻ جي سازش آهي

حملو ڪندڙ ڪنهن مذهب يا انسانيت سان تعلق نٿا رکن ۽ صرف ملڪ جا دشمن آهن

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پاڪستان مسلم ليگ فنڪشنل سنڌ جي جنرل سيڪريٽري ۽ گرينڊ ڊيموڪريٽڪ الائنس (GDA)جي سيڪريٽري اطلاعات سردار عبدالرحيم اسلام آباد جي جوڊيشل ڪمپليڪس ويجهو خودڪش حملي جي شديد لفظن ۾ مذمت ڪئي آهي سردار عبدالرحيم بيان
بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 5

خيرپور لڳ ٽرالر ۽ موٽرسائيڪل ۾ ٽڪر سبب نوجوان فوت، گهر ۾ ڪهرام

ڪريم آباد اسٽاپ وٽ حادثي ۾ نوجوان نديم هڪڙو ٿڌي تي دم ڏئي حوالي ڪيو

اطلاع تي پوليس پهچي ڊرائيور کي حراست ۾ وٺي لاش پوسٽ مارٽم لاءِ اسپتال منتقل ڪيو

خيرپور(ڊ ر) خيرپور پرسان ٻيرلو ٿاڻي جي حد ڪريم آباد اسٽاپ وٽ تيز رفتار ٽرالر موٽرسائيڪل سوار نوجوان کي ٽڪر هڻي ڪيڏيو جنهن جي نتيجي ۾ موٽرسائيڪل کي ٻاهر لڳي وڃي ۽ نوجوان موقعي تي فوت ٿي ويو ٻيرلو ٿاڻي جي حد جي پوليس رابطو ڪرڻ تي ٻڌايو ته سنڌ
بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 5

ٽرڪول بلاڪ ون جي متاثرين جو ٻي ڏينهن به ڪمپني خلاف احتجاج

سائينو سنڌ ڪمپني اسان متاثرين سان ناانصافيون ڪري رهي آهي:مظاهرين

ڪمپني اسان جا مسئلا حل ڪرڻ بدران روزانو نوان مسئلا پيدا ڪري پئي

اسلام ڪوٽ (ن ع) ٿرڪول بلاڪ ون جي ڳوٺ وروائي ۽ ٿلايو جي متاثرين عورتن ترجان ٻائي، چوٽان ٻائي، شيابائي، مگهوبائي پونجو ڪولهي، نهالو ڪيغو ڪولهي،سبحان لنجو،احمد امين لنجو،سليم لنجو،متاهين مهراڻيوٿ،اولڪ ميگهواڙ ۽ ٻين ڪالهه ٻي ڏينهن به پريس ڪلب
بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 5

ڪنڊڪوٽ ۾ 27 ترميم خلاف مختلف تنظيمن جو احتجاجي مظاهرو

ايس يو پي، قومي عوامي تحريڪ، جسم، تحريڪ انصاف پاران ريلي ڪڍي وئي

ڪجهه شخصن کي طاقتور بڻائڻ عدليا جا اختيار کسڻ لاءِ ترميم منظور ڪرائي وئي:مظاهرين

ڪنڊڪوٽ (ڊ ر) ڪنڊ ڪوٽ ايس يو پي- قومي عوامي تحريڪ- جسم - تحريڪ انصاف پاران سينيٽ مان ستاويهن آئيني ترميم جي منظوري خلاف ايس يو پي جي ضلعي صدر دلمراد ڏاهاڻي - عبدالعزيز سومرو- ظريت بجاراڻي - فدا حسين محمداڻي - شعبان جڪراڻي - گهايل سنڌي.
بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 5

ميرپور ماٿيلو ۾ سنڌ ايڪشن ڪاميٽي پاران 27هين ترميم خلاف احتجاجي ريلي

ڪارڪنن حاتن خان شر، ڪمال مهر، عبدالمجيد ميربحر، ميرحسن ۽ ٻين احتجاج ڪيو

27هين آئيني ترميم صوبن جي خودمختياري ۽ وسيلن تي ڌاڙو آهي: مظاهرين

ميرپورماٿيلو (ن ع) سنڌ ايڪشن ڪاميٽي جي سڏ تي 27هين آئيني ترميم خلاف ميرپورماٿيلو ۾ ريلي ڪڍي احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو ويو ان موقعي تي ميڊيا سان ڳالهائيندي قومپرست اڳوڻ حاتن خان شر ڪمال مهر عبدالمجيد ميربحر ميرحسن لاشاري، اڪرم ميتلو
بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 5

لاڙڪاڻو: صوبائي محتسب آفيس لاڙڪاڻي جو سيد شڪيل حيدر تربيت حاصل ڪندڙ شاگردياڻين ۾ ڪتاب ورهائي رهيو آهي

پرياسٽي ۾ ڳوٺاڻن جو قتل ڪيس ۾ گهربل جوابدار گرفتار نه ٿيڻ خلاف احتجاج

هالاڻي واسين لعل خاتون ڀانوڻ، صابر علي، زوهير علي، ڪاشف ۽ ٻين احتجاج ڪيو

نوجوان ياسين علي ڀانوڻ جي قاتلن کي پوليس 7 مهينا گذرڻ باوجود گرفتار ناهي ڪيو: مظاهرين

پرياسٽي، (ن ع) پرياسٽي هالاڻي واسي ڳوٺاڻن جو عورتن سان گڏ قتل ڪيس ۾ گهربل جوابدار گرفتار نه ٿيڻ توڙي هالاڻي پوليس خلاف جي زيادتي خلاف ميڊيا سينٽر آڏو احتجاج انصاف جو مطالبو اڙ سلسلي ۾ ڳوٺاڻن عورتن توڙي مردن لعل خاتون ڀانڀڻ صابر علي زوهير علي ڪاشف
بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 5

ٺٽي ۾ سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي جو 27 ترميم ۽ قومي اڳواڻن خلاف ڪيسن تي احتجاج

عمران خشڪ جي اڳواڻي ۾ احتجاجي ريلي ڪڍي سخت نعريبازي ڪئي وئي

ڪيس فوري طور ختم ڪيا وڃن ۽ 27 ترميم واپس ورتي وڃي: مظاهرين

ٺٽو (ڊ ر) سنڌ بچايو ڪميٽي جي ڏنل سڏ جي موٽ ۾ سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي پاران نيشنل پريس ڪلب ٺٽي اڳيان ستاويهين ترميم ۽ قومپرست اڳواڻن سيد زين شاهه رياض چانڊيو ۽ ڊاڪٽر نياز ڪالاڻي تي داخل ڪيسن خلاف ايس يو پي ضلعي ٺٽي جي صدر عمران خشڪ، شوڪت علي
بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 5

خيرپورناٿن شاهه جي روينيو آفيس ۾ جهيڙو، فائرنگ، هڪ جوابدار گرفتار

ٽپيدار جمن ۽ ڪاتيدارن وچ ۾ ڪاتي جي معاملي تان ٿيل جهيڙي ۾ فائرنگ ڪئي وئي

واقعي بعد روينيو عملي ۾ پاچ، پوليس جي بروقت ڪارروائي سان هڪ جوابدار گرفتار

قانوني حرڪت ڪئي وئي، انصاف لاءِ ڪيس داخل ڪرائي ڇڏيو آهي:ٽپيدار

خيرپورناٿن شاهه (ن ع) خيرپورناٿن شاهه جي روينيو آفيس ۾ ٽپيدار ۽ ڪاتيدارن وچ ۾ جهيڙو، فائرنگ ۽ جهيڙي سبب روينيو آفيس ۾ پاچ پئجي وئي. جهيڙي بعد روينيو ملازم آفيس جي تالا هڻي ٿاڻي تي پهچي ويا، پوليس هڪ شخص کي گرفتار ڪري ورتو خيرپورناٿن شاهه جي
بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 5

شڪارپور: آر او آفيس ۾ ڪاغذن جي جاچ دوران جي يو آءِ اڳواڻ موجود آهن

مسوبرڳوٺ ۽ پرياسي منشيات جو ڪاروبار عروج تي، رهواسين جو احتجاج

چلگري ٿاڻي جي حد ۾ مين پڙي جا ڪارخانا قائم، علائقي ۾ نشي آر شيون سرعام وڪرو

سياسي ۽ سماجي تنظيمن جو انتظاميا خلاف احتجاج، نوٽيس وٺي منشيات بند ڪرائڻ جو مطالبو

مسوبرڳوٺ (ن ع) چلگري ٿاڻي جي حد جي شهر مسوبرڳوٺ ۽ پرياسي ۾ پوليس سرپرستي ۾ منشيات سر عام هلندڙ نوجوان نسل تباهه رهواسين جو احتجاجي مظاهرو آءِ جي سنڌ کان نوٽيس وٺڻ جو مطالبو تفصيل موجب چلگري ٿاڻي جي حد جي شهر مسوبرڳوٺ ۽ پرياسي جي ڳوٺن
بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 5

گهوٽڪي لڳ روڊ حادثي ۾ زخمي نوجوان اسپتال ۾ فوت، گهر ۾ ڪهرام

گهوٽڪي (ن ع) پنهنجي پاءِ سميت ڪن ... بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 5

ويندڙنوجوان ظفرالله سومرو روڊ حادثي ۾

سنڌ حڪومت پاران ڪاليجن جي شاگردن جي سهولتن لاءِ 5 بسون فراهم ڪيون ويون

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) سنڌ حڪومت طرفان لاڙڪاڻي ضلعي جي ٽن گرلس ۽
بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 5

راڌڻ پيپلزپارٽي سٽي وارڊ ۾ يوم تاسيس جو جشن ڀرپور نموني ملهائڻ جو فيصلو

نيصر خان چنو جي صدارت هيٺ سٽي وارڊ جو اجلاس، سڀني عهديدارن ۽ ورڪرن شرڪت

نائب صدر عبدالشڪور چنو پاران سڀني جي بوڪائي ۽ پاڻ تي خرچ وٺائڻ تي آڌرڀاءُ جو مطالبو

راڌڻ (ن ع) پاڪستان پيپلزپارٽي سٽي وارڊ جو اهم اجلاس زير صدارت قيصر خان چنو صدر پاڪستان پيپلزپارٽي سٽي وارڊ جي صدارت هيٺ ٿي گذريو اجلاس جي ڪارروائي جنرل سيڪريٽري پ پ پ سٽي وارڊ ذوالفقار علي هيرو سومرو هلائي اجلاس ۾ سٽي وارڊ جي پارٽي جي چونڊيل ڪاٺون ڪاميٽي وارڊ جي ميمبر ۽ مخصوص سيٽن تي آيل ميمبر
بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوالهيار ۾ ڪٽڪ جي پيداوار ۽ منافعي بخش پوک لاءِ آگاهي سيمينار

فوجي فرٽيلائزر ڪمپني جي زير اهتمام سيمينار ۾ زرعي ماهر، آبادگار ۽ اسٽيڪ هولڊرز جي شرڪت

آبادگار پائرن لاءِ سونا سيمينار ۽ جديد زرعي طريقن ذريعي پيداوار وڌائڻ تي زور

ٽنڊوالهيار(ڊ ر) ڪٽڪ جي پيداوار ۾ واڌارو، چئلينجن جي پيش نظر ۽ منافعي بخش ڪٽڪ جي پوک جي موضوع تي ٽنڊوالهيار جي مقامي هال ۾ هڪ آگاهي سيمينار ڪوٺايو ويو فوجي فرٽيلائزر ڪمپني (FFC) جي زير اهتمام هيٺ ڪوٺايل سيمينار ۾ زرعي ماهرن ، آبادگارن ، ڊيلرن ۽ مختلف اسٽيڪ هولڊرز وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي ان موقعي تي
بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 5

سنڌ حڪومت مزدورن جي فلاح و بهبود لاءِ مختلف منصوبن تي عمل ڪري پئي: ڊي سي

مزدورن جي اجرت، ڪم جا ڪلاڪ ۽ حفاظت بابت قانونن تي عمل ڪرائڻ ضروري آهي

ڊي سيز پنهنجي تعلقي سطح تي مزدورن جي تحفظ ۽ جبري پورهئي جي خاتمي لاءِ گڏجاڻيون ڪن

بدين (ڊ ر) بدين ۾ مزدورن جي حقن جي تحفظ ۽ جبري پورهئي جي خاتمي بابت ڊپٽي ڪمشنر ياسر ڀٽي جي صدارت هيٺ اهم گڏجاڻي خبرموجب چيئرمين ڊسٽرڪٽ ويجيلنس ڪميٽي ۽ ڊپٽي ڪمشنر بدين ياسر ڀٽي جي صدارت هيٺ ڪميٽي روم ۾ مزدورن جي حقن جي تحفظ ۽ جبري پورهئي جي خاتمي بابت هڪ اهم گڏجاڻي منعقد ڪئي وئي
بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد: آڱرين تي نئين پائپ لائين وڇائڻ لاءِ کيل روڊ جي کوٽائي جو ڏيک

دادو 27هين ترميم خلاف سنڌ ايڪشن ڪاميٽي جو احتجاج، 10 کان وڌيڪ ڪارڪن گرفتار

سيڪشن پوليس احتجاج کي روڪڻ لاءِ گهوڙها آئيندڙ گڏس ۽ وڏي انگ ۾ لٺ بردار پوليس مقرر ڪري ڇڏي

مختلف سياسي تنظيمن جي اڳواڻن ڪارڪن هٿ ۾ پارٽي جهنڊا کڻي پهتا، پوليس ۽ احتجاج ڪندڙن ۾ بحث

پوليس 10 کان وڌيڪ ڪارڪن ۽ اڳواڻن کي حراست ۾ وٺي ٿاڻي منتقل ڪري ڇڏي

جمهوريت جو جنازو ڪڍيو پيو وڃي، پر سنڌي عوام خلاف سازش ڪامياب نه ٿيندي:اڳواڻ

دادو (ڊ ر) دادو ۾ سنڌ ايڪشن ڪاميٽي جي سڏ تي 27 ترميم خلاف اعلانيل احتجاجي مظاهري کي روڪڻ لاءِ دادو اي سيڪشن پوليس جو علامه آءِ آءِ قاضي لئيبريري پارڪ وٽ گهيراءُ گهوڙها آئيندڙ
بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد: سنڌ ايڪشن ڪميٽي پاران 27هين ترميم خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي، ٻي طرف ڪارڪنن کي گرفتار ڪيو پيو وڃي

ٽنگرپارڪر ۾ ٿريشر مشين هيٺيان اچي همراهه فوت، گهر ۾ ڪهرام

ٽنگرپارڪر (ن ع) ٽنگرپارڪر جي ڳوٺ ڪيپليون ۾ ٻاجهر جو فصل ڪڍڻ لاءِ ٽريڪٽر ٿريشر مشين سميت وڃي رهيو هو ته رستي ۾ ڪڏ اچڻ ڪري ٿريشر مشين ڪلٽي ٿي پئي ٿريشر مشين مٿيان ويٺل 55 سالن جو گينو ڪولهي موقعي تي ئي
بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 5

ٺري ميرواهه: فوتي شخص جو لاش پيل آهي

سيٺارجا لڳ موٽرسائيڪل سلپ ٿي وين سان ٽڪرائجي ويئي، نوجوان فوت، پيڻ زخمي

مهراڻ هاءِ وي تي ڳوٺ مهر جتوئي ويجهو حادثي ۾ سرفراز سنجراڻي فوت ٿي ويو

حادثي ۾ زخمي مقتول جي ڀيڻ ۽ لاش کي پوليس ڪٺائي اسپتال منتقل ڪيو

ٺري ميرواهه (ن ع) ٺري ميرواهه ٿاڻي جي حد ڳوٺ محمد اسماعيل سنجراڻي جو رهواسي نوجوان سرفراز احمد پٽ عبدالمعروف سنجراڻي ڀيڻ سان گڏ پنهنجي ڳوٺ کان ڪنب شهر وڃي رهيو هو ته سيٺارجا ٿاڻي جي حد ڳوٺ مهر علي جتوئي ويجهو مهراڻ هاءِ وي روڊ تي ٿيل هاريل هجڻ
بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 5

ٺري ميرواهه واسين جو هاءِ ڪورٽ جي حڪم باوجود هيوي ٽريفڪ هلڻ خلاف احتجاجي ڌرڻو

مظاهرين امتياز لاشاري، شاهد جوڳي، اي ڊي شر، ايڊووڪيٽ ثناءُالله ويسر ۽ ٻين احتجاج ڪيو

خيرپور ۽ نوابشاهه انتظاميا رشوت عيوض انساني زندگين سان کيڏي رهي آهي، نوٽيس ورتو وڃي: مظاهرين

ايم پي اي ساجد علي ٻانڀڻ ڌرڻي واري هنڌ پهچي مظاهرين سان يڪجهتي جو اظهار ڪيو

ٺري ميرواهه (رپورٽ گلاب سهتو)سٽي گڏس شهر ۾ سول سوسائٽي وڪيلن پيپلزپارٽي جي ورڪرن ۽ چونڊيل ۽ شهرين پاران مهراڻ هاءِ وي تي هلندڙ هيوي ٽريفڪ خلاف ۽ هاءِ ڪورٽ جي حڪمن تي عمل نه ٿيڻ ۽ بغير
بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 5

باقراڻي ۾ ويمر گهر مان چوري جي ڪوشش، جوابدار فرار

باقراڻي(رپورٽ:خدا بخش ابڙو)باقراڻي شهر جي مين روڊ مختيار ڪار آفيس سامهون واقع (شهيد نثار حسين خان ابڙو جي نالي ٿيل عورتن جي ويمر گهر سرڪاري اسپتال ۾ گذريل رات دير سان نامعلوم چور گهڙي اسپتال اندر داخل ٿي چوري جي ڪوشش ڪئي ۽ اسپتال جي
بقايا نمبر 39 ڏسو صفحو 5

پرياسٽي پرسان جوابدارن پورهيت جي گهر کي باهه ڏئي ساڙي ڇڏيو، احتجاج

ڳوٺ مکڻ ڪلهوڙو واسي گلشير ڪلهوڙو گهرڀاتين سميت پريس ڪلب آڏو احتجاج ڪيو

برادري جي بااثرن الهه ڏنو ساڙي رک ڪيو آهي، نوٽيس وٺي انصاف فراهم ڪيو وڃي

پرياسٽي (ن ع) پرياسٽي پرسان ڳوٺ مکڻ ڪلهوڙو ۾ جوابدارن گهر کي باهه ڏئي ڇڏي الهه ڏنو سڙي رک ٿي ويو ان سلسلي ۾ ڳوٺاڻي گلشير ڪلهوڙو پنهنجي ويرسن اٺڙ ۽ معصوم ٻارڙن سان گڏ احتجاج ڪندي ٻڌايو ته برادري جي يعقوب ڪلهوڙو گلزار ڪلهوڙو مسڪين ڪلهوڙو سجاول
بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 5

پرياسٽي لڳ دڙ ۾ جهيڙي دوران مارجي ويل جي عدالتي حڪم تي قبرڪشائي

جوڊيشل مئجسٽريٽ جي اڳواڻي ۾ ميڊيڪل ٽيم عبدالجبار ڀٽي جي قبر ڪشائي ڪئي

ميڊيڪل بورڊ جي ٽيم جزا وٺي ليبارٽري موڪليا، وارثن پاران قاتلن جي گرفتاري جو مطالبو

پرياسٽي (ن ع) پرياسٽي ، اڌائي مهينا اڳ دڙ لڳ جهيڙي ۾ مارجي ويل مقتول جي قبر ڪشائي لاءِ ميڊيڪل بورڊ جي ٽيم پرياسٽي پهتي ، پرياسٽي پرسان ڳوٺ نيوڙو ڀٽي واسي دڙ لڳ جهيڙي ۾ مارجي ويل عبدالجبار ڀٽي جي قبر ڪشائي لاءِ ايڊيشنل سيشن جج فورٽ نواب شاهه جي
بقايا نمبر 38 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد: هڪ پيرسن روڊ ڪناري پکي وڪري لاءِ کڻي ويٺل آهي

پرياسٽي پرسان ڪار جو موٽر سائيڪل کي زوردار ٽڪر، عورت، ٻار سميت 3 ڄڻا زخمي

پرياسٽي (ن ع) پرياسٽي پرسان قومي شاهراهه تي آيان پمپ لڳ تيز رفتار ڪار سوارن جو موٽر سائيڪل سوارن کي زوردار ٽڪر. نتيجي ۾ هڪ معصوم ٽينگري ۽ عورت سميت ٽي ڄڻا سخت زخمي . زخمين شهرين فورن
بقايا نمبر 40 ڏسو صفحو 5

پرياسٽي: قتل ٿي ويل نوجوان جي عدالت جي حڪم تي قبر ڪشائي ڪئي پئي وڃي

خيرپور بينڪ مان رقم ڪيرائي ويندڙ واپاري کان هٿياربند لکين رپيا ڦري ويا، متاثر جو احتجاج

واپاري مبين جتوئي کي فيض آباد اوور هيڊ برج وٽ 3 موٽر سائيڪل سوار هٿياربندن يرغمال بڻايو

هٿياربند 3 لک رپيا، موبائل فون ڦر ڪري آسانيءَ سان فرار ٿي ويا، اطلاع باوجود پوليس ڪارروائي نه ڪئي: متاثر

سڄي زندگي جي جمع پونجي هٿياربند ڦر ڪري فرار ٿي ويا آهن، ڌوهارين کي گرفتار ڪري انصاف ڪيو وڃي

خيرپور(ڊ ر)خيرپور جي اي سيڪشن ٿاڻي جي حد مان ڏينهن ڏٺي جو مقامي بئنڪ مان 3 لک ڪيرائي نيڙهي طرف ويندڙ واپاري مبين جتوئي کي فيض آباد اوور هيڊ برج وٽ 3 موٽر سائيڪل سوار هٿياربندن
بقايا نمبر 41 ڏسو صفحو 5

لاڙڪاڻي جي سڪندر ڪالوني مان 7 مهينا اڳ گم ٿيل ٻه ٽينگريون واپس نه ٿيون، وارثن جو احتجاج

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي شهر جي سڪندر ڪالوني جي رهواسين طرفان پاڪ ڪتاب کٽي مبينا طور 7 مهينا اڳ لاپتا ٿي ويل ٻه ٽينگريون واپس نه ٿيڻ خلاف پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو ان موقعي تي احتجاج ڪندڙ پورهيت
بقايا نمبر 42 ڏسو صفحو 5

مسوبرڳوٺ لڳ سرڻ جي بلڻ مان نڪرندڙ دونهون علائقائي واسين عذاب بڻيل

بلڻ جي ٽونٽين مٿان فلٽر نه لڳائڻ سبب هوا ۾ زهريلو دونهو ڦهلجي لڳو

دونهين سبب مختلف بيماري پکڙجڻ لڳيون، ڊي سي حيدرآباد ڪارروائي ڪري: رهواسي

مسوبرڳوٺ (ن ع) تعلقي حيدرآباد ڀهراڙي جي علائقن ۾ لڳل سرڻ جي وڏن بلڻ مان نڪرندڙ دونهو علائقي واسين لاءِ وڏي تڪليف جو باعث بڻجي ويو . بلڻ جي ٽونٽين مٿان فلٽر نه لڳائڻ سبب هوا ۾ زهريلو دونهو ڦهلجي رهيو آهي جنهن جي نتيجي ۾ بيماريون وڌڻ لڳيون مقامي
بقايا نمبر 43 ڏسو صفحو 5

ميهڙ ۾ واپڊا پيغام يونين اڳواڻن جو استقبال، ملازمن پاران يونين ۾ شموليت جو اعلان

محمد ساجن پنهور ۽ محمد عثمان جوڻيجو جي آمد تي گلن جي ورڪا سان استقبال ڪيو ويو

واپڊا هائيڊرو ليبر يونين جا اڳوڻا عهديدار ۽ لائين مين وڏي انگ ۾ پيغام يونين ۾ شامل

ميهڙ(ن ع) ميهڙ ۾ واپڊا پيغام يونين جي مرڪزي چيئرمين محمد ساجن پنهور ، صوبائي صدر محمد عثمان جوڻيجو ، سکر ريجن جي چيئرمين لياقت علي مهيسر جي ميهڙ جي مقامي ريسٽورينٽ پهچڻ تي شاندار استقبال ڪري گلن جي ورڪا ڪئي وئي ان موقعي تي هڪ تقريب ڪوٺائي
بقايا نمبر 44 ڏسو صفحو 5

اسلام آباد: خاتون اول آصف ڀٽو زرداري سان وفاقي وزير شزا فاطمه ڳالهائي رهي آهي

ٽنڊوآدم گرلز ڊگري ڪاليج ۾ سنڌي شاگرديائين سان امتيازي سلوڪ جو انڪشاف

ليڪچرار شائسته باجوا سنڌي پرنسپل جي مقرري ڪانهي رويو جارحاڻو ٿي ويو: ذريعا

پرنسپل کي لکت ۾ شڪايتن ڏيڻ باوجود ڪا به ڪارروائي نه ٿي، ساجاهه ونڊ پاران نوٽيس جو مطالبو

ٽنڊوآدم (ن ع) ٽنڊوآدم گرلز ڊگري ڪاليج جي ليڪچرار شائسته باجوا جيڪا پوليس عملدار جي گهر واري آهي ان تي الزام آهي ته هوءَ سنڌي شاگرديائين سان تعصب وارو رويو اختيار ڪري رهي آهي. ذريعن موجب سينيئر هئڻ باوجود پرنسپل نه بڻجڻ ۽ سنڌي پرنسپل جي مقرري
بقايا نمبر 45 ڏسو صفحو 5

عرفان صديقي قلم، گفتگو ۽ خدمتن ذريعي قوم لاءِ فڪر ۽ علم جو امر خزانو ڇڏي ويو آهي: ارسلان اسلام شيخ

سکر (بيورو رپورٽ) ميئر سکر ۽ ترجمان سنڌ حڪومت بيرسٽر ارسلان اسلام شيخ سينيٽر عرفان صديقي جي لاڏاڻي تي گهري ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪندي چيو آهي ته سينيٽر عرفان صديقي سياست، صحافت ۽ تدريس جي ميدانن ۾
بقايا نمبر 46 ڏسو صفحو 5

فيصل آباد: هڪ اٺ گاڏي تي فرنيچر نيو پيو وڃي

سامارو ۾ آبادگارن جو مڪئي جو غير معياري ٻج ملڻ خلاف احتجاجي مظاهرو

سامارو(ن ع) عمرڪوٽ تعلقي بودرفارم واري علائقي مڪئي جي غيرمعياري ٻج ملڻ سبب آبادگارن جو مڪئي جو فصل نه ٿيو آهي ٻج جي صرف صرف 5 سيڪڙو جرمينيشن ٿي آهي آبادگارن جو خرچ ۽
بقايا نمبر 47 ڏسو صفحو 5

سنڌ جمهوريت ۽ عدليه تي حملو ڪنهن به صورت ۾ برداشت نه ڪيو ويندو: اياز پليجو

27هين آئيني ترميم سنڌ جي خودمختياري، وسيلن ۽ وحدت تي سڌو حملو آهي

ڪالاباغ ڊيم ڪان سنڌ جي ورهاڱي تائين، هر وقت سنڌي عوام مزاحمت ڪئي ۽ ڪامياب ٿيو

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) قومي عوامي تحريڪ جي سربراهه اياز لطيف پليجي چيو آهي ته سنڌ، جمهوريت ۽ عدليه تي حملو برداشت نه ڪيو ويندو سنڌ جي وسيلن، پاڻي دريائن زمينن خودمختياري، وحدت، اين ايف سي ايوارڊ جي حصي سنڌ ڌرتي جي مالڪي واري حق تي خلاف 27 هين
بقايا نمبر 49 ڏسو صفحو 5

بيگم نصرت ڀٽو گورنمينٽ گرلز ڊگري ڪاليج طرفان يوم اقبال جي مناسبت سان تقريب

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي ۾ بيگم نصرت ڀٽو گورنمينٽ گرلز ڊگري ڪاليج طرفان يوم اقبال جي مناسبت سان شاندار
بقايا نمبر 48 ڏسو صفحو 5

اسلام آباد: هڪ نمائش دوران ڇوڪريون مهندي لڳائي رهيون آهن

جهلوري ۾ معصوم نياڻي قتل ڪيس ۾ غير ذميواري تي پوسٽ انچارج ۽ ٽي سپاهي معطل

ايس ايس پي سب انسپيڪٽر اڪبر لغاري، اهلڪار حيدار، شير زمان ۽ امير بخش کي معطل ڪري ڇڏيو

معطل ٿيل سموري عملي کي پوليس لائين ۾ رپورٽ ڪرڻ جا حڪم جاري ڪيا ويا

ميرپورخاص(بيورو رپورٽ) جهلوري ۾ معصوم نياڻي کي اغوا بعد زيادتي ڪري قتل ڪرڻ واري ڪيس ۾ غير ذميواري ڏيکارڻ تي جهلوري پوليس پوسٽ جو انچارج ۽ 3 سپاهي معطل ميرپورخاص جي شهر جهلوري ۾ 8 سالن جي معصوم نياڻي آمنا ڪنڀاڻي کي اغوا ڪري سائنس
بقايا نمبر 50 ڏسو صفحو 5

لاڙڪاڻي ۾ پاڪستان مرڪزي مسلم ليگ ضلعي پاران ورڪرز ڪنوينشن

ڪنوينشن ۾ فيصل نديم، حافظ محمد انور، امين چنو عرفان ۽ ٻين جي شرڪت

عوام پنهنجي حقن لاءِ گڏجي اٿي بيهي ظالم حڪمرانن کان پنهنجا حق کسي وٺي: فيصل نديم

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي ۾ پاڪستان مرڪزي مسلم ليگ ضلعي طرفان شهر جي هڪ مقامي شادي هال ۾ ورڪرز ڪنوينشن ڪوٺايو ويو جنهن ۾ تنظيم جي صوبائي صدر فيصل نديم،
بقايا نمبر 51 ڏسو صفحو 5

صوبائي صلاحڪار گيانچند ايسراڻي جي هدايت تي نوري آباد لڳ ميڊيڪل ڪيمپ لڳايون ويون

نوري آباد (ن ع) وزير اعليٰ سنڌ جي صلاح ڪار محترم گيانچند ايسراڻي صاحب جي خاص هدايتن تي رهيبيليٽيشن ڊپارٽمينٽ پاران فري ميڊيڪل موبائيل اسپتال جي بن يونٽن اڄ شيخ سومار يوسي اوڳر تعلقو ٿٽو ۾ فري ميڊيڪل هيلٿ يونٽن علاج ۽ ٽيسٽون ڪيون ويون تولل
بقايا نمبر 53 ڏسو صفحو 5

خانڳڙهه ۾ سردار علي گوهر خان مهر ۽ ٻين سان تعزيت جو سلسلو هلندڙ

مخدوم سيد عامر علي شاهه، نثار کهڙو، علي نواز چاچڙ ۽ ٻين تعزيت ڪئي

خانپورمهر (ن ع) خانڳڙهه جي گوهر پئلس ۾ راجا هائوس ۾ مهر سردارن سان تعزيت جو سلسلو هلندڙ آهي ان حوالي سان اين پي اي مخدوم سيد عامر علي شاهه (آرچ شريف) ، نثار احمد کوڙو (سابق وزير ۽
بقايا نمبر 52 ڏسو صفحو 5

ھي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي، عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان ڇپرائي جاري ڪئي.